ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڳارو 21 آڪٽوبر 2025ع 27 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (67)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

گهڻو پوئي چڪا آهيون، دهشتگرديءَ تي ضابطو نه آيو ته خطي جي امن لاءِ سنگين خطرا هوندا: خواجا آصف

پاڪستان مٿان آمريڪا جي چرچ تي ڪابل ۾ حڪومت جي تبديلي جي ڪوشش وارا الزام بي بنياد آهن، اسان کي افغانستان جي معاملن ۾ مداخلت جي ڪا ضرورت ناهي

افغانستان کي ڀارت يا ڪنهن ٻئي ملڪ سان لاڳاپا قائم ڪرڻ جو حق آهي، اسان کي ان تي اعتراض ناهي پر جيستائين اهي لاڳاپا اسان جي سلامتي لاءِ خطرو نه هجن

دهشتگردي سالن کان پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحدي علائقن کي متاثر ڪري پئي، تازو دهشتگردي مسئلو ٻنهي ملڪن وچ ۾ سٽيءَ ريت چڪرين تائين پهچي ويو هو

ٻئي ملڪ دهشتگرديءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪندا نه ته خطي جي امن کي سنگين خطرا درپيش ٿي سگهن ٿا. جنگبندي معاهدو قطر ۽ ترڪي جي ثالثي سبب ٿيو آهي

اسان گذريل سالن ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ڪيو آهي، اميد ته هاڻ امن بحال ٿيندو ۽ پاڪستان ۽ افغانستان جا ناتا معمول تي اچي ويندا ۽ واپار ٽرانزٽ به ٻيهر شروع ٿيندو

جن افغان پناهگيرن وٽ قانوني ويزا ۽ دستاويز آهن اهي پاڪستان ۾ رهي سگهندا. افغان پناهگيرن جو وڏو انگ اهڙو آهي جن وٽ دستاويز ئي ناهن ان لاءِ سندن واپسي جاري رهندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءُ واري وزير خواجا آصف ان الزام کي رد ڪري ڇڏيو آهي ته پاڪستان آمريڪا جي چرچ تي ڪابل ۾ حڪومت جي تبديلي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي خواجا آصف چيو ته مان سخت لفظ استعمال نٿو ڪرڻ چاهيان پر

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڏياريءَ اهو سبق ڏئي ٿي ته روشني هميشه اونداهين تي غالب اچي ٿي: بلاول ڀٽو زرداري

قائدِ عوام ۽ شهيد بي بي جي وژن تحت ترقي پسند ۽ جامع پاڪستان جي تعمير لاءِ پرعزم آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي اسان جي اهم اتحادي آهي ان کانسواءِ حڪومت نٿي هلي سگهي: وفاقي گهرو وزير

گهرو وزير محسن نقوي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري وفاقي حڪومت جو پيغام پهچايو

ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ اختلافن کي خوش اسلوبي سان حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن

موجوده نظام پيپلز پارٽي کانسواءِ نٿو هلي سگهي اسان چاهيون ٿا ته ڪو به اختلاف نه هجي: وفاقي وزير

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) وفاقي گهرو وزير محسن گهرو وزير چيو آهي ته موجوده حڪومت پيپلز پارٽي کانسواءِ نٿو هلي سگهي ۽ بلاول سان ملاقات ۾ پيپلز پارٽي کي هڪ اهم اتحادي قرار ڏنو ويو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پريس ڪلب ڪراچي جو صدر جميل فاضلي پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري کي پنهنجو ڪتاب پيش ڪري رهيو آهي

صوابي پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي گڏيل ڪارروائي، فتنہ الخوارج جا ٻه دهشتگرد مارجي ويا

ڳجهي اطلاع تي دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي فوري ڪارروائي ڪئي وئي

پوليس پڻ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ۽ دهشتگرد رات جي اونداهي جو فائدو ڪڻندي فرار ٿي ويا

پشاور (اي پي پي) صوابي پوليس ۽ سي ٽي ڊي ڳجهي اطلاع تي ميڻٽي اجمير جابلو علائقي ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي فتنہ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

روس کان تيل جي خريداري بند ڪرڻ تائين ڀارت کي تمام گهڻو ٽيرف ادا ڪرڻو پوندو: ٽرمپ

وزيراعظم نريندر مودي يقين ڏياريو آهي ته ڀارت روس کان تيل جي خريداري بند ڪري ڇڏيندو

روس جو تيل ڀارت ۽ آمريڪا وچ ۾ جاري ڳالهين ۾ رڪاوٽ بڻجي چڪو آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر چيو آهي ته ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي کيس يقين ڏياريو آهي ته ڀارت روس کان تيل جي خريداري بند ڪري ڇڏيندو، پر هن خبردار ڪيو ته

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو واقعو، هٿياربندن جي دڪان تي فائرنگ، ٻه ڄڻا قتل

ناگن چورنگي جي علائقي ۾ دڪان تي فائرنگ سبب شاهه احمد ۽ ابوبڪر موقعي تي ئي قتل ٿي ويا

اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ڪارڪن پهچي ويا. لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا

فائرنگ جو واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي ٿو، مذهبي جماعت جي ڪارڪنن کي نشانو بڻايو ويو آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ناگن چورنگي واري علائقي ۾ مسجد صديق اڪبر جي ويجهو هڪ دڪان تي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ماڻهو قتل ٿي ويا. جوابدار فائرنگ ڪان پوءِ آساني سان فرار ٿي ويا. واقعي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڊجيٽل اسڪلز پروگرام نوجوانن کي عالمي معيار جو مهارتن ڏانهن وڏو قدم آهي: رانا مشهود

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پاڪستان جو معاشي دل آهي، ڪاروبار ۽ ڊاچي جي سلامتي پهرين ترجيح آهي: وڏو وزير

سيف سٽي منصوبي بابت تفصيلي جائزي واري اجلاس ۾ فيز ٻئي جي تجويز ڪيل جي منظوري ڏني وئي

منصوبي جي پهرين فيز ۾ معيار يا وقت جي پابندي تي ڪابه غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

ڏوهارين جو رڪارڊ، گاڏين جي رجسٽريشن ۽ نادرا ڊيٽا کي ضم ڪيو وڃي جيئن اسمارٽ پوليسنگ ممڪن ٿئي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سيف سٽي منصوبي (فيز-

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وفاقي وزير رانا ثناءُ الله ميڙاڪي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ جي آئيني بينچ سپر ٽيڪس بابت درخواستن جي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڏياري گڏيل احترام، رواداري ۽ اتحاد جي قدرن کي هٿي وٺرائڻ جي ياد ڏياري ٿي: اعظم نذير تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

زرعي ۽ صنعتي پيداوار وڌائڻ لاءِ بجلي جي فراهمي بابت موثر پاليسي جوڙي وڃي: وزيراعظم

پاور ڊويزن جي سڌارجاتي پئڪيج بابت جائزہ اجلاس ۾ وزيراعظم کي بجلي جي پيداوار ۽ ان جي نوس ۽ موثر استعمال تي امڪاني سڌارجاتي پئڪيج تي بريفنگ ڏني وئي

سمورا ادارا صنعتڪارن ۽ سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ هر ممڪن قدم کڻن، ملڪ ۾ بجلي جي پيداوار وڌ کان وڌ مثبت استعمال کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پاليسي تي ڪم ڪيو وڃي

پاڪستان جي صنعتي ترقي گهريلو، ننڍي ۽ وچولي پئماني جي صنعتن جي ترقي سان مشروط آهي انهن صنعتن، ايس ايم ايز ۾ عورتن جي شموليت وڌائڻ وارا قدم خوش آئنده آهن

گهريلو صنعتن جي رجسٽريشن جي حوصلا افزائي ضروري آهي جيئن انهن کي ڪاروبار کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ قرض حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي، ان حوالي سان آگاهي کي عام ڪيو وڃي

ترقي يافته ملڪن ۾ وڏندڙ صنعتن جو خام مال ايس ايم ايز فراهم ڪري ٿي. زرعي جنسن جي پراسيسنگ جي لاءِ ڳوٺاڻي علائقن ۾ ايس ايم ايز جي حوالي سان تربيت يقيني بڻائي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف توانائي واري وزارت کي بجلي جي پيداوار جي موثر استعمال سان صنعتي پيداوار ۽ زرعي مصنوعات ۾ اضافي جي لاءِ نوس حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته زرعي ۽ صنعتي شعبي کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ صنعتي ۽ زرعي شعبي جي لاءِ پاور ڊويزن جي سڌارجاتي پئڪيج جي حوالي سان جائزہ اجلاس ٿيو وزيراعظم کي پاور ڊويزن پاران ملڪ ۾ بجلي جي پيداوار ۽ ان جي نوس ۽ موثر استعمال تي امڪاني سڌارجاتي پئڪيج تي بريفنگ ڏني وئي وزيراعظم هدايت ڪئي ته ملڪي صنعتي پيداوار کي وڌائڻ جي لاءِ بجلي جي فراهمي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ پاور سيڪٽر بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان ۾ هر برادري کي برابر حقن ۽ هڪ جهڙي ترقي ملڻ گهرجي: شهباز شريف

ڏياري روشنين جو ڏڻ آهي جيڪو اونداهيءَ تي فتح جي جشن جي عڪاسي ڪري ٿو

پاڪستاني هندو جي ناطي اسان پنهنجي معاشري جي گهڻ پاسائين هُنڊ تي فخر ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت هر برادري کي ان جي عقيدي کان هٽي ڪري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ سمورن مذهبن ۾ هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندي رهندي: اسپيڪر

رواداري، گڏيل احترام ۽ برداشت تي ٻڌل معاشرو ئي حقيقي ترقي جو ضامن آهي: سردار اياز صادق

هندو پارليامينٽ ميمبرن ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا جي هندو برادري کي ڏياري جون مبارڪون ڏيون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته رواداري، گڏيل احترام ۽ برداشت تي ٻڌل

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جو عوام ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا بهادري سان دهشتگردي جو مقابلو ڪن پيا: محسن نقوي

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي گهرو وزير سان ملاقات ڪري امن امان جي صورتحال، دهشتگردي واقعن ۽ آپريشن بابت ڳالهيون ڪيون

پوليس ٽريننگ سينٽر ۽ نادرا آفيس ڊي آءِ خان تي حملن ۾ شهيد اهلڪارن کي قوم سلام پيش ڪري ٿي

فتنہ الهندوستان جا دهشتگرد يڪجهتي ۽ امن جا دشمن آهن، انهن جو خاتمو ڪري سک جو ساهه کڻنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ملاقات

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

هڪ زندگي بچائڻ پوري انسانيت کي بچائڻ برابر آهي: پروفيسر احسن اقبال

پنجاب ۾ ٻوڏ دوران ريسڪيو جوانن هزارين ماڻهن کي حفاظت سان محفوظ ماڳن تي منتقل ڪيو

ريسڪيو 1122 جي ڪاميابيءَ ۾ ڊاڪٽر رضوان نصير جون خدمتون تعريف جوڳيون آهن

لاهور (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي

باڪو (اي پي پي) عالمي منڊي ۾ سومر

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت وڏيڪ ضلعن ۾ پيپلز بس سروس ۽ اي وي بسن جا نوان روٽ متعارف ڪرائيندي: شرجيل ميمڻ

سينئر وزير ڪراچي ۾ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي آپريشن ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو ڪيو

سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي منصوبن جو مقصد عوام کي محفوظ، آرامده ۽ سستو سفر فراهم ڪرڻ آهي

پيپلز پارٽي جي قيادت جي اولين ترجيح ٽرانسپورٽ شعبي کي جديد بڻائڻ آهي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ اعلان ڪيو آهي ته سنڌ حڪومت وڏيڪ ضلعن ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪندي ۽ اي وي بسن جا نوان روٽ متعارف ڪرائيندي. سينئر وزير ڪراچي ۾ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي پاران مختلف لوڪل ڪائونسلن جا 14 آفيسر معطل

رڪارڊ مهيا نه ڪرڻ ۽ غفلت جو مظاهرو ڪرڻ تي معطل ڪيل آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس پڻ جاري

معطل ٿيلن ۾ ميرپورخاص، ملي، جهڏو، اسلام ڪوٽ، ڇيلهار ۽ ڪوسڪي جا بلدياتي آفيسر شامل

جيڪي آفيسر آڊٽ پيراز بابت رڪارڊ مهيا نه ڪندا، انهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: نثار کهڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي ۾ آڊٽ رڪارڊ مهيا نه ڪرڻ تي بلديات کاتي جي لوڪل ڪائونسلن جي 14 آفيسرن کي معطل ڪيو ويو آهي. پي اي سي جي حڪمن جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احد چيما جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪچي ۾ امن جو سج اڀري ٿو
سنڌ حڪومت جي عزم جي فتح
سنڌ پوليس جي اڻٿڪ محنت، قربانين ۽ عوامي حوصلي- ڪچي جو علائقو آزاد ڪرايو
صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري ڪچي جي علائقن ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ هڪ تاريخي پاليسي منظور ڪئي آهي.
جنهن تحت سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ ڌاڙيلن جي لاءِ رضاڪارانه طور تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي اسڪيم جي باقاعده شروعات ڪئي وئي آهي.
ڪچي جا 50 ڌاڙيل جن جي سرن جي قيمت مقرر هئي رضاڪارانه طور تي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي راضي ٿي ويا آهن.
ان سلسلي ۾ 22 آڪٽوبر تي هڪ خصوصي پروگرام منعقد ڪيو پيو وڃي
جتي وڏي تعداد ۾ ڪچي جا ڌاڙيل هٿيار ڦٽا ڪري قومي ڌارا ۾ شامل ٿي ويندا.
ڪچي جي اها زمين جيڪا سالن تائين خوف، ڏوهه ۽ بيقيني جي علامت هئي، اڄ امن، اميد ۽ استحڪام جي نئين سڃاڻپ بڻجي رهي آهي
امن جو واعدو- صوبي مان ڏوهن جو خاتمو | گهرو کاتو، حڪومتِ سنڌ
INF/KRY/3441/25

ڪراچي ۾ ڪنوار شانتي جي وحشياڻي قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪيل ڊاڪٽر جي ضمانت رد

ڊاڪٽر رئوف شيخ مقتول کي اسپتال آڻڻ وقت غفلت جو مظاهرو ۽ جوابدار سان ملي ڀڳت ڪئي

جوابدار ڊاڪٽر نه پوليس کي اطلاع ڏنو ۽ نه ئي مريض کي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو: وڪيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سائوٿ نئين پرڻيل عورت شانتي تي تشدد ۽ غير فطري عمل واري ڪيس ۾ ملزم ڊاڪٽر محمد رئوف شيخ جي عبوري ضمانت منسوخ ڪري ڇڏي. پراسيڪيوٽر عرفان قادري عدالت ۾ بيان ڏيندي چيو ته ملزم ڊاڪٽر تي الزام آهي ته هن مقتول کي اسپتال آڻڻ وقت مجرمانه غفلت جو مظاهرو ڪيو ۽ ملزمان سان ملي ڀڳت ڪئي. هن ٻڌايو ته ڊاڪٽر نه پوليس کي اطلاع ڏنو ۽ نه ئي مريض کي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو بلڪه ملزمان کان حلف نامو ورتو ته پوليس کي اطلاع نه ڏنو وڃي. عدالت ۾ وڪيل صفائي جو موقف هو ته ڊاڪٽر جو نالو مقدمي ۾ شامل نه هو ۽ ڪيس سرجري دوران خبر پئي ته زخمن جي شدت گهٽجي آهي. پر عدالت پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته ڊاڪٽر مقتول کي ضروري طبي علاج ڏيڻ بدران سرجري ڪري ڊسچارج ڪيو ۽ واقعي جي باري ۾ پوليس کي اطلاع ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو. پوسٽ مارٽم رپورٽ مطابق مقتول کي ناڪافي ميڊيڪل ٽريٽمينٽ ڏنو ويو عدالت موجب ڊاڪٽر جي غفلت واضح آهي. عدالت سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي حڪم ڏنو ته ڪيس جي ڪاپي موڪلي وڃي ۽ ادارو ڊاڪٽر ۽ لاڳاپيل اسپتال خلاف آزادانه تحقيقات ڪري، جنهن جي بنياد تي قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. ياد رهي ته مقتول شانتي کي سندس مڙس اشو پاران سفاڪيت جو نشانو بڻايو ويو هو ۽ ڪيس ٿاڻي بغدادي ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

بدقسمتي سان معاشري ۾ استادن سندن حق موجب عزت ۽ احترام نٿو ملي: سعيد غني

ڪجهه ڪوتاهيون حڪومتن کان ۽ ڪجهه استادن کان ٿيون جنهن سبب استادن جو مقام گهٽجي ويو

نون ڀرتي ٿيندڙ استادن تي به وڌيڪ ذميواريون آهن، ڇو ته انهن کي ميرٽ تي چونڊيو ويو آهي

ميڊيڪل ۽ تعليم اهڙا شعبا آهن جيڪي نه رڳو روزگار جو ذريعو پر نيڪيءَ جو ڪم به آهن: تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته اسان وٽ ڪجهه ڪوتاهيون حڪومتن کان به ٿيون ۽ ڪجهه استادن کان به جنهن سبب وقت سان گڏ استادن جو مقام گهٽجي ويو پر اڄ به ڪيترائي استاد اهڙن حالتن باوجود ايمانداري ۽ محنت سان پنهنجا فرض نڀائي رهيا آهن. اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن تنظيمِ "تڪريم اساتذه ڪراچي" طرفان ضلعي تعليم آفيس ڊسٽرڪٽ اوير ۾ يومِ اساتذه جي حوالي سان منعقده تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪيو. سعيد غني چيو ته بدقسمتي سان اسان جي معاشري ۾ استادن کي اها عزت ۽ احترام نٿو ملي جنهن جا اهي حقدار آهن جڏهن ته دنيا جي ٻين ملڪن ۾ استادن جو مقام انتهائي بلند ۽ اعليٰ سمجهيو وڃي ٿو. سعيد غني وڌيڪ چيو ته اسان وٽ ڪجهه غلطيون حڪومتن کان ٿيون ۽ ڪجهه استادن کان جنهن جي نتيجي ۾ تدريسي نظام پنهنجي اصل مقام تائين نه پهتو پر جيڪڏهن استاد محنت ۽ لگن سان پنهنجون ذميواريون نڀائيندا ته انشاءَالله اسان اهو مقام ضرور حاصل ڪنداسين جتي تعليم جو معيار عالمي سطح تي پهچ جوڳو بڻجي سگهي ٿو. صوبائي وزير چيو ته تقريب ۾ ٻڌايو ويو ته 100 کان وڌيڪ استاد رٽائر ٿي چڪا آهن. مان انهن کي به صلاح ڏيان ٿو ته جيڪڏهن الله تعاليٰ اوهان کي صحت ۽ همت ڏني آهي ته پنهنجي خدمتن جو سلسلو جاري رکو. اوهان وٽ تجربو گهڻو آهي سرڪاري ذميوارين ختم ٿيڻ بعد اوهان آزاديءَ سان نجي اسڪولن يا ٻين ادارن ۾ ڪم ڪري سگهو ٿا، جنهن سان اوهان جو گذر سفر به ٿيندو ۽ تعليم جي نظام ۾ استادن جي کوٽ به پوري ٿيندي. سعيد غني چيو ته نون ڀرتي ٿيندڙ استادن تي به وڌيڪ ذميواريون آهن ڇو ته انهن کي ميرٽ تي چونڊيو ويو آهي ۽ انهن کان وڏيون اميدون وابسته آهن. جيڪڏهن اهي ايمانداري سان پنهنجو ڪم جاري رکن ته سرڪاري اسڪولن جو معيار به بهتر ٿيندو ۽ انهن جو مقابلو نجي اسڪولن سان ڪري سگهبو. هن وڌيڪ چيو ته استاد پنهنجي ذميواري پوري ڪن ۽ ٻارن کي بهترين تعليم ڏيڻ جو سلسلو جاري رکن ته انشاءَالله سنڌ تعليم جي ميدان ۾ پنهنجو وڃايل مقام ٻيهر حاصل ڪري وٺندو. سعيد غني چيو ته ٻه شعبا، ميڊيڪل ۽ تعليم اهڙا آهن جيڪي نه رڳو روزگار جو ذريعو آهن پر نيڪيءَ جو ڪم به آهن. اسان جي سماج ۾ ڊاڪٽر ۽ استاد جيترو محنت سان ڪم ڪندا اوترو سندن روزي به بهتر ٿيندي ۽ نيڪي به وڌندي. آخر ۾ صوبائي وزير سعيد غني استادن کي شيلڊون پيش ڪيون. تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ اوير جي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جا ڪيترائي استاد ۽ شاگرد موجود هئا. شاگردن استادن جي شان ۾ تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا. رٽائرڊ استادن ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف ۾ 150 شيلڊون ورهايون ويون جڏهن ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ استادن کي 180 ۽ شاندار پرفارمنس ڏيندڙ اسڪولن کي 70 شيلڊون ڏنيون ويون. تقريب جي پڄاڻي تي تعليم کاتي جي آفيسرن صوبائي وزير سعيد غني کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو.

سعودي عرب طرفان پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگبندي معاهدي جي آجيان

امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ سمورن علائقائي ۽ عالمي ڪوششن جي حمايت جو ورجاءُ ڪريون ٿا: پرڏيهي وزارت

هاڪاري قدمن سان ٻنهي ملڪن جي سرحدن تي ٿيل ڇڪتاڻ جو خاتمو ٿيو آهي: بيان ۾ اظهار

رياض (اي پي پي) سعودي عرب قطر جي گادي واري شهر دوحه ۾ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگبندي جي معاهدي جي آجيان ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي عرب جي پرڏيهي وزارت گذريل ڏينهن بيان ۾ چيو آهي ته سعودي عرب امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ سمورن علائقائي ۽ عالمي ڪوششن جي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو بيان ۾ چيو ويو ته سلامتي کي اهڙي طرح يقيني بڻائڻ جا خواهشمند آهيون جنهن سان ٻنهي برادر ملڪن پاڪستان ۽ افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رهي ۽ انهن جو عوام خوشحال رهي. بيان ۾ چيو ويو ته مملڪت ان ڳالهه جي به خواهشمند آهي ته هاڪاري قدمن سان ٻنهي ملڪن جي سرحدن تي ٿيل ڇڪتاڻ جو خاتمو ٿيو. سعودي پرڏيهي وزارت جنگبندي جي حوالي سان قطر ۽ ترڪيه طرفان ڪيل سفارتي ڪوشش کي به ساراهيو.

نار سهڪار ڪائونسل طرفان پاڪستان ۽ افغانستان جنگ بندي معاهدي جي آجيان

معاهدو ٻنهي ملڪن وچ ۾ استحڪام ۽ اعتماد کي مضبوط ڪرڻ ڏانهن هاڪاري قدم آهي: سيڪريٽري جنرل

خطي ۽ سڄي دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ ڳالهين کي هٿي ڏيڻ جي حمايت ڪريون ٿا

رياض (اي پي پي) نار سهڪار ڪائونسل (جي سي سي) پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ دوحه ۾ طئي ٿيل جنگ بندي معاهدي لاءِ قطر ۽ ترڪيه جي سفارتي ڪوششن جي آجيان ڪئي آهي. پرڏيهي خبررسان اداري مطابق اها ڳالهه جي سي سي جي سيڪريٽري جنرل هڪ بيان ۾ چئي. هن چيو ته اهو معاهدو ٻنهي ملڪن وچ ۾ استحڪام ۽ اعتماد جي پل کي مضبوط ڪرڻ ڏانهن هڪ هاڪاري قدم جي نمائندگي ڪري ٿو. هن خطي ۽ سڄي دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ ڳالهين کي هٿي ڏيڻ جي سلسلي ۾ کنيل سمورن قدمن لاءِ جي سي سي جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو ته جيئن قومن لاءِ هڪ وڌيڪ مستحڪم ۽ خوشحال مستقبل جو رستو هموار ڪري سگهجي.

پاڪ سعودي پائيداري ۽ ڊجيٽل شعبي جي ترقي ۾ ايس آءِ ايف سي جو ڪردار اهم قرار

ڳو اي آءِ حب جي باضابطه افتتاح سان پاڪستان ڊجيٽل شعبي اهم سنگ ميل عبور ڪيو آهي

منصوبي جو مقصد پاڪستاني فري لانسرز کي سعودي ۽ عالمي منڊين تائين سڌيءَ رسائي فراهم ڪرڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ - سعودي عرب جي پائيداري ۽ ڊجيٽل شعبي جي ترقي ۾ خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جو ڪردار وڏي اهميت وارو آهي. پاڪ - سعودي سهڪار سان ڳو اي آءِ حب جي باضابطه افتتاح سان پاڪستان جي ڊجيٽل شعبي اهم سنگ ميل عبور ڪيو آهي. تفصيل مطابق ايس آءِ ايف سي جي اثرائتي حڪمت عملي سان پاڪستان ۾ ڊجيٽل ترقي جو نئون دور شروع ٿي ويو آهي. پاڪستان ۽ سعودي عرب مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل واڌ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سهڪار ڪيو آهي. ڳو اي آءِ حب مصنوعي ذهانت، ڊيٽا انفرااسٽرڪچر ۽ هنر مند افرادي سگهه کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. منصوبي جو مقصد پاڪستاني فري لانسرز کي سعودي عرب ۽ عالمي منڊين تائين سڌيءَ ريت رسائي فراهم ڪرڻ آهي. اهو قدم پاڪستان جي ڊجيٽل نيشن ويزن سان هم آهنگ ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل معيشت جو بنياد آهي.

گورنمينٽ آف سنڌ
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

پبلڪ نوٽيس:
اشتهار جي منسوخي
(INF-KRY-1951/25)

اشتهار جيڪو 13 جون 2025 تي روزاني ايڪسپريس (اردو)، روزاني ڊان (انگلش) ۽ روزاني ڪاوش (سنڌي) ۾ INF/KRY No. 1951/2025 موجب سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ (SEF) پروپوزلز (RFPs) جي سلسلي ۾ نيو فائونڊيشن اسسٽڊ اسڪولز (FAS) اڪيڊمڪ سال 26-2025 کي فوري طور منسوخ/ختم ڪيو وڃي ٿو.

سمورن درخواستگذارن (شخصن/ آرگنائزيشنز) کي هن وسيلي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته پنهنجا اصل پي آرڊرز جيڪي پورپوزلز سان جمع ڪيا ويا هئا اهي پنهنجي لاڳاپيل سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) جي ضلعي آفيسن وٽان 27 آڪٽوبر، 2025 ۽ 30 نومبر، 2025 جي وچ ۾ ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي آفيس وقت دوران حاصل ڪري وٺن.

درخواستگذارن کي گذارش آهي ته اهي پنهنجا پي آرڊر حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺيان دستاويز پيش ڪن.

- شخص: ڪمپيوٽرائيزڊ سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي.
- آرگنائزيشنز: اٿارٽي ليٽر آفيس جي ليٽر هيڊ تي مجاز نمائندي جي ڪمپيوٽرائزڊ سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي سميت.
- جيڪڏهن درخواستگذار (شخص يا آرگنائزيشنز) جيڪڏهن پاڻ ذاتي طور پي آرڊر حاصل نٿا ڪري سگهن ته هڪ اٿارٽي ليٽر ڪنهن مجاز شخص کي ته اهو ان جي پاران حاصل ڪري جنهن ۾ ٻنهي جي ڪمپيوٽرائيزڊ جي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي درخواستگذار ۽ مجاز شخص جي پيش ڪري.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، حڪومت سنڌ، سنڌ کي تعليم وسيلي مضبوط بنائڻ

وڌيڪ اسسٽنٽس (جيڪڏهن آهي ته) مهرباني ڪري ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي آفيس وقت دوران رابطو ڪيو.

021-99333244-246

ڊائريڪٽر (P&P)
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، حڪومت سنڌ

INF/KRY No.3382/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

بقايا 1 بلاول ڀٽو زرداري

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڏياريءَ جي خوشي واري موقعي تي پاڪستان سميت سڄي دنيا جي هندو برادريءَ کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ڏياريءَ اهو سبق ڏئي ٿي ته روشني هميشه اونداهين تي غالب اچي ٿي جڏهن ته سچ، امن ۽ محبت نفرت ۽ ورهاست تي هميشه فتح حاصل ڪن ٿا. هن چيو ته اسان قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن جي پيروي ڪندي هڪ ترقي پسند ۽ جامع پاڪستان جي تعمير لاءِ پرعزم آهيون جتي سڀ مذهبن جا ماڻهو وقار ۽ هم آهنگي سان گڏجي زندگي گذارين. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي ثقافتي ۽ قومي زندگي ۾ هندو برادري جون خدمتون انتهائي قيمتي آهن جيڪي هميشه قدر جي لائق رهنديون. پيپلز پارٽي چيئرمين چيو ته ڏياريءَ جي حقيقي روح ـ همدردي، اتحاد ۽ اميد ـ کي دل سان اپنائڻ گهرجي، ۽ منهنجي دعا آهي ته ڏياريءَ جي روشنين وانگر اوهان جون زندگيون به خوشين، هم آهنگي ۽ خوشحالي سان هميشه روشن رهن.

بقايا 2 وزيراعظم

جي حوالي سان پاور ڊويزن جامع ۽ موثر پاليسي سفارشون جوڙي. صنعتي پيداوار بابت سمورا ادارا صنعتڪارن ۽ سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ هر ممڪن قدم کڻن. ملڪ ۾ بجلي جي پيداوار وڌ کان وڌ مثبت استعمال کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پاليسي تي ڪم ڪيو وڃي. هن چيو ته بجلي جي پيداوار جو بهترين استعمال صنعتي مصنوعات ۽ زرعي پيداوار ۾ اضافي جي لاءِ ڪري سگهجي ٿو. وزيراعظم توانائي واري وزارت کي بجلي جي پيداوار جي موثر استعمال سان صنعتي ۽ زرعي پيداوار ۾ اضافي جي لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙڻ ۽ پاور ڊويزن کي سيڙپڪارن ۽ صنعتڪارن جي سهولت لاءِ مختلف سفارشون جوڙڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس خان لغاري، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، اقتصادي معاملن واري ڊويزن جي وفاقي وزير احد خان چيما، صنعت واري صلاحڪار هارون اختر ۽ ٻين لاڳاپيل سرڪاري عملدارن آفيسرن ۽ اهلڪارن شرڪت ڪئي. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف گهريلو صنعتن جي رجسٽريشن جي حوصلا افزائي تي زور ڏيندي چيو ته پاڪستان جي صنعتي ترقي گهريلو ننڍي ۽ وچولي پئماني جي صنعتن جي ترقي سان مشروط آهي. هو ڪالهه سومر ڏينهن پنهنجي صدارت ۾ سميڊا جي نئين سر جوڙجڪ ۽ ايس ايم ايز جي ترقي تي جائزه اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو. اجلاس ۾ وفاقي وزير احد خان چيما، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، عطاءُ الله تارڙ خاص معاون هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سميڊا جي نئين سر جوڙجڪ ۽ ايس ايم ايز جي ترقي بابت قدمن تي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان جي صنعتي ترقي گهريلو ننڍي ۽ وچولي پئماني جي صنعتن جي ترقي سان مشروط آهي. ننڍي ۽ وچولي درجي جي صنعتن، ايس ايم ايز ۾ عورتن جي شموليت کي وڌائڻ جي لاءِ قدم خوش آئنده آهن ان حوالي سان آگاهي کي عام ڪرڻ جي ضرورت آهي. وزيراعظم گهريلو صنعتن جي رجسٽريشن جي حوصلا افزائي جي ضرورت تي زور ڏنو ته جيئن انهن کي ڪاروبار کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ قرض حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته سميڊا جي روڊ ميپ جي لاڳو ٿيڻ جو واضح مدو طئي هجي ۽ عملدرآمد جلد کان جلد يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته پاڪستان جي صنعتي ترقي، گهريلو ننڍي ۽ وچولي درجي جي صنعتن جي ترقي سان مشروط آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ وڏين صنعتن جو خام مال ايس ايم ايز فراهم ڪري ٿي. زرعي جنسن جي پراسيسنگ جي لاءِ ڳوٺاڻي علائقن ۾ ايس ايم ايز جي حوالي سان تربيت يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم سميڊا جي نئين سر تنظيم سازي ۽ ايس ايم ايز جي ترقي لاءِ صنعت ۽ پيداوار واري وزارت جي قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. اجلاس دوران بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ ايس ايم ايز جي ترقي لاءِ آفيسون کوليون ويون آهن جنهن کي عوام ۽ چيمبرز پاران ساراهيو پيو وڃي. سميڊا جو نجي شعبي جي ماهرن تي ٻڌل بورڊ جوڙيو ويو آهي جڏهن ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جي مقرري جو عمل مڪمل ڪيو ويندو. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته اسٽيئرنگ ڪميٽي جي حڪمن جي ڪري ايس ايم ايز جي صلاحيت، قرضن جي فراهمي، سيڙپڪاري ۽ گڏيل حصيداري ۾ تمام وڏو اضافو ٿيو آهي. عورتن جي ايس ايم ايز شعبي ۾ حوصلا افزائي جي لاءِ عورت انٽرپرينيورشپ پليٽ فارم جوڙيو پيو وڃي جيڪو مصنوعي ذهانت تي ٻڌل هوندو. اهو پليٽ فارم عورتن کي ڪاروباري شعبي جي حوالي سان مڪمل معلومات فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ رجسٽريشن، ٽيڪس معاملن ۽ هنر جي آگاهي به ڏيندو. اجلاس ۾ ايس ايم ايز کي رسمي معيشت جو حصو بڻائڻ جي لاءِ قدمن جو روڊ ميپ به شامل ڪيو ويو آهي.

بقايا 3 محسن نقوي

ڪئي جنهن ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال، دهشتگردي جي تازن واقعن ۽ جاري آپريشن بابت خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي. گهرو وزارت جي ترجمان مطابق ملاقات ۾ فتنه الخوارج خلاف مختلف ضلعن ۾ جاري ڪارروائين، پاڪ افغان سرحدي حالتن ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ کنيل قدمن بابت ڳالهه ٻولهه ٿي. ٻنهي اڳواڻن ڪي پي ڪي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي قربانين کي ساراهيو ۽ سندن خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو. محسن نقوي چيو ته پوليس ٽريننگ سينٽر ۽ نادرا آفيس ديره اسماعيل خان تي حملن ۾ شهيد ٿيل اهلڪارن کي سموري قوم سلام پيش ڪري ٿي. هنن متاثر عمارتن جي نئين سر بحالي جي عمل بابت به ڳالهه ٻولهه ڪئي. گهرو وزير جو چوڻ هو ته خيبرپختونخوا جو عوام ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا بهادريءَ سان دهشتگردي جي ناسور جو مقابلو ڪري رهيا آهن. فتنه الهندوستان جا دهشتگرد پاڪستان ۾ يڪجهتي ۽ امن جا دشمن آهن. انهن ناپاڪ عنصرن خلاف آپريشن جاري رهندو ۽ اسان پاڪستان جي سرزمين تان فتنه الهندوستان جو خاتمو ڪري سک جو ساهه کنداسين. محسن نقوي واضح ڪيو ته وفاقي حڪومت صوبي ۾ امن امان جي قيام ۽ دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ ڀرپور سهڪار فراهم ڪري رهي آهي. ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جا ناپاڪ عزم ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته خيبرپختونخوا جو عوام امن جو امين آهي، صوبي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ امن انتهائي اهم آهي ۽ ملڪ ۽ قوم جي دشمن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن وقت جي ضرورت آهي. ٻنهي اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ملڪ دشمن عنصرن خلاف ڪارروائيون پوري قوت سان جاري رهنديون ته جيئن صوبي ۾ پائيدار امن کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 4 رڪارڊ

تي خام تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي. گذريل ڏينهن ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن لنڊن انٽر ڪانٽيننٽل ايڪسچينج ۾ برينٽ ڪروڊ جي قيمت 0.32 ڊالر جي لاٿ سان 60.97 ڊالر في بيرل تي اچي وئي آهي. جڏهن ته نيويارڪ مرڪنٽائيل ايڪسچينج ۾ لائيٽ ڪروڊ آئل جي قيمت 0.32 ڊالر جي گهٽتائي سان 57.21 ڊالرز في بيرل تي بند ٿي. ماهرن مطابق خام تيل جي قيمتن ۾ اها گهٽتائي عالمي طلب ۾ سستي ۽ عالمي توانائي جي منڊين ۾ وڌاءُ سبب سامهون آئي آهي.

بقايا 5 احسن اقبال

خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته هڪ زندگي بچائڻ پوري انسانيت کي بچائڻ برابر آهي. اسان جا ريسڪيورز روزانو ڪيترين ئي زندگيون بچائين ٿا. هن انهن خيالن جو اظهار ڪالهه ڪوٽ ڪر نياز بيگ ۾ ايمرجنسي سروسز اڪيڊمي ۾ منعقد نيشنل ريسڪيو چيلنج 2025ع کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته 2008ع ۾ جڏهن مون تي قاتلاڻو حملو ٿيو ته ريسڪيو 1122 جي اهلڪارن مون کي وقت سر اسپتال پهچايو. هن چيو ته پنجاب ۾ ٻوڏ ناروال کان شروع ٿي ۽ ريسڪيو جي جوانن هزارين ماڻهن کي وقت سر حفاظت سان محفوظ ماڳن تي منتقل ڪيو. هن چيو ته ايندڙ نيشنل ريسڪيو چيلينج ۾ عورتن جي وڌيڪ شموليت ڏسڻ چاهيون ٿا. جيڪڏهن عورتون ريسڪيو سروس جو حصو بڻجن، عورتن کي ريسڪيو ڪرڻ ۾ ايتري ئي آساني ٿيندي ڇاڪاڻ ته عورتون هاڻ ڪنهن به ميدان ۾ مردن کان گهٽ ناهن. هن ٻڌايو ته 1998ع ۾ جڏهن وزيراعظم محمد نواز شريف ايٽمي ڌماڪا ڪيا ته ڊاڪٽر عبدالقدير خان هڪ اهم منصوبي جي سلسلي ۾ مون وٽ آيو. مون کانئس پڇيو ته جڏهن اسان ايٽمي طاقت حاصل ڪئي ته ڪو ملڪ اسان سان گڏ نه هو ڪنهن امداد نه ڏني پوءِ اوهان اها ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي؟ ڊاڪٽر عبدالقدير خان جنهن ڪاميابيءَ جو فارمولو ٻڌايو اهوئي فارمولا مون کي ريسڪيو ادارن ۾ نظر اچي ٿو ته اداري جو هر فرد چاهي اهو سيڪيورٽي گارڊ هجي يا ڊرائيور پنهنجو پاڻ کي مشن جو حصو سمجهي ٿو. وفاقي وزير چيو ته ريسڪيو 1122 جي ڪاميابيءَ ۾ ڊاڪٽر رضوان نصير جهڙي باصلاحيت قيادت جون خدمتون تعريف جوڳيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن موجوده حڪومت اقتدار سنڀاليو ته معيشت تباهه حال هئي ۽ ماڻهو چئي رهيا هئا ته پاڪستان جو ڏيوالو ٿيڻ وڃي رهيو آهي پر وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ اسان نه صرف معيشت کي ڏيوالي ٿيڻ کان بچايو پر صرف 2 سالن ۾ ان کي ترقيءَ جي پٽڙيءَ تي آندو جيڪا هڪ مثالي ڪاميابي آهي. وفاقي وزير چيو ته حق جي ويڙهه کانپوءِ ترقيءَ جي ويڙهه لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اڄ پوري دنيا ۾ پاڪستان جي معيشت جي بحاليءَ جا چرچا آهن. هن چيو ته هٿياربند فوج ڀارتي اڳرائيءَ جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو. وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جي بهترين حڪمت عملي سان حق جي ويڙهه ۾ عظيم فتح ملي. وفاقي وزير چيو ته اڄ پاڪستان جو آڌار نوجوانن کي تعليم ۽ روزگار جا ڀرپور موقعا فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن ملڪي ترقيءَ ۾ نوجوانن جو ڪردار وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي. هن چيو ته نيشنل ريسڪيو چيلنج 2025ع جهڙا مقابلا پاڪستان جي ايمرجنسي سروسز وچ ۾ پيشيوراڻي مهارت، نظم ۽ ضبط ۽ عملي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. نيشنل ريسڪيو چيلنج دوران پاڪستان جون سرفهرست ريسڪيو ٽيمون پنهنجي ڪارڪردگي، مهارت ۽ ٽيم ورڪ ذريعي ايمرجنسي حالتن کي منهن ڏيڻ جو عملي مظاهرو ڪري رهيون آهن. هن چيو ته ان چئلينج ۾ پنجاب، سنڌ، ڪي پي ڪي ۽ گلگت بلتستان سميت ملڪ جي مختلف حصن مان 15 قومي ٽيمن حصو ورتو جن سنسني خيز ۽ منفرد لائيو ريسڪيو آپريشن پيش ڪيا جن ۾ حادثا، باهه وسائڻ، بلندي تي ۽ گهري پاڻيءَ ۾ امدادي ڪارروايون جهڙا مقابلا شامل آهن. هن چيو ته اهڙا مقابلا نه صرف ريسڪيو عملي جي فني مهارتن ۾ واڌ ڪن ٿا پر مختلف صوبن ۽ ادارن وچ ۾ سهڪار ۽ تجربن جي مٽاسٽا کي پڻ هٿي ملي ٿي. ان موقعي تي صوبائي وزير خواجه سلمان رفيق، ڊي جي ريسڪيو ڊاڪٽر رضوان نصير سميت ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 6 شرجيل ميمڻ

آپريشن ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو ڪيو. ان موقعي تي هن سينٽر جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو جتي آفيسرن کيس آپريشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جو ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جديد ترين سهولتن سان ليس آهي جتان کان پيپلز بس سروس، گرين لائين ۽ اورينج لائين جي نگراني ڪئي ويندي آهي. انهن منصوبن جو مقصد عوام کي محفوظ، آرامده ۽ سستو سفر فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو ته گرين لائين بس سروس وفاقي حڪومت جو منصوبو هو. جڏهن اهو سنڌ حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آيو ته ان جي روزاني سواري 55 هزار کان وڌي 83 هزار ٿي وئي. اهڙي طرح روزانو 30 هزار وڌيڪ ماڻهو گرين لائين بي آر ٽي مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. سينئر وزير چيو ته پاڪستان جي پهرين اي وي بس سروس جي نگراني به هن سينٽر تان ڪئي ويندي آهي. پيپلز بس سروس حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد ۾ ڪاميابي سان هلي رهي آهي. اسان جو ارادو آهي ته هن سال ٽن کان چار ضلعن ۾ بس سروس شروع ڪئي وڃي. ان کان علاوه اي وي بسن جا نوان روٽ متعارف ڪرايا ويندا ته جيئن وڌيڪ کان وڌيڪ ماڻهن کي بهتر سفري سهولتون ملي سگهن. هن چيو ته هن سال ڪراچي ۾ ڊبل ڊيڪر بس سروس پڻ شروع ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته ٽرانسپورٽ کاتي جي ترجيح صوبي جي هر شهر ۽ علائقي ۾ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. سنڌ حڪومت هر مسافر کي سبسڊي ڏئي رهي آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف علي زرداري، وزيراعليٰ سنڌ ۽ سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ماڻهن کي وڌيڪ ۽ سستي سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن لاءِ 500 وڌيڪ اي وي بسون شروع ڪرڻ واري آهي. پيپلز پارٽي جي قيادت جي اولين ترجيح ٽرانسپورٽ شعبي کي جديد بڻائڻ آهي ته جيئن ماڻهن کي بهترين سهولتون ملي سگهن. پاڪستان جي پهرين عورتن لاءِ پنڪ بس سروس سنڌ حڪومت پاران شروع ڪئي وئي هئي. هاڻي عورتن لاءِ پنڪ بس سروس انهن شهرن ۾ پڻ متعارف ڪرائي ويندي جتي پيپلز بس سروس ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته ڪم ڪندڙ عورتن ۽ شاگرديائين کي مفت اي وي اسڪوٽيون فراهم ڪيون پيون وڃن. اسان جي ڪوشش آهي ته صوبي جي انهن عورتن يا شاگرديائين کي مفت اسڪوٽيون فراهم ڪيون وڃن جن وٽ ڊرائيونگ لائسنس ۽ سڃاڻپ جا ثبوت آهن. عورتن کي ڊرائيونگ لائسنس حاصل ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي. سنڌ حڪومت عورتن کي مفت ڊرائيونگ ٽريننگ فراهم ڪري رهي آهي ۽ لائسنس پڻ مفت جاري ڪيا پيا وڃن. عورتون iWorkforSindh.com ويب سائيٽ تي فارم ڀري رجسٽر ٿي سگهن ٿيون. ساڳئي ويب سائيٽ ذريعي سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين لاءِ به درخواست ڏئي سگهجي ٿي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت سمورن شعبن کي ڪور ڪيو وڃي ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اي وي بس سروس شروع ڪرڻ جو مقصد ماحولياتي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي. جلد ئي عورتن لاءِ هڪ اي وي ٽيڪسي سروس ۽ هڪ پنڪ ٽيڪسي سروس پڻ شروع ڪئي ويندي جنهن ۾ عورت ڊرائيور هونديون ته جيئن عورت مسافر وڌيڪ محفوظ محسوس ڪن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته برسات کان متاثر ٿيندڙ روڊن جي مرمت جاري آهي. انهن رستن تي بهتري جو ڪم ڪيو پيو وڃي جتي مسئلا آهن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي آهي ته بسون وڌ کان وڌ هلايون وڃن. انشاءَالله ٿي هر هفتي بسون نظر اينديون. ٽرانسپورٽ کاتو ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ڊالر جي قيمت ۾ واڌ ۽ تعميراتي مواد جي وڌيڪ قيمت سبب ڪجهه منصوبا دير جو شڪار ٿيا آهن. تنهن هوندي به هاڻي اهي مسئلا ختم ٿي ويا آهن. ييلو لائين بي آر ٽي جو اهم حصو سينيٽر تاج حيدر پل مڪمل ٿي چڪو آهي جيڪو جلد ئي عوام لاءِ کوليو ويندو. شاهراهه ڀٽو جا به مرحلا مڪمل ٿي چڪا آهن باقي ڪم به جلد مڪمل ڪيو ويندو. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾، هن چيو ته سنڌ ۾ انهن سمورين عورتن جيڪي ملازم آهن يا شاگرديائيون آهن ۽ جن وٽ ڊرائيونگ لائسنس آهي انهن کي مفت گلابي اسڪوٽيون فراهم ڪيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته صدر آصف علي زرداري هميشه هارين ۽ آبادگارن جي حوصلا افزائي جي حق ۾ رهيو آهي. ڪجهه پاليسين يا آءِ ايم ايف جي شرطن جي ڪري، هن سال ڪڻڪ جي سپورٽ قيمت مقرر نه ڪئي وئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي ڪڻڪ درآمد ڪرڻي پوندي آهي ۽ اربين رپيا پرڏيهي مٽا سٽا ۾ خرچ ٿيندا. جيڪڏهن هارين کي ترغيب نه ملندي ته هو ڪڻڪ نه پوکيندا. پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت هميشه هارين کي ڪڻڪ جي امدادي قيمت ڏني آهي. هن چيو ته 2008ع ۾، صدر آصف علي زرداري جي دور ۾، پاڪستان ڪڻڪ درآمد ڪرڻ بدران برآمد ڪرڻ شروع ڪئي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته ڪڻڪ جي امدادي قيمت 4200 رپيا في من مقرر ڪئي وڃي ته جيئن ملڪ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار وڌي ۽ هاري خوشحال ٿين. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾، هن چيو ته ڪنهن به غير قانوني مهاجرن سميت افغان پناهگير به شامل آهن جن کي ملڪ ۾ نه رهڻ گهرجي. دنيا ۾ اصول اهو آهي ته جيڪو به ڪنهن به ملڪ ۾ وڃي ٿو ويزا سان گڏ ويندو آهي ۽ مدت ختم ٿيڻ کان بعد واپس ايندو آهي. پاڪستان ۾ غير قانوني افغان شهري واپس موڪليا پيا وڃن. انهن جون خالي ڪيل جڳهيون حڪومت جي ملڪيت آهن ۽ حڪومت انهن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺندي.

بقايا 7 معطل

روشني ۾ بلديات کاتي صوبائي وزير جي منظوري سان مختلف لوڪل ڪائونسلن جي 14 آفيسرن کي معطل ڪري، شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. پي اي سي کي آڊٽ رڪارڊ جمع نه ڪرائڻ تي معطل ٿيندڙن ۾ ميونسپل ڪارپوريشن ميرپورخاص جو ميونسپل ڪمشنر انيس الرحمان سيال، ٽائون ميونسپل ڪمشنر ميرپورخاص ممتاز علي چنڙ ۽ ميونسپل ڪميٽي ملهي جو چيف ميونسپل آفيسر سعيد احمد بروهي شامل آهن. معطل ٿيندڙ ٻين لوڪل ڪائونسل جي آفيسرن ۾ ٽيڪسيشن آفيسر جهڏو عشرت حسين منگي، ٽائون ڪميٽي اسلام ڪوٽ ۽ چيلهار جو ٽائون آفيسر امتياز علي راهپوٽو، ٽائون ڪميٽي ڪوسڪي جو ٽائون آفيسر ذوالفقار علي کيهر شامل آهن. معطل آفيسرن ۾ ٽائون آفيسر ڪاشف ٿهيم، ٽائون آفيسر ثناءُ الله ابڙو، ٽائون آفيسر دلاور منگريو ۽ ٽائون آفيسر زاهد علي ناريجو شامل آهن. لوڪل ڪائونسلن جي معطل ٿيل آفيسرن ۾ ٽائون آفيسر شمشير علي شاهه، ٽائون آفيسر پرويز علي ڀٽو، ٽائون آفيسر عامر علي سومرو ۽ ٽائون آفيسر فرحان علي لغاري پڻ شامل آهن. پي اي سي کي رڪارڊ مهيا نه ڪرڻ ۽ غفلت جو مظاهرو ڪرڻ تي معطل ڪيل 14 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس پڻ جاري ڪيا ويا آهن. پي اي سي چيئرمين نثار کهڙو چيو آهي ته آڊٽ جو رڪارڊ مهيا نه ڪرڻ غفلت جي زمري ۾ اچي ٿو. جيڪي آفيسر آڊٽ پيراز بابت رڪارڊ مهيا نه ڪندا، انهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 8 اسپيڪر

معاشرو ئي حقيقي ترقي جو ضامن آهي. پارليامينٽ سمورن مذهبن جي مڃيندڙن وچ ۾ هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهندي. گذريل ڏينهن ڏياري جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن هندو برادري سان تعلق رکندڙ پارليامينٽ ميمبرن ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا جي هندو برادري کي ڏياري جون مبارڪون ڏنيون. هن چيو ته پارليامينٽ ملڪ ۾ رهندڙ سمورن مذهبن جي مڃيندڙن جي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته قومي يڪجهتي ۽ مذهبي هم آهنگي پاڪستان جي استحڪام ۽ ترقي جي ضامن آهي. پاڪستان جو آئين اقليتن جي حقن جي تحفظ جي ضمانت ڏئي ٿو. پاڪستان ۾ هر شهري کي پنهنجي مذهبي عقيدي ۽ رسمن موجب زندگي گذارڻ جي مڪمل آزادي حاصل آهي. ملڪي تعمير ترقي ۾ اقليتي برادري جو ڪردار واکاڻ جوڳو آهي.

بقايا 9 شهباز شريف

برابر حق ۽ ترقي جا هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ موجود هندو برادري کي ڏياري جي مبارڪباد ڏيندي وزيراعظم چيو ته ڏياري روشنين جو ڏڻ آهي ۽ روشني جي اونداهي تي ۽ اميد جي مايوسي تي فتح جي جشن جي عڪاسي ڪري ٿو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته ڏياري ملهائڻ وقت اچو اسان سڀ گڏجي مستقبل کي مثبت سوچ ۽ اتحاد جي نظريي سان ڏسون. وزيراعظم چيو ته پاڪستاني هجڻ جي ناطي اسان پنهنجي معاشري جي گهڻ پاساين هجڻ تي فخر ڪريون ٿا. جيڪا اسان جي قومي ڌارا کي مضبوط بڻائي ٿي ۽ اسان جي گڏيل ثقافت کي سگهه بخشي ٿي. وزيراعظم چيو ته ان موقعي تي هو پاڪستان ۾ هندو برادري جي اڻٿڪ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو جنهن جو اسان جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي شعبن ۾ ڪردار اسان جي قوم کي مضبوط بڻائي رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ گهڻ پاساوان عقيدا اسان جي شهرين جي وچ ۾ اتحاد جو هڪ حقيقي ذريعو آهن. هندو ۽ ٻين اقليتي برادرين سان تعلق رکندڙ پاڪستانين کي پنهنجي ملڪ جي ترقي جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀينرن ۽ ڀائرن سان گڏ ڪم ڪندي ڏسي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿئي ٿي. وزيراعظم چيو ته بابائي قوم قائداعظم محمد علي جناح هڪ اهڙي پاڪستان جو تصور ڏنو هو جتي سڀني برادرين کي مذهب، نسل يا ذات جي بنياد تي بنا ڪنهن فرق جي آزادي حاصل هجي. حڪومت انهن قدرن کي برقرار رکڻ ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهي ته پاڪستان ۾ هر برادري کي ان جي عقيدي کان هٽي ڪري برابر حقن ۽ هڪ جهڙي ترقي جا موقعا حاصل هجن. هن هندو برادري جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته روشنين جو هي ڏڻ انهن جي زندگين ۾ امن ۽ خوشي آڻي ۽ اسان جي ملڪ ۾ سمورن مذهبن جي ماڻهن جي وچ ۾ اتحاد ۽ ڀائيچاري جي مضبوط رشتي کي وڌائي.

بقايا 10 خواجه آصف

اهو سراسر فضول آهي. اسان کي افغانستان جي معاملن ۾ مداخلت جي ڪا ضرورت ناهي. گذريل 4، 5 ڏهاڪن ۾ اسان گهڻو ڪجهه برداشت ڪيو آهي. هاڻ رڳو هڪ مهذب پاڙيسري جيان رهڻ چاهيون ٿا. هن اهو خيال به رد ڪيو ته آمريڪا طالبان حڪومت خلاف ڪنهن قسم جي سازش ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته افغانستان کي ڀارت يا ڪنهن ٻئي ملڪ سان لاڳاپا قائم ڪرڻ جو حق آهي. اسان کي ان تي اعتراض ناهي جيستائين اهي لاڳاپا اسان جي سلامتي لاءِ خطرو نه هجن. خواجه آصف دعويٰ ڪئي ته ڪابل حڪومت چڱي ريت ڄاڻي ٿي ته ٽي ٽي پي انهن جي سرزمين تان ڪم ڪري رهي آهي ۽ غير رسمي طور هو ان جو اعتراف به ڪن ٿا. ماضي ۾ اهي انهن ويڙهاڪن کي سرحد کان پري منتقل ڪرڻ جي ڳالهه به ڪري چڪا آهن. هن چيو افغان پناهگير ڪيترن ئي سالن تائين اسان جا مهمان رهيا، هاڻ هو واپس وڃي رهيا آهن ته انهن لاءِ دعاگو آهيون ته انهن کي پنهنجي ملڪ ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحالي نصيب ٿئي. ٻئي طرف بچاءُ واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ معاهدي جو بنيادي مقصد دهشتگرديءَ جي مسئلي جو خاتمو ڪرڻ آهي. معاهدي جي تفصيلن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ هڪ ٻيو اجلاس ايندڙ هفتي استنبول ۾ ٿيندو. اميد آهي ته هاڻ امن بحال ٿيندو ۽ پاڪستان ۽ افغانستان جا ناتا معمول تي اچي ويندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگبندي معاهدي جي حوالي سان الجزيره کي انٽرويو ڏيندي ڪيو. هن چيو ته قطر جي امير شيخ تميم بن حمد آل ثاني، ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان ۽ ترڪيه جي وفد جي سربراهه ابراهيم جا ٿورا ادا ڪريون ٿا. بچاءُ واري وفاقي وزير چيو ته دهشتگردي سالن کان پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحدي علائقن کي متاثر ڪري رهي آهي. گذريل هفتي دهشتگردي جو مسئلو ٻنهي ملڪن وچ ۾ سڌيءَ ريت ڳالهين ذريعي حل ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي ملڪ ان نتيجي تي پهتا آهن ته دهشتگرديءَ جو خاتمو فوري ضروري آهي. ٻئي ملڪ دهشتگرديءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ سنجيده ڪوشش ڪندا نه ته خطي جي امن کي سنگين خطرا درپيش ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته هي معاهدو بنيادي طور تي قطر ۽ ترڪيه جي ڪاوشن سبب ٿيو آهي. معاهدي جي تفصيلن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ هڪ ٻيو اجلاس ايندڙ هفتي استنبول ۾ ٿيندو جنهن ۾ معاهدي جي تفصيلن تي اتفاق ڪيو ويندو. خواجه محمد آصف چيو ته افغانستان جي بچاءُ واري وزير تسليم ڪيو ته دهشتگردي ئي اسان جي ناتن ۾ ڇڪتاڻ جو اصل سبب آهي جنهن تي هاڻ ضابطو آندو ويندو. هڪ اثرائتو طريقو واضح ڪيو ويندو ته جيئن ٻنهي ملڪن وچ ۾ موجوده مسئلن کي حل ڪري سگهجي. قطر ۽ ترڪيه جي موجودگي ان معاهدي جي پاڻ ۾ خود ضمانت آهي. هن چيو ته اسان گذريل سالن ۾ وڏي پيماني تي جاني ۽ مالي نقصان کنيو آهي. اميد آهي ته هاڻ امن بحال ٿيندو ۽ پاڪستان ۽ افغانستان جا ناتا معمول تي اچي ويندا. ان جي نتيجي ۾ پاڪ افغان واپار ۽ ٽرانزٽ ٻيهر شروع ٿيندو ۽ افغانستان پاڪستاني بندرگاهن کي استعمال ڪري سگهندو. بچاءُ واري وفاقي وزير چيو ته جن افغان پناهگيرن وٽ قانوني ويزا ۽ دستاويز آهن اهي پاڪستان ۾ رهي سگهندا. افغان پناهگيرن جو وڏو انگ اهڙو آهي جن وٽ دستاويز ئي ناهن ان لاءِ سندن واپسي جاري رهندي. پاڪ افغان بارڊر جو استعمال به باضابطه هئڻ گهرجي جيئن دنيا جي ٻين ملڪن ۾ هوندو آهي. هن چيو ته خدشن جي خاتمي جي حوالي سان ڪجهه چوڻ وقت کان اڳ آهي ته اسان 100 سيڪڙو مطمئن آهيون. اسان کي ايندڙ هفتن ۽ مهينن ۾ ڏسڻو پوندو ته معاهدي تي ڪيترو عمل ٿئي ٿو. پاڪستان ۽ افغانستان صدين کان پاڙيسري آهن. جاگرافيائي بدلائي نٿي سگهجي. هن اميد ظاهر ڪئي ته ان معاهدي کان پوءِ ٻنهي ملڪن جا ناتا سٺي نموني اڳتي وڌي سگهندا. ٻاهر ملڪ قطر ۽ ترڪيه جي موجودگي اسان کي اعتماد ڏنو آهي ته سندن شڪريو ادا ڪريون ٿا.

بقايا 11 وفاقي گهرو وزير

مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ اختلافن کي خوش اسلوبي سان حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي. گهرو وزير جي ذريعن ٻڌايو ته محسن نقوي چيو ته باهمي دوستي چاهيون ٿا ته ڪو به اختلاف نه هجي. ذريعن ٻڌايو ته گهرو وزير محسن نقوي چيو ته پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت جي هڪ اهم اتحادي آهي ۽ موجوده نظام پيپلز پارٽي کانسواءِ نٿو هلي سگهي. بلاول هائوس ۾ ٿيل ملاقات ۾ سياسي صورتحال ۽ امن امان تي به بحث ڪيو ويو. اجلاس ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي وچ ۾ جاري اختلافن تي به بحث ڪيو ويو. ذريعن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت جو پيغام خاص طور تي بلاول ڀٽو زرداري تائين پهچايو ويو. ان کان اڳ، گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سي اي سي جي اجلاس جي تفصيل سامهون آئي هئي، جنهن ۾ حڪومتي اتحادي پارٽي جي اڪثر ميمبرن تحفظات جو اظهار ڪيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر آصف زرداري وفاقي حڪومت يا مسلم ليگ (ن) خلاف ڪو به فيصلو ڪرڻ جي حق ۾ نه هو. پيپلز پارٽي جا ميمبر مسلم ليگ (ن) جي طرز حڪومت ۽ پنجاب حڪومت کان ناخوش هئا. اڪثر پيپلز پارٽي ميمبرن مسلم ليگ (ن) ۽ وفاقي حڪومت بابت خدشن جو اظهار ڪيو هو ۽ صدر آصف علي زرداري هن موقعي تي چيو ته مون کي هڪ مهيني جي مهلت ڏيو سڀ معاملا حل ٿي ويندا.

بقايا 12 مارجي ويا

الخوارج جي ٻن خطرناڪ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. ترجمان مطابق صوابي پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي ٽيم علائقي ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي فوري ڪارروائي ڪئي. آپريشن دوران دهشتگردن پوليس تي فائرنگ ڪئي جنهن تي پوليس موثر جوابي ڪارروائي ڪندي ٻن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته ٻه دهشتگرد رات جي اونداهي جو فائدو وٺندي موقعي تان فرار ٿي ويا. مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ نعمان عرف ماني ۽ عبدالباسط جي نالن سان ٿي آهي. ٻنهي دهشتگردن جو تعلق ٽي ٽي پي سيد الڪبر گروپ سان هو ۽ مختلف وارداتن ۾ گهربل هئا جن ۾ گڏون ۾ به پوليس اهلڪارن جي شهادت، پوليس چوڪين تي هينڊ گرينيڊ حملن ۽ پوليس ٿاڻن تي حملا شامل هئا. ڪارروائي دوران دهشتگردن جي قبضي مان هڪ ڪلاشنڪوف، هينڊ گرينيڊ، پسٽل، ڪيترائي ڪارتوس ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. پوليس ٻين دهشتگردن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڊي پي او صوابي پوليس پارٽي جي وقت سر ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته ضلعي ۾ دهشتگردن جي هر ڪوشش ناڪام بڻائي ويندي. عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ صوابي پوليس جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا 13 ٽرمپ

جيڪڏهن نئين دهلي ائين نه ڪيو ته ڀارت کي تمام گهڻو ٽيرف ادا ڪرڻو پوندو. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي صدر گذريل ڏينهن ايئر فورس ون ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مون ڀارتي وزيراعظم سان ڳالهه ڪئي ۽ هن چيو آهي ته روس سان تيل جي معاملي ۾ وڌيڪ شامل نه ٿينداسين. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڀارت روس کان تيل جي خريداري بند نٿو ڪري ته ڀارت کي تمام گهڻو ٽيرف ادا ڪرڻو پوندو. روس جو تيل ڀارت ۽ آمريڪا وچ ۾ جاري گهڻ رخي واپاري ڳالهين ۾ هڪ اهم رڪاوٽ بڻجي چڪو آهي. آمريڪي حڪومت جو چوڻ آهي ته تيل جي آمدني روس کي يوڪرين ۾ جنگ جي مالي مدد فراهم ڪري ٿي.

بقايا 14 قتل

جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو ادارا موقعي تي پهچي ويا. لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ جو واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي ٿو جنهن ۾ هڪ مذهبي جماعت جي ڪارڪن کي نشانو بڻايو ويو. وڌيڪ جاچ جاري آهي. مقتولن جي سڃاڻپ اهلسنت والجماعت جي ڪارڪن شاهه احمد ۽ ابوبڪر جي نالي سان ڪئي وئي آهي. ٻئي ماڻهو مسجد جي ويجهو هڪ دڪان ۾ عطر، نماز جا ميٽ، تسبيح ۽ ٻيون شيون وڪڻندا هئا. ان دوران واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون آئي آهي. هن فوٽيج ۾ موٽرسائيڪل تي سوار جوابدارن کي دڪان تي فائرنگ ڪندي ۽ بعد ۾ فرار ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي.

بقايا 15 رانا مشهود

پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو آهي ته اسپيشلائيزڊ ڊجيٽل اسڪلز ٽريننگ آف ٽرينرز پروگرام جي شروعاتي پروگرام ۾ 200 ٽرينرز کي مختلف شعبن ۾ آن لائن مصنوعي ذهانت، اي ڪامرس، ڊجيٽل مارڪيٽنگ ۽ ڊيٽا اينالٽڪس جهڙن جديد شعبن ۾ تربيت ڏني ويندي. هو ڪالهه پيشيوراڻي ۽ فني تربيت بابت قومي ڪميشن (نيوٽيڪ) جي هيڊ ڪوارٽر ۾ وزيراعظم جي ڊجيٽل پاڪستان ويزن تحت اسپيشلائيزڊ ڊجيٽل اسڪلز ٽريننگ آف ٽرينرز پروگرام جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو. هن خطاب ۾ چيو ته هي پروگرام نوجوانن کي عالمي معيار جون ڊجيٽل مهارتون فراهم ڪرڻ طرف وڏو قدم آهي. هن چيو ته هي پروگرام نيوٽيڪ، يوني سروسز انٽرنيشنل ۽ آءِ ڪي ايم سي چائينا جي گڏيل سهڪار سان شروع ڪيو ويو آهي جيڪو پاڪستان ۾ ڊجيٽل اسڪلز جي هڪ نئين دؤر جي شروعات آهي. هن چيو ته شروعاتي مرحلي ۾ 200 ٽرينرز کي آن لائن تربيت ڏني ويندي جنهن ۾ مصنوعي ذهانت، اي ڪامرس، ڊجيٽل مارڪيٽنگ ۽ ڊيٽا اينالٽڪس جهڙن جديد شعبن ۾ سکيا ڏني ويندي، تربيت مڪمل ڪندڙن کي پاڪستان ۽ چين جي ناليوارن ادارن طرفان سرٽيفيڪيٽ ڏنا ويندا. رانا مشهود احمد خان چيو ته پريڪٽس آف اسڪلز پليٽ فارم ذريعي پاڪستاني نوجوانن ۽ فري لانسرز کي مفت ڊجيٽل لرننگ اڪائونٽس پڻ فراهم ڪيا ويندا جنهن سان ملڪ ۾ ڊجيٽل تعليم کي هٿي ملندي. هن نيوٽيڪ سي ٽيو ۽ چيني ادارن جي پائيداريءَ کي ساراهيندي چيو ته اهي قدم پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ڊجيٽل سهڪار ۽ انساني وسيلن جي ترقيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪندو. پروگرام پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت پاڪستان جي ٽيوٽ جي نظام کي جديد رُخن تي آڻيندو. تقريب ۾ يوٽ پروگرام نيوٽيڪ، ٽيوٽ قومي ۽ عالمي پائيوارن ۽ تعليم ۽ تربيت واري وزارت جي اعليٰ عملدارن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 16 وڏو وزير

ڀهريون) بابت تفصيلي جائزي واري اجلاس ۾ فيز-ٻئي جي تجويز ڪيل دائره ڪار (Scope) جي منظوري ڏني. وڏي وزير لاڳاپيل کاتن خاص طور پوليس ۽ سيف سٽي اٿارٽي کي هدايت ڪئي ته منصوبي جي تيزيءَ سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن هي عوامي تحفظ جو اهم منصوبو وقت سر مڪمل ٿي سگهي. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ گهرو وزير ضياءالحسن لنجار، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي آصف اعجاز شيخ ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر شريڪ ٿيا. فيز- ڀهريون: وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته وڊيو نگراني جو ڀهريون مرحلو جيڪو 31 مئي 2024ع تي شروع ڪيو ويو هو پنهنجي طئي ڪيل شيڊول موجب 30 نومبر 2025ع تائين مڪمل ڪيو ويندو. ان مرحلي ۾ جديد مصنوعي ذهانت (AI) سان ليس ڪئميرا نيٽ ورڪ، ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو قيام ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڊيٽابيسز کي ضم ڪرڻ شامل آهي ته جيئن ڏوهن جي روڪٿام، ٽرئفڪ مينيجمينٽ ۽ هنگامي جواب کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي. هيستائين اڳڀرائي ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائن پولن، پوائنٽس آف پريزنس (POP) سائيٽس، سرورز ۽ ڊيٽا اسٽوريج اسٽرڪچر لڳائڻ جو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي. ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول رومز قائم ڪيا ويا آهن ۽ چهري جي سڃاڻپ، گاڏين جي ٽريڪنگ ۽ ريئل ٽائيم مانيٽرنگ لاءِ تجزياتي نظام جي انضمام جو ڪم جاري آهي. گهرو وزير وڏي وزير کي ٻڌايو ته هن وقت 12 ايمرجنسي ريسپانس گاڏيون (ERVs) ميدان ۾ متحرڪ آهن جيڪي ڪمانڊ سينٽر سان ڳنڍيل آهن ته جيئن زميني سطح تي تيز ڪارروائي کي يقيني بڻائي سگهجي. وڏي وزير سيف سٽي اٿارٽي کي هدايت ڪئي ته نيٽ ورڪ ڪنيڪشن بهتر ڪيو وڃي، ڊيٽا جي منتقلي ۾ رڪاوٽ نه هجي ۽ مختلف ادارن جا ڊيٽابيس جهڙوڪ ڏوهارين جو رڪارڊ، گاڏين جي رجسٽريشن ۽ نادرا ڊيٽا کي ضم ڪيو وڃي ته جيئن اسمارٽ پوليسنگ ممڪن ٿئي. هن زور ڏنو ته فيز-ڀهرين ۾ معيار يا وقت جي پابندي تي ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. فيز-ٻيو: وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته فيز-ٻئي ۾ نگراني جي دائري کي ڪراچي جي وڌيڪ علائقن تائين وڌايو ويندو جن ۾ حساس تجارتي ۽ رهائشي علائقا شامل آهن. فيز-ٻئي جي اهم خاصيتن ۾ 4750 نوان ڪيمرا لڳائڻ، 1750 موجوده ڪئميرائن کي اپ گريڊ ڪرڻ ۽ 3000 نوان ڪئميرا لڳائڻ شامل آهن جن ۾ انٽيليجنٽ ٽرئفڪ سسٽم (ITS) به هوندو جيڪو اي-چالان (TRACS) نظام کي مضبوط ڪندو. گهرو وزير ضياءالحسن لنجار وڏي وزير کي ٻڌايو ته فيز-ٻئي ۾ ضلع ڏکڻ (جنهن ۾ ڊي ايڇ اي جا اهم علائقا شامل آهن)، ضلع اوير ۽ ضلع ملير تائين نگراني جو ڍانچو وڌايو ويندو. سسٽم انٽيگريشن: ايس 4 سسٽم کي سيف سٽي پليٽفارم سان ڳنڍيو ويندو ۽ ان جو ڍانچو سيف سٽي جي معيار مطابق اپ گريڊ ڪيو ويندو. ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر سي پي او ڪراچي ۾ ڪي 6000 ڪئميرائن تائين مينيج ڪرڻ جي گنجائش تائين وڌايو ويندو جڏهن ته ڊيٽا سينٽر کي به جديد معيار مطابق اپ گريڊ ڪيو ويندو. ٻه علائقائي ڪمانڊ سينٽر قائم ڪيا ويندا جن ۾ هڪ ڊي آءِ جي ڏکڻ جي آفيس ۽ بيو سوڪ سينٽر ۾ موجود ڪنٽرول روم کي اپ گريڊ ڪري ضلع ڏکڻ ۽ اوير لاءِ مخصوص ڪيو ويندو. سسٽم ۾ جديد ڪمپيوٽر ايڊڊ ڊسپاچ (CAD)، اپ گريڊ ڪال سينٽر، D3 ڊيش بورڊ، AcuSeek ۽ ٻيا جديد تجزياتي اوزار شامل هوندا. وڏي وزير فيز-ٻئي لاءِ بجيٽ، عملي، ٽرانسپورٽ ۽ آپريشنل ضرورتن جو پڻ جائزو ورتو جڏهن ته ناڻي ۽ داخلا کاتي کي هدايت ڪئي ته مالي ماڊل کي حتمي شڪل ڏئي بنا ڪنهن دير جي منصوبي کي اڳتي وڌايو وڃي. وڏي وزير چيو ته ڪراچي پاڪستان جو معاشي دل آهي. ان جي شهرين جي ڪاروبار ۽ ڍانچي جي سلامتي اسان جي پهرين ترجيح آهي. هن وڌيڪ چيو ته سيف سٽي منصوبو صرف نگراني جو نظام نه پر هڪ جامع شهري تحفظ ۽ انتظامي نظام آهي جيڪو پوليسنگ ۽ هنگامي جواب جي نظام کي نئين دور ۾ داخل ڪندو. سيد مراد علي شاهه اجلاس جي پڄاڻي تي سڀني کاتن کي هدايت ڪئي ته فيز-ڀهرين کان فيز-ٻئي تائين منتقلي لاءِ باقاعده رپورٽون ۽ پاليسي تجويزون پيش ڪيون وڃن ۽ سيف سٽي اٿارٽي کي وڌيڪ بااختيار بڻايو وڃي جنهن لاءِ واضح آپريشنل پروٽوڪول پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏجي تيار ڪيا وڃن.

بقايا 17 ملتوي

جي آئيني بينچ سپر ٽيڪس بابت درخواستن جي ٻڌڻي (اڄ) تائين ملتوي ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ ۾ سپر ٽيڪس بابت مختلف ڪمپنين جي داخل درخواستن تي ٻڌڻي جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ قائم 5 رڪني آئيني بينچ ڪئي. ٻڌڻيءَ دوران مختلف ٽيڪس ڏيندڙ ڪمپنين جي وڪيل عابد شعبان پنهنجا دليل مڪمل ڪري ورتا. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي (اڄ) تائين ملتوي ڪري ڇڏي، جڏهن ته ٽيليڪام ڪمپنين جو وڪيل پنهنجا دليل جاري رکندو.

بقايا 18 اعظم نذير تارڙ

واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ڏياري جي موقعي تي سڄي پاڪستان ۾ رهندڙ هندو برادري کي دلي مبارڪون پيش ڪيون آهن. قانون ۽ انصاف واري وزارت جي ترجمان مطابق پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته ڏياري روشني ۽ اميد جو ڏڻ آهي، جيڪو اسان کي گڏيل احترام رواداري ۽ اتحاد جي قدرن کي هٿي وٺرائڻ جي ياد ڏياري ٿو. هن چيو ته دعا آهي ته ڏياري جو اهو ڏينهن سڀني لاءِ خوشيون، امن ۽ خوشحالي جو پيغام آڻي ۽ اسان جي معاشري ۾ ڀائيچاري ۽ گڏيل احترام جي رشتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي. سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو ته پاڪستان ۾ هندو برادري جو ڪردار قومي ترقي، سماجي هم آهنگي ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم آهي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان حڪومت آئين ۾ درج سمورن شهرين کي برابر حق، مذهبي آزادي ۽ باعزت زندگي جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

مردار گوشت جا واپاري ۽ بي حس انتظاميا
صفحو 4

راڄا زاهد اختر خانزادو
تاج، جهاز ۽ تماشو- آمريڪا جا ٽُٽل خواب!
صفحو 4

سنڌ جي سڄڻ جو اي-آئي ماڊل – سائنس جي دنيا ۾ ترٿلو!
پروفيسر ڊاڪٽر محمد صادق
صفحو 4

مختيار آنڙ
اڄوڪو ڏينهن..... 21 آڪٽوبر
صفحو 4

مسوپرکڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ مليريا ۽ ڊينگي پکڙجڻ واري خبرن جو نوٽيس

قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو نوٽيس وٺي پارٽي ورڪر موڪلي مڇر مار اسپري ڪرايو

ٽائون نيرون ڪوٽ جي ڪروڙين رپيا بجيٽ هوندي به رهواسين کي مڇرن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي: اڳواڻ

اياز لطيف پليجو جي حڪم تي هتان جي رهواسين سان گڏ بيٺل آهيون ۽ جلد لائحه عمل جوڙي ڪرپٽ حڪمران ٽولي خلاف تحريڪ هلائينداسين

مسوپرکڙي(ن ع) مسوپرکڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ مليريا ۽ ڊينگي پکڙجڻ واري خبرن جو قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو نوٽس ورتو مسوپرکڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ پارٽي ورڪر موڪلي مڇر مار اسپري ڪرايو ويو تفصيل موجب گڏيل ڪيترن ئي ڏينهن کان مسوپرکڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ مليريا ۽ ڊينگي ۾ اضافو اچڻ وارين خبرن کان پوءِ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو نوٽس وٺندي حيدرآباد ٻهراڙي جي علائقن مسوپرکڙي،حيات خان وگهيو تاج محمد ابڙو شفي خاصخيلي ۽ پرياسي وارن ڳوٺن ۾ پارٽي ورڪر موڪلي مڇر مار اسپري ڪرايو ويو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ مسوپرکڙي جي صدر گلزار ڪلهوڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تعلقي حيدرآباد رورل جي ٽائون نيرون ڪوٽ جي ڪروڙين رپيا بجيٽ هوندي به رهواسين کي مڇرن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي جنهن سبب حيدرآباد رورل ۾ ماڻهو مليريا ۽ ڊينگي بخار سبب اذيت ۾ مبتلا آهن هن چيو ته اياز لطيف پليجو جي حڪم تي هتان جي رهواسين سان گڏ بيٺل آهيون ۽ جلد لائحه عمل جوڙي ڪرپٽ حڪمران ٽولي خلاف تحريڪ هلائينداسين ان موقعي تي جنرل سيڪريٽري ممتاز وگهيو عبدالستار ابڙو معشوق وگهيو مختيار وگهيو ۽ ٻيا به موجود هئا.

مسوپرکڙي: پرياسي جي علائقن ۾ مليريا ۽ ڊينگي پکڙجڻ واري خبرن جو نوٽيس

ٻيڙوقمبراڻي لڳ ڳوٺ سونو آرائين جي رهواسڻ جو احتجاج

ٻيڙوقمبراڻي (ن ع) ٻيڙوقمبراڻي لڳ ڳوٺ سونو آرائين جي رهواسڻ مسمات سڪينه آرائين زال غلام محمد آرائين پريس ڪلب ٻيڙوقمبراڻي ۾ دانهيندي چيو ته وسيم آرائين ۽ انجي ماءُ ۽ نورحسن آرائين ٻيڙو آرائين واحد ڏنو آرائين ۽ انهن جي گهر وارين گڏجي منهنجي پندرنهن سال نياڻي شرجيلان آرائين کي ڏيڍ لک روپيه ۾ ڊوني ولد جمعون پنهور ريٺل ڳوٺ پراڻو دمبالو کي وڪرو ڪري ڏني آهي آءُ ڪراچي ۾ مزدوري ڪندي آهيان منهنجو گهر وارو ڪافي عرصي کان بيمار آهي هلڻ ڦرڻ کان لاچار آهي ٻچا معصوم آهن انهن لاءِ مزدوري ڪري پيٽ پاليندي آهيان آئون ڪي ڏينهن پهريان ڪراچي مان گهر آيس ته منهنجي نياڻي ڪونه هئي خبر پئي ته مٿي ڄاڻايل شخصن پئسن عيوض وڪرو ڪئي آهي اڄ منهنجي نياڻي ڇوري نڪري اچي مونسان گهر ملي آهي ته ان موقعي تي مٿي ڄاڻايل شخص هلان ڪري مارڪيٽ ڪري منهنجي نياڻي کي وٺي ويا آهن ۽ موکي پڻ مارڪيٽ ڪئي اٿن هن ايس ايس پي بدين ڊي آءِ جي حيدرآباد آءِ جي سنڌ چيف جسٽس سنڌ ۽ لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته مون کي نياڻي واپس ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي

ٻيڙوقمبراڻي: ڳوٺ سونو آرائين جي رهواسڻ جو احتجاج

ڏڙي ۾ پيپلزپارٽي جي شيرازي پائرن طرفان پاور شو جلسو

ايم اين اي اياز شاهه شيرازي کي دهلن ۽ شرنائين سان اسٽيج تي آندو ويو

شيرازي پائرن جي سياست عوام جي طاقت تي يقين رکي ٿي: اياز شاهه شيرازي

ڏڙو (ن ع) ڏڙي ۾ شيرازي پائرن پاران وڏي پئماني تي سياسي سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون ڏڙو جي شهري ۽ واپاري مظهر ميمڻ ۽ شبير چوهاڻ طرفان پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي جي مان ۾ آجياڻون ڏنو ويو جيڪو جلسي جي صورت ۾ تبديل ٿي ويو جنهن ۾ شهر جي مختلف شهرين واپارين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ همدردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ايم اين اي اياز شاهه شيرازي کي دهلن ۽ شرنائين سان اسٽيج تي آندو ويو ۽ ڪيس بوسڪي جو پٽڪو ٻڌرايو ويو تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سجاول جي ميمبر عبدالعزيز سومرو ڏڙو ٽائون جو ڪائونسلر علي اڪبر عيساڻي يوسي خانپور جي چيئرمين رياض سومرو سماج سڌارڪ عبدالقيوم سومرو صوفي شعيب اڪبر مير هزار خان زنئون وڏيرو وزير ڪڏڻ حاجي بادشاهه ميمڻ ڊاڪٽر افضل ميمڻ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي خصوصي خطاب ڪندي چيو ته شيرازي پائرن جي سياست عوام جي طاقت تي يقين رکي ٿي اسان جو مرڻ ۽ جيئڻ هتان جي عوام سان گڏ آهي. هن چيو ته سجاول ضلعي جي سياست ۾ هن وقت ڪجهه موسمي ماڻهو آيل آهن جيڪي عوام کي دعوتون ڪرڻ جي عيوض منشيات هلائڻ لاءِ همٿائي رهيا آهن پر يقين سان چوان ٿو ته وقت اچڻ تي اهي عوام مان هٿ ڪڍي ويندا، پر انشاءالله شيرازي پائر هن ضلع کي منشيات کان فري ضلعو بنائي ڇڏيندا. هوڏانهن ڏڙو جي شهري عبدالقادر ميمڻ ۽ مير هزار خان زنئور طرفان سيد اياز شاهه شيرازي جي مان ۾ پروقار آجياڻان ڏنا ويا، جنهن ۾ مختلف معززين شرڪت ڪئي.

ڏڙو: پ پ جو ايم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي اڪبر عيساڻي مظهر ميمڻ اجياڻي واري جلسي کي خطاب ڪندي

دادو پوليس جو ڌوهارين خلاف آپريشن "الميزان" جاري، ڌوهارين خلاف وڏي پيماني تي ڪارروايون

ميهڙ، راڌڻ ۽ ٽرڙي محبت جي آس پاس وارن علائقن ۾ ڌوهارين خلاف وڏي پيماني تي ٽارگيٽڊ آپريشن

حسن آباد، بوڙرو پناڻ جو ڳوٺ ۽ ٻين هنڌن تي ڪرمنلز جي ممڪنه موجودگي وارن ٺڪاڻن تي ڇاپا هنيا ويا

ٽارگيٽڊ آپريشن دوران 24 مشڪوڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ لاءِ لاڳاپيل ٿاڻن تي منتقل ڪيو ويو

ميهڙ(ن ع) دادو پوليس جو ڌوهارين خلاف آپريشن "الميزان" ڪالهه ائين ڏينهن به جاري ڇاپن دوران درجنين ماڻهن گرفتار هٿيار ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاڻ آپريشن جي اڳواڻي ڪندي جوانن سان گڏ ميدان ۾ موجود ميهڙ راڌڻ ۽ ٽرڙي محبت جي آس پاس وارن علائقن ۾ ڌوهارين خلاف وڏي پيماني تي ٽارگيٽڊ آپريشن ڪيو ويو ميهڙ ۽ ڪي اين شاهه سب ڊويزن جي ايس ڊي پي اوز ايس ايڇ اوز سان گڏ لاڳاپيل ٿاڻن جي پوليس نفري، سي آءِ اي ٽيمون ۽ ريپڊ ريسپانس فورس جي ڪمانڊوز ايس ايس پي دادو جي اڳواڻي ۾ سرچ آپريشن ۾ حصو ورتو ڪولاچي، رحمون ڪوسو گل محمد مگسي، رضا محمد ڏيرو باغائي ڪوسا، حسن آباد، بوڙرو پناڻ جو ڳوٺ ۽ ٻين هنڌن تي ڪرمنلز جي ممڪنه موجودگي وارن ٺڪاڻن تي ڇاپا هنيا ويا ٽارگيٽڊ آپريشن دوران 24 مشڪوڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ لاءِ لاڳاپيل ٿاڻن تي منتقل ڪيو ويو آهي سرچ آپريشن دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار گوليون ۽ ڪارتوس هٿ آيا آهن ڌوهارين جي ٺڪاڻن تان موٽرسائيڪلون به هٿ ڪيون ويون جن جي وڌيڪ جاچ ۽ جي تصديق جاري آهي ايس ايس پي دادو جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيمون علائقي ۾ اڃا موجود آهن ۽ ڌوهارين خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن وڌيڪ جاري آهي

دادو: پوليس جو ڌوهارين خلاف آپريشن "الميزان" جاري، ڌوهارين خلاف وڏي پيماني تي ڪارروايون

فريدآباد ۾ واپاري سيٺ سڪندر خاصخيلي جي گهر مان ڦر

فريدآباد(ن ع) فريدآباد شهر ۾ رات دير سان 7 کان وڌيڪ نامعلوم هٿيارٻند فريدآباد جي دڪاندار واپاري سيٺ سڪندر خاصخيلي جي گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد گهر ۾ پيل لکين روپيا روڪ رقم،گهر ۾ رکيل سونن زيورن سميت عورتن کي پاتل زيور به لاهي ڪٽي فرار ٿي ويا جڏهن ته ڌاڙيلن سان مزاحمت ڪرڻ تي ڌاڙيل واپاري جي نوجوان پٽ صفدر خاصخيلي، اياز خاصخيلي کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملڻ تي فريدآباد پوليس جاءِ واردات تي پهچي جائزو ورتو ويو

زرعي يونيورسٽي ۾ "بهتر خوراڪ ۽ روشن مستقبل لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ" جي عنوان هيٺ سيمينار

زرعي ملڪ هئڻ باوجود زرعي ايڪسپورٽ ۾ گهٽتائي ۽ امپورٽ ۾ لڳاتار اضافو خوراڪ جي تحفظ لاءِ وڏو خطرو قرار

پاڪستان ۾ خوراڪي عدم تحفظ ۽ غذائيت جي کوٽ هڪ سنجيده قومي چيلينج بڻجي چڪي آهي: جوليئس موچيمي

غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ جي قلت جو سڌو تعلق زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي ۽ فصلن جي لهڻ بعد ٿيندڙ نقصانن سان آهي: ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي

ٽنڊوڄام (ن ع) ملڪي ۽ عالمي ماهرن زرعي زمينن تي آباديون لهڻ زرعي پيداواري صلاحيت ۾ گهٽتائي، زرعي ملڪ هئڻ باوجود زرعي ايڪسپورٽ ۾ گهٽتائي ۽ امپورٽ ۾ لڳاتار اضافي ۽ موسمي تبديلين جي وڌندڙ اثرن کي خوراڪ جي تحفظ لاءِ وڏو خطرو قرار ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ خوراڪ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي انسٽيٽيوٽ آف فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي ميزباني ۽ خوراڪ ۽ زراعت جي عالمي اداري (ايف اي او) جي سهڪار سان "بهتر خوراڪ ۽ روشن مستقبل لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ" جي عنوان هيٺ هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو. صدارتي خطاب دوران ايف اي او سنڌ آفيس جي سربراهه جوليئس موچيمي عالمي ۽ مقامي سطح تي خوراڪي تحفظ ۽ پائيدار زرعي ترقي لاءِ جاري قدمن بابت ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ۾ خوراڪي عدم تحفظ ۽ غذائيت جي کوٽ هڪ سنجيده قومي چيلينج بڻجي چڪي آهي. هن زور ڏنو ته زرعي ٽيڪنالاجيءَ جي واڌ ويجهه ۽ خاص طور تي ڳوٺاڻي علائقن جي عورتن کي گهريلو سطح تي زرعي سرگرمين ۽ غذائي خوراڪ جي تياري وارين سرگرمين ۾ شامل ڪري سندن معاشي خودمختياري وڌائي سگهجي ٿي. سنڌ زرعي يونيورسٽي جي ڊين فيڪلٽي آف ڪراپ پروٽيڪشن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي چيو ته غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ جي قلت جو سڌو تعلق زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي ۽ فصلن جي لهڻ بعد ٿيندڙ نقصانن سان آهي جيڪو ملڪ ۾ هاڻي 40 سيڪڙو تائين وڃي پهتو آهي هن چيو ته پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي خوراڪي تحفظ هڪ وڏو عالمي چيلينج بڻيل آهي. يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر يونيورسٽي ايڊوانسمينٽ ۽ فنانشل اسسٽنس ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر خطاب دوران چيو ته فصلن ۾ حد کان وڌيڪ پاڻي ۽ زرعي زهر استعمال ڪرڻ سبب خوراڪي فصلن مان غذائيت ختم ٿي رهي آهي. هن زور ڏنو ته حڪومتن کي امدادي قيمتن، خوراڪ جي دستيابي ۽ ٻارن جي غذائيت لاءِ موثر قدم کڻڻ گهرجن، ڇو ته خوراڪ کي رڳو هڪ شئي نه پر انساني حق، صحت ۽ وقار جي بنياد طور ڏسڻ گهرجي. انسٽيٽيوٽ آف فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اعجاز حسين سومرو چيو ته غذائي ڪمي سبب پاڪستان ۾ ٻارن جو قد نه وڌڻ، خوراڪ ضايع ٿيڻ ۽ مائڪرو نيوٽرينٽس جي کوٽ وڏا مسئلا آهن لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو ٻار اسٽنٽنگ، 33 سيڪڙو ويسٽنگ ۽ آئرن، وٽامن اي ۽ آئيوڊين جي کوٽ وڏي پيماني تي آهي هن چيو ته يونيورسٽي ايف اي او، گين ۽ ڪوئيڪا سان گڏجي موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيندڙ ۽ غذائيت حساس خوراڪي نظام جي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. فوڊ انڊسٽري سان سلهاڙيل محمد نواز جوڻيجو چيو ته زرعي زمينون آباديءَ ۾ تبديل ٿي رهيون آهن جڏهن ته ملڪ خوراڪي ايڪسپورٽ بدران امپورٽ تي وڌيڪ ڀاڙي رهيو آهي. تنهنڪري صنعت ۽ علمي ادارن جي وچ ۾ لاڳاپا وڌائڻ ۽ فوڊ ويليو چين کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر تحسين فاطمه مياڻو ڊاڪٽر محمد عمران ڪدري ۽ مس شاهده پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته ايف اي او جو ڊاڪٽر اشفاق احمد ناهيون اسٽيج تي موجود هو ان موقعي تي پوسٽر پريزنٽيشن ۽ خوراڪي شين جي نمائش به رکي وئي جتي شاگردن کي سندن جديد ۽ تخليقي ڪم تي نقد انعام ۽ شيلڊون ڏنيون ويون.

ٽنڊوڄام: زرعي ملڪ هئڻ باوجود زرعي ايڪسپورٽ ۾ گهٽتائي ۽ امپورٽ ۾ لڳاتار اضافو خوراڪ جي تحفظ لاءِ وڏو خطرو قرار

دوڙ ريلوي ڦاٽڪ تان سائيڪل تي ڪراس ڪندڙ نينگر ريل جي ٽڪر ۾ فوت

دوڙ (ن ع) دوڙ ريلوي ڦاٽڪ تان سائيڪل تي ڪراس ڪندڙ 15 سالن ڳڀرو نوجوان نينگر علي شير پٽ شاهنواز رند ڪراچي ايڪسپريشن ٽرين جي ٽڪر سبب فوت ٿي ويو لاش دوڙ اسپتال نيو ويو آهي فوتي

ٺٽون دمبالو جي رهواسي پيرسن جو ڀائٽين خلاف احتجاج

اسان جي پيءُ جي ڪاتي سورهين ايڪڙ زمين هئي: اميدو ڪولهي

ٺٽون دمبالو(ن ع)ٺٽون دمبالو جي رهواسي پيرسن اميدو ولد ويرمون ڪولهي ڀائٽين خلاف احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اسان جي پيءُ جي ڪاتي سورهين ايڪڙ زمين هئي جيڪا به ايڪڙ زمين وڪڻي انهن جي بيماري تي خرچ ڪيو هو منهنجو ڀائٽيو والجي جيڪو ڪاتو ٺهرايو هو آهي اهو ڪنڀار جي چوڻ تي غلط ڪاتو ٺهرائي ڇڏيو جيڪو بلڪل غلط آهي ۽ منهنجي گهر مان چوري ڪري خميس ۾ پيل اي ٽي سي ڪارڊ ڪڍي ويا هن کي پرچي ۽ يعقوب جي چرچ تي روز گهر جي گهٽي تي نامعلوم ماڻهون موڪليا وڃن ٿا مون کي هنن مان خطرو آهي منهنجي پٽ کي ڌمڪيون ڏنيون

پ پ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو ڪوسا لا چيمبر پهتو

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن قمبر شهدادڪوٽ جي صدر سان ملاقات

قمبر شهدادڪوٽ جي بار کي سنڌ بار ڪائونسل جي الڳ سيٽ ڏيارڻ جي گذارش

شهدادڪوٽ(ڊ ر) پ پ اڳواڻ ۽ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو ڪوسا لا چيمبر پهچي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن قمبر شهدادڪوٽ جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع

شهدادڪوٽ: ايم اين اي ۽ پ پ اڳواڻ خورشيد احمد جوڻيجو ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو سان ملاقات ڪري رهيو آهي

هالا جي ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري جي رهواسي عورتن جو احتجاج

پوليس اهلڪار جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

اسپيشل برانچ جي پوليس اهلڪار ساجد ڏاهري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيو آهي: مظاهرين

هالا(ڊ ر) هالا جي ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري جي رهواسي عورتن جو پوليس اهلڪار جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مسمات خيران مسمات مختيار خاتون ۽ غلام حسين ڏاهري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته اسپيشل برانچ جي پوليس اهلڪار ساجد ڏاهري پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ گهر تي هٿيارن جي زور تي حملو ڪري مسلسل ڌمڪيون ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيو آهي. هنن چيو ته پوليس اهلڪار جي زيادتين جي ڪري گهر کان ٻاهر نڪري نٿا سگهون جڏهن ته هالا پوليس به دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته پوليس اهلڪار پنهنجي وردي جو ناجائز استعمال ڪندي اسان جي نوجوان ڪاشف ڏاهري مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪرائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻ اسان کي به ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هنن چيو ته اسان کي مذڪوره پوليس اهلڪار ۽ سندس پائرن مان جاني ۽ مالي نقصان جو انديشو آهي. هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين اعلي اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته پوليس اهلڪار جي زيادتين جو نوٽيس وٺي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

هالا: ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري جي رهواسي عورتن جو احتجاج

عمرڪوٽ ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ياد ۾ تقريب

ڪارساز جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رهنديون: پ پ اڳواڻ

انهن شهيدن جو خون پاڪستان جي جمهوريت ۽ آزادي جي لاءِ وڏي قرباني آهي

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ياد ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ عمرڪوٽ ۾ تقريب رکي وئي جنهن ۾ قرآن خواني ۽ دعا پڻ ڪئي وئي تقريب ۾ پي پي ضلع عمرڪوٽ جي سينيئر نائب صدر برهان ڪنڀار ضلعي جنرل سڪريٽري صوفي نواز سومرو ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر گهنشام داس،تعلقي صدر ڪنري شاهنواز جوڻيجو تعلقه انفارميشن سيڪريٽري عباس رند،مهر غلام مصطفيٰ ۽ ٻين خطاب ۾ ڪار ساز سانحي جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪندي چيو ته ڪارساز جي شهيدن جي قربانيون هميشه يادگار رهنديون ۽ انهن جو خون ڪڏهن به ضائع نه ٿيندو،انهن جو قرباني جو سفر اسان کي هميشه حوصلو ڏيندو انهن شهيدن جو خون پاڪستان جي جمهوريت ۽ آزادي جي لاءِ وڏي قرباني آهي

سکر: ڪارساز جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رهنديون: پ پ اڳواڻ

خيرپور جي ڊي اي او سيڪنڊري پاران مختلف اسڪولن جا دورا

گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ملهيراڻي سولنگي ۾ اسيمبلي اٽينڊ ڪئي

ٽئين اپگريڊ ٿيل گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ميمڻ محلا هنگورجا جو به دورو

خيرپور (ڊ ر) ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور پنهنجي روزاني دوري جي سلسلي ۾ صبح جو گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ملهيراڻي سولنگي ۾ اسيمبلي اٽينڊ ڪئي.ان کان پوءِ ڊي اي او گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول هنگورجا جو دورو ڪيو دوري دوران هن اسڪول جي سينئر ڪيچس ميڊم امام زادي ميمڻ طرفان ٺهندڙ مسجد جو معائنو ڪيو مسجد جي تعمير ۽ انتظام تي هن ميڊم امام زادي کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته اهڙا قدم شاگردياڻين ۾ ديني تعليم ۽ اخلاقي تربيت کي هٿي ڏيڻ لاءِ تمام اهم آهن هن اهو به زور ڏنو ته جديد تعليم سان گڏ ديني تعليم به شاگردياڻين جي شخصيت جي مڪمل ترقي لاءِ ضروري آهي.بعد ۾ عبدالسميع پنهور ٽئين اپگريڊ ٿيل گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ميمڻ محلا هنگورجا جو به دورو ڪيو هن مختلف ڪلاسن جو معائنو ڪيو شاگردن کان سوال جواب ڪيا ۽ انهن جي علمي صلاحيتن جو جائزو ورتو دوري دوران هن شاگردن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ قائداعظم محمد علي جناح جي زندگي ۽ تعليم بابت معلومات ڏني ان سان گڏ هن منشيات جي روڪٿام بابت به آگاهي فراهم ڪئي ۽ شاگردن کي تلقين ڪئي ته هو سماجي برائين کان پري رهن ۽ پنهنجي مستقبل کي تعليم سان سنوارڻ لاءِ وڌيڪ ڪوشش ڪن

ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد ميمڻ محلا جي رهواسين جو احتجاج

سرور لاشاري، ارشاد لاشاري سميت ڄڻن ڄڻن حملو ڪري تشدد ڪيو: غلام رسول

جوابدار ڌر ٽنڊومستي پوليس ساڻ ڪري اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري ڦرلٽ ڪئي آهي

خيرپور (ڊ ر) ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد ميمڻ محلا جي رهواسي غلام رسول رند، فوجي نويد حسين رند، عبداللطيف رند احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته 15 آڪٽوبر تي مسجد پاڪ فضا جي تعميراتي ڪم ڪري رهيا هئاسين ته جوابدار سرور لاشاري، ارشاد لاشاري سميت 4 کان وڌيڪ جوابدارن اسان جي مٿان حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو،جنهن ۾ نويد، پيرسن سفير عباس، ڪامران علي مسمات سجو خاتون، 9 سالن جي معصوم ۽ معذور حرا بتول زخمي ٿي پيا هئا، جنهن بعد اسان ٿاڻي تي وڃي رهيو هئس ته جوابدار ڌر ٽنڊومستي پوليس ساڻ ڪري اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري ڦرلٽ ڪئي آهي، هنن چيو ته پوليس جوابدارن سان هٿ ٺوڪي اسان جي خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن مظاهرين ٻڌايو ته 8سال اڳ اسان پنهنجي ذاتي ملڪيت تي امام بارگاهه ۽ مسجد جو بنياد رکيو ته مخالف ڌر مختلف وقتن تي مختلف طريقن سان تنگ ڪندا رهندا آهن جن جي خلاف سمورا ثبوت موجود آهن هنن چيو ته علائقي جي نيڪ مردن وٽ ڪيترا پيرا فيصلي جون تاريخون رکيون پر مخالف فيصلو ڪرڻ نٿا چاهين هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٻانڌي ۾ جمعيت علماءِ اسلام پاران ڪانفرنس جو اهتمام

ختم نبوت هر مسلمان جي ايمان جو بنيادي جزو آهي: مولانا عبدالقيوم هاليجوي

اسان کي ختم نبوت جي تحفظ لاءِ ڪنهن به قرباني کان گهٻرائڻو نه پوندو

ٻانڌي (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام يونٽ ٻانڌي پاران تحفظ ختم نبوت جي حوالي سان حسيني چوڪ تي هڪ شاندار ۽ تاريخي ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ علائقائي ۽ قومي سطح جا ناليوارا علماءِ ڪرام شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي صدارت جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي اڳواڻ حضرت مولانا عبدالقيوم هاليجوي ڪئي جڏهن ته خصوصي خطاب لاءِ حضرت مولانا اسدالله حيدري پڻ شرڪت ڪئي. مقررن ختم نبوت جي اهميت تي زور ڀريو ۽ چيو ته: "ختم نبوت هر مسلمان جي ايمان جو بنيادي جزو آهي جنهن جي تحفظ لاءِ ڪنهن به قرباني کان گهٻرائڻو نه پوندو". مولانا عبدالقيوم هاليجوي پنهنجي خطاب ۾ زور ڏنو ته: اڄ جي دور ۾ ختم نبوت جي مسئلي تي اسان سڀني کي متحد ٿي ان پاڪ عقيدي جي حفاظت ڪرڻي پوندي". هن شاندار ڪانفرنس ۾ پيپلز پارٽي ٻانڌي جي اڳواڻ رئيس عبدالواحد جمالي سميت هزارن ماڻهن شرڪت ڪئي شهر جي مختلف علائقن مان ماڻهن وڏي انگ ۾ پهچي پنهنجو جذبو ظاهر ڪيو آخر ۾ گڏيل دعا سان پروگرام جو اختتام ڪيو ويو جنهن ۾ ملڪ جي سلامتي، امن ۽ امت مسلمه جي اتحاد لاءِ خاص دعا گهري وئي ٻئي طرف ٻانڌي پوليس پاران سخت سيڪيورٽي انتظامات ڪيا ويا هئا

ٽنڊوالهيار ۾ پابندي باوجود صحت لاءِ نقصانڪار تيل جو وڪرو کلي عام جاري

فوڊ اٿارٽي ۽ ضلعي انتظاميه پاران ڪجهه مهينا اڳ پابندي لاڳو ڪرڻ باوجود عملدرآمد نه ٿي سگهيو

ضلعي انتظاميه ذريعي لڳرائڻ بعد هزارين روپين جي هفتيوار ڀتي عيوض ساڳيو تيل وڪرو ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ جا اطلاع

مضر صحت 2 نمبر آئل جو ڪاروبار ڪندڙ بااثر ماڻهن جي سرپرستي حاصل هجڻ ڪري ڪابه ڪارروائي نه ٿي سگهي

ٽنڊوالهيار(رپورٽ: راجه ساجد خانزادو) ٽنڊوالهيار ۾ کلي عام صحت لاءِ نقصانڪار تيل جي وڪري جو سلسلو جاري، فوڊ ڊپارٽمينٽ پاران هفتيوار ڀتو مقرر خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ فوڊ اٿارٽي ۽ ضلعي انتظاميه پاران ڪجهه مهينا اڳ کليل تيل ۽ صحت لاءِ نقصانڪار آئل جي وڪري تي پابندي لاڳو ڪئي وئي هئي ان سان گڏ ڪيترن ئي دڪاندارن تي ڏنڊ به لڳايا ويا هئا ۽ سندن تيل به ضايع ڪيو ويو هو پر ضلعي انتظاميه جي پابندي هئڻ باوجود سڄي ضلعي ۾ کليل ۽ مضر صحت تيل جو وڪرو ملي ڀڳت سان کلي عام جاري آهي جڏهن ته ضلعي ۾ فوڊ ڊپارٽمينٽ جي ٽيم به ڪم ڪري رهي آهي ۽ ضلعي انتظاميه به موجود آهي جن جو ڪم آهي ته هوٽلن ريسٽورنٽن بيڪرين برياني سينٽرن ڪيبن ڏهي چانهن جي هوٽلن برف جي ڪارخانن ڊيرين مٺائي جي دڪانن نمڪو پيزا فاسٽ فوڊ ٿڌي مشروبات فلٽر پلانٽن ۽ ٻين خوراڪ جي شين کي ايس او پي موجب چيڪ ڪن ۽ صحت مند اصولن تي عمل ڪرائڻ پر فوڊ ڊپارٽمينٽ رڳو کليل پڪوان تيل "اولين" جيڪو خطرناڪ بيمارين جو سبب بڻايو وڃي ٿو ان تي پهرين پابندي ضلعي انتظاميه ذريعي لڳرائي هاڻي ساڳيو تيل وڪرو ڪرڻ لاءِ هزارين روپين جي هفتيوار ڀتي عيوض کلي عام اجازت ڏني وئي آهي جيڪو ٽنڊوالهيار شهر سميت نصرپور چمبڙ ٻکيراڻي شريف، پيارو لنڊ، عثمان شاهه هڙي ۽ ٻين ڳوٺن جي ننڍين وڏن دڪانن تي اهو تيل وڪرو ٿي رهيو آهي ذريعن موجب مضر صحت 2 نمبر آئل جو ڪاروبار ڪندڙ بااثر ماڻهن جي سرپرستي حاصل آهي ضلع جي تيل وڪرو ڪندڙ ننڍي دڪانن کان هر هفتي هزارين رپيا ڀتو وٺي فوڊ ڊپارٽمينٽ تائين پهچائي ٿو ڀتو نه ڏيندڙ دڪاندارن جو تيل پڪڙي ضايع ڪيو وڃي ٿو ۽ ڏنڊن جي ڌمڪين سان تنگ ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته اهو سڀ ڪجهه ضلعي انتظاميه جي آڏو ٿي رهيو آهي واضح رهي ته هڪ نمبر کليل آئل "ڪينولا" جو ڪاروبار سڄي سنڌ ۾ جاري آهي پر فوڊ ڊپارٽمينٽ ٽنڊوالهيار ۾ پابنديءَ جي نالي تي ملي ڀڳت ڪري ڀتاخوري شروع ڪئي آهي ٽنڊوالهيار جي شهرين . سول سوسائٽي ۽ سڄاڻ ڌرين ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار ۽ اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته فوڊ ڊپارٽمينٽ ٽنڊوالهيار ۾ ٻين خوراڪ جي شين جي وڪرو ڪندڙن کي به صحت جي اصولن مطابق هلائڻ جو پابند بڻايو وڃي ۽ جيڪڏهن کليل آئل "اولين" واقعي صحت لاءِ نقصانڪار آهي ته ان تي سختي سان پابندي لاڳو ڪئي وڃي ان سان گڏ هڪ نمبر کليل آئل "ڪينولا" جيڪو هر غريب ۽ امير جي گهر جي ضرورت آهي ان جي وڪري کي فوري طور بحال ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي

ٽنڊوالهيار: پابندي باوجود صحت لاءِ نقصانڪار تيل جو وڪرو کلي عام جاري

سکر: ٽري ميرواهه جو مڪين محمد ياسين منگي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽري ميرواهه سان واسطو رکندڙ شهري جو سکر ۾ احتجاج

ٽيسٽ ۾ ڪاميابي ملڻ باوجود اڃا تائين آفر ليٽر جاري نه ڪيو ويو آهي: محمد ياسين

ميڊيڪل ٽيسٽ، تصديق ناما ۽ سڀ قانوني ڪاغذ مڪمل جمع ڪرائي چڪو آهيان

سکر (بيورو رپورٽ) خيرپور ضلعي جي علائقي ٽري ميرواهه سان واسطو رکندڙ شهري محمد ياسين منگي پاران سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ هن الزام لڳايو ته ڪيس تعليم کاتي ۾ پرائيمري اسڪول ٽيچر (PST)جي حيثيت سان نوڪري لاءِ ٽيل ٽيسٽ ۾ ڪاميابي ملڻ باوجود اڃا تائين آفر ليٽر جاري نه ڪيو ويو آهي.محمد ياسين منگي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هو مقرر طريقيڪار موجب ٽيسٽ پاس ڪرڻ کان پوءِ ميڊيڪل ٽيسٽ، تصديق ناما ۽ سڀ قانوني ڪاغذ مڪمل جمع ڪرائي چڪو آهي، پر ان جي باوجود ڪيس روزگار جو آفر ليٽر نه ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته نوڪري جي دير سبب هن عدالت جو در کڙڪايو جتان ڪيس حق ۾ حڪم پڻ مليو پر افسوس آهي ته عدالتي حڪم جي باوجود به کاتي وارا نوڪري ڏيڻ لاءِ تيار ناهن.هن ان عمل کي سراسري ناانصافي ۽ زيادتي قرار ڏيندي چيو ته غريب اميدوارن سان اهڙو رويو اختيار ڪرڻ انساني ۽ قانوني حقن جي ڀڃڪڙي آهي. هن چيو ته هو ڪيترن مهينن کان پنهنجي جائز حق لاءِ ڌڪا کائي رهيو آهي، پر ڪنهن به ذميوار عملدار هن جو آواز نه ٻڌو.محمد ياسين منگي وڏن عملدارن ۽ صوبائي تعليم کاتي جي سيڪريٽري کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪيس جلد از جلد نوڪري جو آفر ليٽر جاري ڪيو وڃي.هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪيس آفر ليٽر نه مليو ته هو ٻيهر سکر پريس ڪلب جي آڏو علامتي بک هڙتال تي ويهندو ۽ پنهنجي حق لاءِ تحريڪ جاري رکندو.مظاهري ۾ شهرين ۽ سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪري تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته ميرٽ تي چونڊيل اميدوارن سان انصاف ڪيو وڃي.

ٽنڊوالهيار ۽ چمبڙ ۾ ڪارساز جي شهيدن جي ياد ۾ تقريبون

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ 18 آڪٽوبر ڪارساز سانحي جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تعلقه چمبڙ ۽ تعلقه ٽنڊوالهيار ۾ الڳ الڳ تقريب منعقد ٿي جڏهن ته پ پ تعلقه صدر غلام قادر دل طرفان منعقد تقريب ۾ قرآن خواني ڪرائي ملڪ ۽ قوم لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي ان موقعي تي پ پ پ ضلعي صدر ظهير عباس ٻٽائي . پي پي اڳواڻ ذوالقرنين ڪوڪر . تعلقه صدر غلام قادر دل . تعلقه انفارميشن سيڪريٽري شوڪت خاصخيلي . جاويد جمن لنڊ . عبدالستار گراڙ،جمن لغاري . ٽائون چيئرمين ٺاڪر نارائڻ داس، ڪلچرل ونگ صدر حاجي عباس وساڻ راجو ٺاڪر بشير هاليپوٽو دانش سومرو ۽ ٻين چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا جن پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي وقت جي آمر کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو ۽ ملڪ ۾ مسلط آمريت جو خاتمو آڻي جمهوريت قائم ڪئي.

مقصودو رند لڳ اڌ ٻٽئي تحريڪ جي هيرو ڪامريڊ رئيس بروهي جي 34 ورسي تقريب، پيٽا پيش

سنڌ ۾ هارين کي فصلن جا مناسب اگهه نه ٿا ملن، هاري ڪارڊ سنڌ جي غريب هارين کي ڏنا وڃن: ثمر حيدر

جاگيردارن ۽ سرمائيدارن سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال تمام گهڻي خراب آهي

ڪامريڊ رئيس بروهي سنڌ جي هارين کي حق وٺي ڏنا اڌ ٻٽئي تحريڪ جو هيرو هو، اسان گڏجي جدوجهد ڪئي: صوفي محمد عالم ڏاهري

مقصودو رند(ن ع) باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ويجهن سائين ۾ شمار ٿيندڙ اڌ ٻٽئي تحريڪ جو هيرو ڪامريڊ رئيس بروهي جي 34 ورسي جي موقعي تي ڳوٺ ڪامريڊ رئيس بروهي ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران هاري ڪانفرنس ڪرائي وئي هاري ڪانفرنس ۾ وڏي تعداد ۾ هارين جي شرڪت ورسي جي شروعات سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي جي اڳواڻي ۾ ڪامريڊ رئيس بروهي جي آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي ڪئي وئي جڏهن ته هاري ڪانفرنس کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي چيو ته سنڌ ۾ هارين سان ظلم پيو ٿئي هارين کي فصلن جا مناسب اگهه نه ٿا ملن هاري ڪارڊ سنڌ جي غريب هارين کي ڏنا وڃن جڏهن ته ٽيننسي ايڪٽ تحت تي عمل ڪرايو وڃي سنڌ جون زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي وڪڻيون پيون وڃن قبيلائي تڪرارن ۽ وڏيرن جاگيردارن سرمائيدارن سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال تمام خراب آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت غير قانوني طور آباد افغانين کي نيڪالي لاءِ ڪوبه قدم نه پئي کنئي سنڌ هاري ڪاميٽي پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف هاري ڪانفرنسون ڪرايون وينديون سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي سينئر نائب صدر محمد ادريس بروهي چيو ته بابا سائين هميشه هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي ورسي تقريب ۾ سمورن آيل معزز مهمانن کي ڀليڪار چئون ٿا نيشنل پارٽي سنڌ جي صدر تاج مري چيو ته سنڌ جي زمينن تي سنڌين جو حق آهي هاري ڪارڊ هارين سان مذاق آهي جڏهن ته سنڌ جي زمينن تي هارين جو حق آهي قوم پرست اڳواڻ صوفي محمد عالم ڏاهري چيو ته اسين ڪامريڊ رئيس بروهي سان گڏجي سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي ڪامريڊ رئيس بروهي سنڌ جي هارين کي حق وٺي ڏنا اڌ ٻٽئي تحريڪ جو هيرو هو ادبي شخصيت ڏاتي بخش بروهي چيو ته ڪامريڊ رئيس بروهي غريب مسڪين هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي سنڌ کي اهڙن ڪردارن جي سخت ضرورت آهي نوجوان ليکڪ صحافي بهادر رند چيو ته ڪامريڊ رئيس بروهي هميشه سنڌ جي ڳالهه ڪئي سنڌ ۾ هارين سان وڏي ناانصافي ٿي رهي آهي اسان کي ڪامريڊ رئيس بروهي جهڙي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي ورسي تقريب ۾ ڪامريڊ طالب جکري ڪامريڊ غلام قادر عرف پپو ميمڻ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي پريس ترجمان عابد رند، فوٽو مل ڪامريڊ ڏاڙهون مل محمد مبين بروهي نورالله بروهي عثمان بروهي مولا بخش بروهي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

مقصودو رند: اڌ ٻٽئي تحريڪ جي هيرو ڪامريڊ رئيس بروهي جي 34 ورسي تقريب، پيٽا پيش

ٻوزدارواڍا پرسان ڳوٺ يار محمد شينو جو بوائز پرائمري اسڪول گذريل 14 سالن کان بند

بوائز پرائمري اسڪول گذريل 14 سالن کان استاد مقرر نه ٿيڻ سبب بند پيل، تعليم تباهه ٿي وئي

اسڪول بند هجڻ سبب عمارت ڀوت بنگلي وارو ڏيک ڏيڻ لڳي، درخواستون ڏيڻ باوجود اختيارين اک نه پٽي

بوائز پرائمري اسڪول يارمحمد شينو ۾ استاد مقرر ڪري اسڪول کولايو وڃي ۽ ٻارڙن کي تعليم ڏني وڃي: ڳوٺاڻا

ٻوزدارواڍا(ن ع) ٻوزدارواڍا پرسان يوسي ٽلي ايٽ صبڙ رند جي ڳوٺ يار محمد شينو بوائز پرائمري اسڪول گذريل 14 سالن کان استاد مقرر نه ٿيڻ سبب بند پيل اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جي تعليم تباهه تعليم کاتي خيرپور جي ڊي اي او ۽ ٽي اي او ٽري ميرواهه جي لاپرواهي ۽ بي ڌياني سبب 14 سالن ۾ اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيو ۽ اسڪول بند هجڻ سبب اسڪول ڀوت بنگلي وارو ڏيک ڏيڻ لڳو اسڪول ۾ ديوي جا وڻ گند گاهه سبب اسڪول تباهه ٿي ويو ڳوٺاڻن پاران تعليم کاتي جي اعلي عملدارن کي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪرڻ ۽ کولڻ جون درخواستون پڻ ڏنيون مگر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو 200 کان وڌيڪ ٻارڙن جي اسڪول بند هجڻ ۽ اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ ڪري سندن تعليم تباهه جڏهن ته تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه به نوٽيس نه ورتو اسڪول بند هجڻ ۽ استاد مقرر نه ٿيڻ سبب اسڪولي ٻارڙا سخت پريشان ڳوٺ جي سياسي سماجي اڳواڻن وزير اعلي سنڌ صوبائي وزير تعليم سيڪريٽري تعليم ڪمشنر سکر ڊي سي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته پرائمري بوائز اسڪول يارمحمد شينو ۾ استاد مقرر ڪري اسڪول کوليو وڃي ۽ ٻارڙن کي تعليم ڏني وڃي نه ته ٻي صورت ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪنداسين

جماعت اصلاح المسلمين ضلع سکر جي سالياني مجلس عامله جي شاندار تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع سکر جي سالياني مجلس عامله جي پروقار تقريب المرڪز انوار طاهريه سائيٽ ايريا سکر ۾ منعقد ٿي. تقريب جا معزز مهمان جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جا فنانس سيڪريٽري خليفه محمد اقبال سوهو پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ روحاني طلبا جماعت جا مرڪزي اڳواڻ حافظ عظمت الله ميمڻ هئا. تقريب جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ ۽ نعت رسول مقبول صه سان ڪئي وئي.ضلعي جنرل سيڪريٽري حافظ جميل احمد طرفان ضلعي تنظيم جي سالياني ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي وئي جنهن ۾ سڄي سال دوران ٿيندڙ تنظيمي سماجي ۽ روحاني سرگرمين جو تفصيلي احوال ڏنو ويو.ان موقعي تي خطاب ڪندي صوبائي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته جماعت اصلاح المسلمين دنيا جي مختلف ملڪن ۾ منظم ۽ متحرڪ طريقي سان ماڻهن جي اخلاقي، روحاني ۽ تنظيمي تربيت لاءِ سرگرم عمل آهي. هن چيو ته دنيا ۾ امن ۽ ڀائيچاري جو قيام تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسان هن اصول تي عمل ڪريون ته "پنهنجو مذهب ڇڏيو ناهي ۽ ڪنهن ٻئي جو مذهب ڇيڙيو ناهي." ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته جماعت

ڪوٽ غلام محمد ۾ ورلڊ مينٽل هيلٿ ڊي جي مناسبت سان سيمينار

آگاهي پروگرامن جو مقصد ماڻهن کي احساس محرومي مان آزاد ڪرائڻ آهي: ماهر

ماڻهو مايوسي، خودڪشي ۽ گهرن ۾ طلاق جي وڌندڙ شرح جو شڪار ٿي رهيا آهن

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ ورلڊ مينٽل هيلٿ ڊي جي مناسبت سان ذهني صحت بابت آگاهي سيمينار جميل لائبريري ڪيمپس جيمس آباد ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت حيدرآباد مينٽل اسپتال جي هيڊ ۽ انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي ٽنڊو محمد خان سان لاڳاپيل مشهور سائيڪالاجسٽ ڊاڪٽر سيد جميل عرف جميل جيمس آبادي ڪئي.سيمينار ۾ ڊاڪٽر منير احمد جت، ڊاڪٽر بشير احمد، انجنيئر خالق احمد، شمس الدين ميمڻ مريد هاليپوٽو غلام مرتضيٰ ڪالرو برڪت شر ۽ محمد علي هاليپوٽو سميت استادن شاعرن صحافين ڳوٺاڻن عورتن ۽ ٻارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ٻهراڙين ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ اهڙن آگاهي پروگرامن جو مقصد ماڻهن کي احساس محرومي مان آزاد ڪرائڻ آهي ڇو ته صحتمند دماغ لاءِ صاف سٿرو ماحول سرسبز زمينون ۽ وڻڪاري تمام ضروري آهن هنن چيو ته ماحولياتي تباهي ۽ سماجي دٻاءُ سبب ماڻهو مايوسي خودڪشي ۽ گهرن ۾ طلاق جي وڌندڙ شرح جو شڪار ٿي رهيا آهن تنهنڪري اهڙا پروگرام وقت جي ضرورت آهن.آخر ۾ غريبن کي ڪپڙن جا وڳا ڏنا ويا ۽ مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪري سنڌي ثقافت کي پيٽا پيش ڪئي وئي.

مهراڻ يونيورسٽي ۾ ميوٽ گالا جي سلسلي ۾ گڏجاڻي

اسٽالن کي سينگارڻ ۽ سنڀالڻ جو پروگرام ترتيب ڏنو ويو

ميلي ۾ سڄي ملڪ مان ناليوارا پبليشر اچي پنهنجي شايع ڪيل ڪتابن جا اسٽال لڳائيندا

ڄامشورو(اپ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران پراڻي اٿليٽڪس گرائونڊ تي 22 ۽ 23 آڪٽوبر تي ٻن ڏينهن جو ميوٽ گالا ميلو منعقد ٿي رهيو آهي ميلي جي انتظامن جو

شين، کاڌي پيتي، ٿادل کاڌين جي لائسنس، راندين فن ۽ ٻين سٺ کان وڌيڪ اسٽالن کي سينگارڻ ۽ سنڀالڻ جو پروگرام ترتيب ڏنو ويو ميلي ۾ سڄي ملڪ مان ناليوارا پبليشر اچي پنهنجي شايع ڪيل

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اڱارو 21 آڪٽوبر 2025ع

مردار گوشت جا واپاري ۽ بي حس انتظاميا

اسان جي شهرن جا منظر ڏسڻ ۾ ته روشن پر اندران سڙيل آهن ها، اها ئي حقيقت آهي جنهن کي موسيٰ ڪالوني واري واقعي ٻيهر بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي، جتي پوليس کي اطلاع مليو ته هڪ گودام ۾ مرده مرغيءَ جو گوشت وڏي پيماني تي ذخيرو ڪري، شهر جي فاسٽ فوڊ ۽ برياني سينٽرن ڏانهن موڪلڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي. پوليس جڏهن ڇاپو هنيو ته 80 ڪلو کان وڌيڪ مردار گوشت هٿ آيو ۽ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو، انهن مان هڪ انور عرف علي بنگالي ۽ ٻيو ڪمال نالي آهي، جيڪي مبينا طور تي ڪيترن مهينن کان مردار گوشت کي 'مزيدار ڪاڌي' جي نالي ۾ عوام جي پيٽ تائين پهچائي رهيا هئا. اهو ڪو پهريون واقعو ناهي ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ اهڙيون ڪارروايون وقت بوقت سامهون اينديون رهيون آهن، پر نتيجو هر ڀيري ساڳيو ڪجهه ڏينهن جو شور، ڪجهه فوٽو سيشن ۽ پوءِ ٻيهر خاموشي. پوليس رپورٽون ٺهن ٿيون، فوڊ اٿارٽي جا اهلڪار فوٽو ڪڍرائين ٿا، پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ساڳين علائقن ۾ ساڳيا ڪاروبار ٻيهر شروع ٿي وڃن ٿا.

اسان جي سماج ۾ هاڻي حرام ۽ حلال جون حدون لالچ جي نالي ۾ ڊهي ويون آهن. هڪ طرف ماڻهو پنهنجي ٻارن کي صاف ڪاڌو کارائڻ لاءِ مرغي يا مهانگو گوشت خريد ڪري ٿو ته ٻئي طرف ڪجهه بي ضمير واپاري پنهنجي ٽجوڙي ڀرڻ لاءِ مردار جانورن جو گوشت بي درديءَ سان عوام کي کارائين ٿا. انهن لاءِ نه دين آهي، نه قانون، نه ضمير. مُلڪ جي گاديءَ واري هنڌ يعني اسلام آباد ۾ ته نه ڄاڻ الائي ڪيتري وقت تائين عوام کي گڏهه جو گوشت کارايو ويندو رهيو. سوال اهو آهي ته اهڙو زهر عوام جي پيٽن ۾ ڪيئن پهچي ٿو؟ مارڪيٽن ۾ ڪير نگراني ڪري ٿو؟ فوڊ انسپيڪشن صرف ڪاغذن تائين محدود ڇو آهي؟ ڇا فوڊ اٿارٽي جا عملدار صرف تصويرون ڇپائڻ تائين پابند آهن؟ جڏهن شهري هزارين رپين جا ٽيڪس ڏين ٿا ته کين گهٽ ۾ گهٽ حلال ۽ محفوظ خوراڪ ته ملڻ گهرجي. پر افسوس جو انتظاميا ائين لڳي ٿو ڄڻ ته هن کي به عوام جي پيٽ بدران صرف طاقتورن جي ٽجوڙين جي خبر هجي. اهڙن واقعن ۾ هڪ ٻي خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته مردار گوشت جو واپار ڪنهن هڪ علائقي تائين محدود ناهي. اهو هڪ منظم نيٽ ورڪ آهي، جتي ڪٺل جانورن جي باقيات، فريز ٿيل مرده گوشت ۽ مارڪيٽن مان واپس آيل خراب مرغيون گڏ ڪري نئين طريقي سان 'پروسس' ڪري، مختلف هوٽلن ۽ ٺيلهن تائين موڪليون وڃن ٿيون. انهن ۾ ڪيترائي اهڙا نالا به شامل آهن، جن تي عوام کي ڀروسو هوندو آهي. نتيجي ۾ بيماريون وڌي رهيون آهن. هيپاٽائٽس، پيٽ جا انفيڪشن ۽ خوراڪ سان لاڳاپيل وبائون عام ٿي ويون آهن. پر ڪنهن کي احساس ئي ناهي. اهو سماج جو الميو آهي ته اسان جي ضميرن مان خوف ختم ٿي ويو آهي، نه قانون جو ڊپ، نه خدا جو خوف. اسان اهو به وساري ڇڏيو آهي ته جنهن گرهه ۾ حرمت نه هجي، اهو صرف جسم نه پر سماج کي به بيمار ڪري ڇڏيندو آهي. ڪڏهن اهو سوچڻ جي به ضرورت آهي ته جيڪي ماڻهو مردار يا حرام گوشت سان واپار ڪري رهيا آهن، اهي دراصل انسانيت جا دشمن آهن اهي نه رڳو عوام کي بيمار ڪري رهيا آهن پر نسلن جي صحت ۽ مستقبل سان کيڏن ٿا. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته فوڊ اٿارٽي، پوليس ۽ انتظاميا کي گڏجي سخت ترين حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي. اهڙن ڪاروبارن تي رڳو ڏنڊ يا عارضي سيل نه پر مستقل پابندي هڻڻ گهرجي، جن ماڻهن اهڙو ڪاروبار ڪيو آهي، انهن جا نالا عوام آڏو ظاهر ڪيا وڃن، جيئن سماج کين عبرت جو نشان بڻائي. عدالتن کي به اهڙن ڪيسن کي معمولي ڏوهه نه پر "انساني صحت سان ڏاڍ" جي حيثيت سان ڏسڻو پوندو. اهو به ضروري آهي ته عوام پاڻ به جاڳي، جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ ٿئي ته ڪنهن هوٽل يا فاسٽ فوڊ سينٽر تي گوشت غيرمعمولي آهي ته ترت رپورٽ ڪري. اسان جي خاموشي ئي انهن بي ضمير ماڻهن جي طاقت آهي.

سنڌ جي سڄڻ جو اي.آئي ماڊل- سائنس جي دنيا ۾ ٽرٽلو!

پروفيسر ڊاڪٽر محمد صادق ميمڻ

(حصو ٻيو ۽ آخري)

غلام فاروق جي ڪاميابي هڪ اهڙو مثال آهي جيڪو سنڌ جي نوجوانن لاءِ الهام جو سرچشمو آهي هڪ ترقي پذير ملڪ جي ننڍڙي شهر مان نڪرندڙ هڪ محقق جو علمي سطح تي اهڙو مقام حاصل ڪرڻ ثابت ڪري ٿو ته جيڪڏهن عزم، محنت ۽ جديد تعليم کي گڏ ڪيو وڃي ته ڪو به مقصد محال ناهي سندس تحقيق اهو ظاهر ڪري ٿي ته سنڌ جا نوجوان نه رڳو قومي پر علمي سطح تي به پنهنجي صلاحيتن جو لوهو مڃرائي سگهن ٿا سندس ڪم نه رڳو سائنسي برادري لاءِ پر سماج جي هر طبقي لاءِ فخر جو باعث آهي هن جي ڪاميابي سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ چيلنج آهي ته هو پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي دنيا کي ڏيکارين ته سنڌ جا ذهن ڪنهن به ميدان ۾ پوئتي نه آهن

ويجهڙائي ۾ سنڌ فارنسڪ سوسائٽي جي زيرِ اهتمام منعقد ٿيل ڪنٽينيوئنگ ميڊيڪل ايجوڪيشن (CME) پروگرام ۾ غلام فاروق کي مهمان خاص جي حيثيت سان دعوت ڏني وئي هن تقريب ۾ پاڪستان جي مختلف حصن مان فارنسڪ ماهرن، جديد ٽيڪنالاجي جي ماهرن ۽ محققن شرڪت ڪئي غلام فاروق جي AI-Driven Post-Mortem Reconstruction ۽ Smart Evidence Mapping جي لائيو مظاهري دوران حاضرين حيران ٿي ويا، ۽ هال تاڙين سان گونجي اٿيو. ڪيترن ئي ماهرن جو چوڻ هو ته هي لمحو پاڪستان جي فارنسڪ سائنسز لاءِ اهڙي اهميت رکي ٿو، جيئن انسان جو چنڊ تي پهريون قدم سائنس جي تاريخ لاءِ هو. هن مظاهري ۾ غلام فاروق پنهنجي ٽيڪنالاجي جي صلاحيتن کي پيش ڪيو، جنهن ۾ هن ڏيکاريو ته ڪيئن AI جي مدد سان تحقيقاتي عمل کي وڌيڪ تيز ۽ درست بڻائي سگهجي ٿو. هن جي پيشڪش نه رڳو سائنسي طور تي شاندار هئي، پر اها سماجي انصاف جي حصول ۾ پڻ هڪ اهم پيش رفت طور سامهون آئي. غلام فاروق پنهنجي خطاب ۾ چيو ته آرٽيفيشل انٽيليجنس انساني سوچ جو تسلسل آهي، جڏهن اها سوچ انصاف جي خدمت ۾ لڳي ته ڪو به جرم پوشيده نٿو رهي. هي جملو نه رڳو سندس علمي ۽ اخلاقي ويزن جو عڪاس آهي، پر اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته هو پنهنجي تحقيق کي صرف سائنسي ترقي لاءِ نه، پر سماجي انصاف جي حصول لاءِ پڻ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. سندس ماڊل جرم جي تحقيقات ۾ اهڙي درستگي ۽ رفتار آندي آهي جيڪا اڳ ۾ تصور کان ٻاهر هئي. هن جي ٽيڪنالاجي جي مدد سان اهي ڪيس، جيڪي سالن تائين حل نه ٿي سگهيا هئا، هاڻي گهٽ وقت ۾ حل ٿيندا. هن جي تحقيق نه رڳو سائنسي ميدان ۾ هڪ نئون باب کوليو آهي، پر اها سماج ۾ انصاف جي فراهميءَ کي به آسان بڻائي رهي آهي.

غلام فاروق جو خواب آهي ته پاڪستان ۾ هڪ نيشنل AI فارنسڪ سينٽر قائم ڪيو وڃي جتي جديد AI ٽيڪنالاجيز جي ذريعي هر ڪيس جو تجزيو ڊجيٽل ٽريس ۽ ٽائيم فريم ويريفڪيشن جي بنياد تي ڪيو وڃي. هن جو هي ويزن نه رڳو پاڪستان جي فارنسڪ سائنسز کي جديد بڻائي سگهي ٿو، پر اهو علمي سطح تي پڻ هڪ مثال قائم ڪري سگهي ٿو. سندس تحقيق ۽ ڪاوشون دنيا جي فارنسڪ ماهرن لاءِ الهام جو سرچشمو بڻجي رهيون آهن. هن جو ڪم نه رڳو سائنسي ترقي تائين محدود آهي، پر اهو سماجي انصاف جي حصول ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن جي AI ماڊل جي مدد سان اهي ڪيس، جيڪي اڳ ۾ وسيلن جي کوٽ يا ٽيڪنيڪي حدن جي ڪري حل نه ٿي سگهيا، هاڻي تيزيءَ سان حل ٿيندا. هي نه رڳو تحقيقاتي عمل کي بهتر بڻائي رهيو آهي، پر متاثرين کي جلد انصاف فراهم ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي رهيو آهي.

غلام فاروق جي ڪاميابي صرف سندس ذاتي محنت جو نتيجو ناهي، پر اها سنڌ ۽ پاڪستان جي سائنسي صلاحيتن جي به عڪاس آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن موقعا ۽ وسيلا فراهم ڪيا وڃن، ته سنڌ جا نوجوان علمي سطح تي به پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري سگهن ٿا. سندس تحقيق جو هڪ اهم پهلو اهو آهي ته اها رڳو سائنسي ترقي تائين محدود ناهي، پر اها سماجي انصاف جي حصول ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن جي AI ماڊل جي مدد سان اهي ڪيس، جيڪي اڳ ۾ وسيلن جي کوٽ يا ٽيڪنيڪي حدن جي ڪري حل نه ٿي سگهيا، هاڻي تيزيءَ سان حل ٿي رهيا آهن. هي نه رڳو تحقيقاتي عمل کي بهتر بڻائي رهيو آهي، پر متاثرين کي جلد انصاف فراهم ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي رهيو آهي. غلام فاروق جي ڪاميابي سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ چيلنج ۽ الهام آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته محدود وسيلن، مشڪلاتن ۽ چيلنجز جي باوجود، محنت، علم ۽ عزم سان علمي سطح تي مقام حاصل ڪري سگهجي ٿو.

سندس سفر اها به ياد ڏياري ٿو ته سنڌ جا نوجوان نه رڳو قومي پر علمي سطح تي به پنهنجو پاڻ مڃرائي سگهن ٿا. سندس تحقيق ۽ ڪاميابيون اسان کي اهو به سيکارين ٿيون ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ تعليم جو صحيح استعمال سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهي ٿو. هن جي ڪم جي ذريعي سنڌ ۽ پاڪستان جي سائنسي برادري کي علمي سطح تي سڃاڻپ ملي آهي ۽ اهو اسان سڀني لاءِ فخر جو مقام آهي. غلام فاروق جي ڪاميابي رڳو هڪ شخص جي ڪهاڻي نه آهي، پر اها سنڌ جي علمي، فڪري ۽ سائنسي صلاحيت جو عڪس آهي. سندس تحقيق ۽ ويزن ثابت ڪري ٿو ته سنڌ جا ذهن علمي سائنسي نقشو بدلائڻ جي صلاحيت رکن ٿا. سندس خواب ۽ محنت اسان سڀني لاءِ هڪ روشن مثال آهي ۽ اميد آهي ته سندس هي سفر مستقبل ۾ به نوان سنگ ميل قائم ڪندو.

غلام فاروق جي ڪاميابي سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ چيلنج آهي ته هو پنهنجي صلاحيتن کي ڪم آڻي ۽ دنيا کي ڏيکارين ته سنڌ جا ذهن ڪنهن به ميدان ۾ پوئتي نه

آمريڪا جي فضائن مان

تاج، جهاز ۽ تماشو - آمريڪا جا ٽُٽل خواب!

راجا زاهد اختر خانزاده

هي رڳو هڪ وڊيو نه هو پر هڪ دور جو آئينو هو. ويهه سيڪنڊ جو هڪ ڊجيٽل خواب، جنهن ۾ سچ کان وڌيڪ غرور ۽ طنز کان وڌيڪ حقيقت لڪل هئي. ڊونلڊ ٽرمپ، سون جي تاج ۾، هڪ جنگي جهاز جي ڪاڪ پٽ ۾ ويٺل ڏيکاريو ويو، جنهن تي سونن اکرن ۾ لکيل هو "King Trump". هيٺ زمين تي لکين ماڻهو "No Kings!" جا نعرا هڻي رهيا هئا.

وڊيو ۾ جهاز Kenny Loggins جي مشهور ڌن Danger Zone تي لڙام پري ٿو پوءِ نيويارڪ جي آسمان تي پهچي هڪ ڀورو ليڪوئيڊ يا مايو، جيڪو فضلي يا گند جهڙو لڳي ٿو احتجاج ڪندڙن تي اڇلائي ٿو هي منظر مزاح نه هو پر جمهوريت جي روح تي هڪ علامتي حملو هو ان ئي جمهوريت تي جنهن صديون اڳ بادشاهت جي زنجيرن مان آزاديءَ لاءِ جنم ورتو هو.

هن رات نائب صدر جي ڊي وينس جي اڪائونٽ تان ٻي وڊيو پوسٽ ٿي جيڪا ويهه سيڪنڊن جي هئي جنهن ۾ ٽرمپ کي تاج پهريل هو ۽ هو تخت تي ويٺل ڏيکاريو ويو هو هو مياڻ مان تلوار ڪڍي ٿو ۽ سندس اڳ رعيت سجدو ڪري ٿي هيٺ ڪيپشن لکيل هو: "Have a good night everyone."

اها ئي رات هئي جڏهن آمريڪا جي سمورين پنجاهه رياستن ۾ ماڻهن جو سمنڊ "No Kings Protest" جي بئنرن هيٺ رستن تي نڪري آيو. ڪارا، اڇا، ايشيائي ۽ هسپانوي سڀني جي هٿن ۾ تخت خلاف نعرا لکيل هئا:

"I Pledge Allegiance to No King."

"Democracy ,not Monarchy."

"The Constitution is not optional."

"This is what democracy looks like."

پر آسمان مان جيڪو ڪجهه وسي رهيو هو، اهو ڄڻ چٽي رهيو هو "هي طاقت کي پسند آهيا" آسمان مان وسندڙ فضلو يا گند دراصل زمين تي ڪِري پيل غرور هو طاقت جي اها ڪِل جيڪا پنهنجي ئي رعيت جي زخمن تي مرڪندي آهي پر هيٺ لکين ماڻهو "No Kings" جا بئنر کڻي چٽي رهيا هئا ته آمريڪا کي بادشاهه نه پر انصاف گهرجي.

ان وقت سينيٽر برني سينڊرز ميڙ کي خطاب ڪندي چيو 'اسان هتي آمريڪا سان نفرت ڪرڻ نه آيا آهيون، اسان هتي ان سان محبت ڪرڻ آيا آهيون' اهو جملو رڳو تقرير نه پر هڪ قوم جي ضمير جي گواهي هو، جڏهن اقتدار پاڻ کي بادشاهه سمجهي، تڏهن عوام جي محبت ئي بغاوت بڻجي ٿي اهو جملو سياستدان جو نه پر هڪ دور جو اعتراف هو، جو ته محبت اطاعت ناهي گهرندي، سوال ڪندي آهي ۽ سوال ئي قوم جي بقا جا ضامن ٿين ٿا. هي احتجاج آمريڪا جي 250 ورهين جي جمهوري سفر جو ضمير هو.

اهو ملڪ جيڪو ابراهم لنڪن جي ان قول تي بيٺل هو ته 'حڪومت عوام جي، عوام لاءِ ۽ عوام ذريعي هئڻ گهرجي' اڄ ان ملڪ جي آسمان تي بادشاهه جو جهاز اڏامي رهيو هو. وڊيو، موسيقيءَ جي ڌن ۽ تاج جي چمڪ گڏجي سياست جو هڪ نئون مثال بڻجي ويا آهن جتي طاقت اخلاق کان مٿي ۽ طنز حقيقت کان وڌيڪ طاقتور بڻجي وئي آهي، جڏهن Fox News ٽرمپ کان تبصرو پڇيو، هن کلندي چيو:

"They're calling me a king. I'm not a king."

شايد تاريخ هن جملي کي پنهنجي سيني ۾ زخم جيان محفوظ ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته جڏهن طاقت چوي ٿي 'مان بادشاهه ناهيان'، تڏهن اڪثر اها بادشاهت جي تخت تي ويٺل هوندي آهي تاج بدلجي وڃي ٿو پر مزاج ساڳيو رهي ٿو.

آمريڪا جي تاريخ پنهنجي تضادن کان آزاد ڪڏهن به ناهي رهي، اهو ئي ملڪ آهي جتي Mayflower جي مسافرن اميد جو پهريون ٻج پوکيو، جتي پهريون Thanksgiving شڪر ۽ صبر جي علامت بڻيو پر ان ئي زمين پنهنجا رستا اصلي قبيلن جي رت سان ڌاهيا. اهو ئي ملڪ آهي، جتي Harriet Tubman غلامن کي رات جي اونداهه ۾ آزادي ڏني، جتي Sojourner Truth چيو: "Ain't I a Woman?" ڇا مان عورت نه آهيان؟ جتي Rosa Parks هڪ سيٽ نه ڇڏيندي تاريخ بدلائي ۽ جتي .Martin Luther King Jr خواب ڏٺو هو هڪ اهڙو آمريڪا، جتي انسان جي سڃاڻپ رنگ سان نه پر ڪردار سان ٿئي.

پر اڄ اهو ئي ملڪ پنهنجي خواب تي کِلندو نظر اچي ٿو، طاقت جو جهاز پنهنجي ئي شهرين تي فضلو يا گند وسائي ٿو، اهي ماڻهو جيڪي آمريڪا جا جهنڊا کڻي انصاف جي نالي ۾ احتجاج ڪن ٿا هي ڪو حادثو ناهي پر هڪ نفسياتي علامت آهي هڪ اهڙي سماج جي جيڪا طاقت جي نشي ۾ پنهنجو اخلاقي آئينو ٽوڙي رهي آهي

صدر ٽرمپ جي وڊيو رڳو سياسي طنز ناهي پر هڪ 'ڊجيٽل بادشاهت' جي اڳڪٿي آهي جتي سياستدان پاڻ کي نجات ڏيندڙ سمجهي ٿو ۽ عوام رڳو تبصرن ۽ hashtags ۾ آزادي ڳولي ٿو.

آمريڪا ڪڏهن سڀني جو ملڪ هو، هر رنگ، هر نسل ۽ هر مذهب ان جي تعمير ۾ ڪردار ادا ڪيو، اهو ملڪ جنهن آفريڪا جي زنجيرن کان وٺي ايشيا جي خوابن تائين ماڻهن کي پناهه ڏني جتي آئرش، اطالوي، ميڪسيڪن، پاڪستاني ۽ عرب سڀ گڏ ٿي ان جو حصو بڻيا. اهو رڳو جغرافيو نه هو پر هڪ خيال، هڪ وعدو، هڪ خواب هو پر اڄ سياست جي ورهاست ان خواب جا رنگ ڦِڪا ڪري ڇڏيا آهن طاقت اتحاد کي ڪمزور ڪيو آهي مذهب ۽ نسل جي فرق "United States" کي "Divided States" بڻائي ڇڏيو آهي.

صدر جي حامين "No Kings" مارچ کي "Hate America Rally" سڏيو، جڏهن ته وائيٽ هائوس جي ترجمان ابيگيئل جيڪسن کان سوال ٿيو، تڏهن ان رڳو ٻه لفظ چيا: "Who cares?"

ٻه لفظ 'Who cares' اڄوڪي آمريڪا جي تصوير بڻيل آهن. اهو آمريڪا جيڪو شور ۾ پنهنجو آواز وڃائي چڪو آهي اڄ آمريڪا کي سياسي فتح نه پر ضمير جي بيداريءَ جي ضرورت آهي.

اهو ياد رکڻو پوندو ته هي ملڪ رڳو طاقتورن جو نه پر سڀني جو آهي، اهي مهاجر جيڪي خواب ڏسي آيا، اهي غلام جيڪي زنجيرن ۾ مسڪرائي ويا، اهي عورتون جن صدين جي خاموشي ٽوڙي ۽ اهي نوجوان جيڪي اڄ سوال ڪرڻ جي همت رکن ٿا. اهو ملڪ جيڪو غلاميءَ خلاف اٿيو هو، جنهن عورتن کي ووٽ جو حق ڏنو ۽ جيڪو دنيا جي پناهگيرن لاءِ اميد جو ڏيئو بڻيو، اڄ ان کي پنهنجن ئي شهرين کي ياد ڏيارڻو پئجي رهيو آهي ته جمهوريت تخت سان نه پر برابريءَ سان زنده رهي ٿي.

اهو تاج جيڪو اڄ مصنوعي ذهانت (AI) سان ٺهيو، سڀاڻي حقيقي بادشاهت بڻجي سگهي ٿو، جيڪڏهن عوام پنهنجي يادداشت مان سوال ڪرڻ ختم ڪري ڇڏي، ته هي اهو لمحو آهي جڏهن تاريخ پنهنجو ساهه روڪي ڏسي رهي آهي ته ڇا هي اهو ئي ملڪ آهي جيڪو Declaration of Independence ۾ لکي چڪو آهي:

" All men are created equal?" يا اهو رڳو هڪ سوشل ميڊيا پوسٽ بڻجي ويو آهي؟

تاريخ جو قلم خاموش نه رهندو، هڪ ڏينهن جڏهن مؤرخ لکندا 'آمريڪا جي صدر هڪ اي آءِ وڊيو ۾ پنهنجي ئي عوام تي فضلو يا گند اڇلايو ۽ سندس نائب صدر تاج ۽ تلوار سان عوام کي سجدو ڪرائيندي وڊيو شيئر ڪئي' تڏهن اهو پڻ لکيو ويندو ته اهو وقت هو جڏهن طاقت اخلاق کي شڪست ڏني ۽ جمهوريت پاڻ تي طنز ڪيو پر شايد اهو به لکڻو پوي ته 'اهو ئي لمحو هو جڏهن آمريڪا پنهنجي آئين جي روح کي ٻيهر سڃاتو، هي ملڪ ڪنهن هڪ جو نه پر سڀني جو آهي' اڄ جو آمريڪا اهو آهي جتي آزاديءَ جي آواز جي وچ ۾ آمرانه طنز جو آواز ٻڌجي ٿو، جتي وائيٽ هائوس جو رنگ اڄ به مصنوعي روشنيءَ ۾ لڪل سونو تاج بڻجي ويو آهي جتي احتجاج ڪندڙن کي "Hate America Rally" سڏيو وڃي ٿو ۽ سچ ڳالهائيندڙن کي "Antifa" جهڙي دشمن بڻايو وڃي ٿو ۽ هيءَ اها راند آهي جيڪا هر بادشاهه کي ايندي آهي.

پهريان اختلاف رکندڙ کي خاموش ڪراءِ ۽ پوءِ ان کي دشمن ٺاهه، دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت ۾ اڄ جيڪو ٿي رهيو آهي اهو جمهوريت نه پر بادشاهت جي واپسي آهي، هاڻي صرف فرق اهو آهي ته تاج اي آءِ ٺاهي ٿو ۽ دربار Truth Social تي لڳي ٿو.

شايد تاج چمڪندڙ آهي پر تاريخ جو آئينو ان کان وڌيڪ روشن آهي.

جيڪڏهن آمريڪا کي ٻيهر سُرخرو يا ڪامياب ٿيڻو آهي ته ان کي پنهنجي بانيءَ جو خواب ياد رکڻو پوندو، جتي رنگ، نسل مذهب يا نفرت نه پر انصاف، علم ۽ انسانيت تي قوم بيٺل هئي طاقت عارضي آهي پر انصاف دائمي آهي سچ اهو آهي ته آمريڪا ڪنهن هڪ جو نه پر سڀني جو آهي

ڪڻڪ جي نئين پاليسي، آبادگارن جا مسئلا ۽ مستقبل ۾ خوراڪ جو تحفظ

رحمت الله پرڙو

تازو سنڌ حڪومت بينظير هاري ڪارڊ کان پوءِ ڪڻڪ پوکائي ۾ آبادگارن جي مدد ۽ سهڪار لاءِ 9.55 ارب جي ڊي اي پي ۽ يوريا جي مد ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي اهي ۽ ٻيون زرعي سڌارن لاءِ ڪوششون پنهنجي جاءِ تي بهترعمل آهن پر گذريل ڏينهن 2025 ۽ 2026 لاءِ نئين ڪڻڪ پاليسي جو وفاقي حڪومت اعلان ڪيو آهي ڪڻڪ، جيڪا ملڪ جي خوراڪ جي سلامتيءَ جو مرڪز آهي اڄ وري به قومي بحث جو محور بڻجي وئي آهي وفاقي حڪومت ايندڙ فصل لاءِ ڪڻڪ جو امدادي اگهه في مڻ 3500 رپيا مقرر ڪيو آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت 4200 رپين جو مطالبو رکندي خبردار ڪيو هو ته وڌندڙ زرعي خرچن جي ڪري پوکائيءَ جو بار آبادگار نه کڻي سگهندا پر وفاقي پاليسي انهيءَ تجويز کي رد ڪندي هڪ اهڙو فيصلو ڪيو آهي جيڪو نه رڳو آبادگار، پر عام صارف لاءِ به نئين بحث جو در کولي ٿو هن وقت ڊي اي پي، يوريا، ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافو آبادگارن لاءِ وڏي آزمائش بڻيل آهي هڪ ايڪڙ زمين تي ڪڻڪ پوکڻ جو خرچ گذريل ٻن سالن جي ڀيٽ ۾ لڳ ڀڳ ٻيڻو ٿي چڪو آهي اهڙي صورتحال ۾ 3500 رپيا في مڻ جو اگهه عملي طور تي آبادگار لاءِ نقصان جو سودو بڻجي سگهي ٿو.

سنڌ حڪومت، جيڪا زرعي معيشت کي بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، 9.55 ارب رپين جي سبسڊي ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي ته جيئن ڊي اي پي ۽ يوريا جي قيمت ۾ رليف ملي اهو قدم قابل تعريف آهي پر سوال اهو آهي ته ڇا اها سبسڊي هر حقيقي هاريءَ تائين پهچندي يا وچ وارا نفعو کڻندا؟ ٻئي پاسي آئي ايم ايف جي شرطن ۽ زرعي شعبي تي لاڳو ٿيندڙ ٽيڪسن جا نوان ضابطا به صورتحال کي پيچيده بڻائي رهيا آهن جڏهن عالمي منڊيءَ ۾ خوراڪ جون قيمتون غير مستحڪم آهن، تڏهن ملڪ جي اندر زرعي پاليسين کي ماڻهن جي خوراڪ جي تحفظ سان جوڙڻ لازمي آهي جيڪڏهن آبادگار کي منافعو نه ملندو ته پوکائي گهٽ ٿيندي ۽ پوءِ ملڪ کي خوراڪ جي کوٽ، مهانگائي ۽ درآمد تي انحصار جي صورت ۾ وڏا خطرا پيش ايندا انهيءَ پسمنظر ۾ ضروري آهي ته وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ زرعي پاليسين تي باقاعده هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي آبادگارن لاءِ پيداواري لاڳت موجب امدادي اگهه طئي ڪيو وڃي، سبسڊيءَ جي ورڇ شفاف طريقي سان ڪئي وڃي ۽ آبي وسيلن، ٻج ۽ مارڪيٽ تائين رسائيءَ جا مسئلا حل ڪيا وڃن ڪڻڪ پاليسيءَ جو اصل مقصد تڏهن ڪامياب ٿيندو جڏهن آبادگار خوشحال، صارف مطمئن ۽ ملڪ خوراڪ جي لحاظ کان محفوظ هوندو رياست کي پنهنجي خوراڪ جي سلامتيءَ کي سياسي فيصلا نه پر قومي بقا جي اصولن تي قائم رکڻو پوندو

مستقبل لاءِ مشورا: وفاق ۽ صوبن ۾ زرعي پاليسين تي مڪمل هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي آبادگار جي پيداواري لاڳت مطابق امدادي اگهه مقرر ڪيو وڃي سبسڊيءَ جي شفاف ورڇ ۽ مانيٽرنگ نظام قائم ڪيو وڃي آبي وسيلن، معياري ٻج ۽ مارڪيٽ تائين رسائيءَ جا مسئلا حل ڪيا وڃن زرعي شعبي کي خوراڪ جي تحفظ واري قومي پاليسيءَ جو حصو بڻايو وڃي وفاق کي کپي ته سنڌ ڪافي معاملن ۾ پوئتي پيل آهي خصوصن وڏن عوامي منصوبن ۽ خاص طور زراعت ۽ آبپاشي واري معاملي تي وفاقي حڪومت کي قومي بجيٽ ۾ مناسب حصو وقت سر ڏيڻ کپي هن وقت به ڪڻڪ پوکائيءَ لاءِ آبادگارن کي جيڪو سبسڊي پروگرام رٿيو آهي سو پنهنجي جاءِ تي ساراهه جوڳو عمل آهي پر ڊي اي پي ۽ يوريا ڏيڻ لاءِ جيڪا پاليسي اختيار ڪئي وئي هئي جنهن جو اشتهار به ڊي جي ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڏنو هو سو مناسب نه هو ۽ نه ئي وري وقت سر اهو ڪم ٿي سگهي ها. جنهن ۾ شفافيت جو سوال ضرور سامهون اچي ها. خبر پئي آهي ته حڪومت آبادگارن کي ڊي اي پي ۽ يوريا جي مد ۾ پئسا ڏيڻ چاهي ٿي. دير يا وقت سر بهرحال پئسا ملي سگهن ٿا. باقي ڊي اي پي ڏيڻ ۽ ان کي ورهائڻ ۽ مانيٽر ڪرڻ جنهن ۾ وقت سر شفافيت به هجي سو پڻ غور طلب معاملو ڏسڻ وٽان اچي پيو. اميد ٿي ڪجي ته سنڌ حڪومت هارين ۽ آبادگارن سان جيترو ٿي سگهي زرعي پاليسي 2018 تو 2030 تحت سهڪاري رهندي. جنهن سان سنڌ جي زراعت بهتر کان بهتر ڪري سگهجي ۽ آبادگار کي به ڪڻڪ ۽ ٻين زرعي جنسن جي پوکائي بهتر کان بهتر ٿي سگهي وفاقي حڪومت کي به قومي پسمنظر رکندڙ پاليسين ۾ صوبن جي ضرورتن ۽ حالتن مطابق ڏسڻ کپي ته جيئن صوبن جي گهرجن، ادارن ۽ عوامي ضرورتن جو وقت سر پورائو ڪري سگهجي

بندوبست

مير اعظم علي ٽالپر

آڳاٽي زماني (1960ع ۽ 1970ع) ۾ اسان وٽ موسم تبديل ٿيڻ خاص ڪري سيارو اچڻ کان پهرين سياري جي آمد کي ڏسندي سياري جي سرديءَ کان بچڻ ۽ محفوظ رهڻ لاءِ انتظام ڪيو ويندو هو، جنهن کي بابا، نانا، برادر (سڀ مرحوم) 'بندوبست' جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ اُن دور ۾ سيارو به 15 آڪٽوبر کان ئي شروع ٿي ويندو هو، سرُتسري ويندا هئا ۽ اُنهن ۾ هڪ سچو سرُ ته ٻيو ڪوڙو سرُ ٿيندو هو ۽ 15 آڪٽوبر جو سچ لهندي لهندي ڪڻڪ ۽ برسيم پوکڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ ريج جو پاڻي ڇڏي ريج ڪيو ويندو هو ۽ اُن ئي زماني ۾ سنڌ ۾ قائم ٿيل پهرين شگر مل (فوجي شگر مل ٽنڊو محمد خان) ڪمند جي پيڙهائي شروع ڪرڻ لاءِ چمني ٻاري دونهون ڪڍڻ شروع ڪندي هئي ۽ آبادگارن کي ڪمند مِل تي موڪلڻ لاءِ سلطان نالي انڊنٽ ڏيندو هو ۽ اُن وقت ڪمند 2 روپيا مڻ هوندو هو، اڄڪلهه سڀ ڪجهه اُبتو ٿي ويو آهي هاڻ 15 آڪٽوبر کان نه ته ڪڻڪ ۽ برسيم جو ريج ڇڏيو وڃي ٿو ۽ نه ئي سرُ ڦاٽي ٿو اُن ڪانسواءِ نه ڪمند جون مِلون هلن ٿيون، تازو سنڌ سرڪار سنڌ ۾ شگر ملون پهرين نومبر کان هلائڻ لاءِ مِل مالڪن کي اک ڏيکاري هئي پروڙي مِل جي مالڪن اها سرڪاري اک ڏسندي چيو ته اِها اک چلهه بڻجي وئي آهي ته ٿيندي ۽ نه ئي اُن اک ڏيکارڻ جو ڪو اثر مِل مالڪن مٿان ٿيو، تيئن ٻن ٽن ڏينهن ۾ سنڌ سرڪار خود ئي عزت سان اِهو حڪم واپس به وٺي ڇڏيو، اڳ سياري جي بچاءُ خاطر گهر ۾ ڪوئلن (اڱارن) جون ڇهه کان اٺ ٻوريون نومبر اينڊي لهرائي رکيون هيون، جيڪي شهر جي ڪٽين واري ڪوهه (هاڻ پاڪستان چوڪ) تان هن پاڻن ڪمال پاڻي ۽ جملي پاڻي کان ملنديون هيون، جيڪي رنگ جو ڪم ڪندا هئا، جڏهن ته اُن ڪانسواءِ محمد رحيم به ڪوئلن جون ٻوريون گهر پهچائي ويندو هو، ٻير جي ٻوري 20 روپيا ته ديري جي ڪوئلن جي ٻوري ڏهه روپيا ملندي هئي اڄ جيئن ته خبر ناهي ڇو ۽ ڪيئن ذڪر بندوبست جو نڪتو آهي، حالانڪ راقم ڪافي ڏينهن کان صحت جو بندوبست ڪرڻ باوجود بيمار رهيو آهي اهڙو ساڳيو بندوبست موجوده سرڪار حڪومت ٺاهڻ وقت به ڪيو آهي اُن جي باوجود به موجوده حڪومت ٻي ٽي مهينا سياسي بيماري ۾ زباني بيانن جي ڪلامن واري وائرس جو شڪار ٿي وڃي ٿي ۽ تيئن اُن کي 'اينٽي بايوٽڪ' ذريعي وري سياسي بيماري جو وائرس ختم ڪري چڱو ڀلو ڪري هلايو وڃي ٿو، ڇو ته هن حڪومت کي هلائڻ لاءِ پڪو پختو بندوبست اڳواٽ ڪيل آهي، البته هي پراڻي سياسي بيماري آهي، حڪومت ۾ ويٺل مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ سنٽي يا اڻ سنٽي 'فرينڊلي فائٽ' جي نوبت اينڊي ۽ ٽرندي رهي ٿي، يعني 'دوستانه ميچ' کيڏيو ويندو آهي اُن کي سنڌي ۾ پهاڪي طور 'نه سٽ تنهنجو، نه کپهه منهنجي' چئي سگهجي ٿو اها ته وڏن جي وڏي ڳالهه آهي پر اردو چوڻي 'بڙي ميان تو بڙي ميان، ڇوٽي ميان سبحان الله' وانگر تازو بيان بلاول سنڌ صوبي لاءِ 14 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ ڏنو ۽ 15 آڪٽوبر (اربع) تي روزاني عبرت جي پهرئين صفحي تي پنجن ڪالمن واري هيڊنگ سان شايع ٿيو آهي ته 'سنڌ جو مقابلو ڪنهن صوبي يا شهر سان نه پر دنيا جي ترقي يافته ملڪن سان آهي' سنڌي ۾ چوندا آهن ته چٽو ٿيءُ کي نه ٺاهن ڪن ڪري، سو بلاول هيءُ بيان جنهن لاءِ ڏنو سو ته ڏٺو پر اڳ چيو ويندو هو ته سنڌ جي فلاڻي شهر کي پئرس ڪيو ويندو، پر جيڪو شڪارپور پيرس جهڙو هو سو به اُن جو هوندو نورچت ٿي ويو، هاڻ سنڌ جو مقابلو دنيا سان آهي ڏيو منهن جنهن ڏينهن بلاول جو اِهو بيان اخبارن جي زينت بڻيو، اُن ئي ڏينهن ملڪ جي وڏي ٽيليوزي فلم اسٽار مصطفيٰ قريشي ڪراچي جي خسته هال روڊ تي صبح جو نماز فجر پڙهڻ کانپوءِ ٻاهر واڪ لاءِ نڪتو ته ڪجهه اونداهو ته ڪجهه روشني ۾ هلندي مصطفيٰ قريشي جو پير ڪوٽيل رستي جي ٺهڻ لاءِ کڏ ۾ ڦاسي پيو ۽ هو ڇتو طاق وڃي مُنهن ڀر پٽ تي ڦهڪو ڪري ڪِري پيو، هيلو وڏو جهوٽو مڙس خبر ناهي ڪيئن پٽ تان اٿيو هوندو؟ حالانڪ سنڌي ۾ چوندا آهن ته جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کوٽيندو آهي اُن ۾ پاڻ ڪِرندو آهي پر اها کڏ مصطفيٰ قريشي ڪراچي جي روڊ تي ڪنهن لاءِ به نه کوٽي هوندي، جنهن ۾ هُو پاڻ ڪِريو ۽ پير جي هڏي ٽٽي پئي اڪ ۽ چيلهه ۾ ڌڪ لڳا، بقول مصطفيٰ قريشي ته دنيا ۾ پيدل هلڻ وارن لاءِ جدا رستا هوندا آهن ۽ هتي 70 سيڪڙو ماڻهو پنڌ هلن ٿا، تن جو ڪهڙو حال هوندو، خاص سنڌ جي اندر هي ته ڪراچي جي حالت آهي، جتي رستا ٺاهڻ لاءِ کوٽين ٿا پر ٺهن نٿا. بهرحال بلاول کي سنڌ جو مقابلو دنيا سان آهي جو جواب 'ترت' ئي ڪراچي شهر جي کوٽيل رستي تي ڪرڻ سان ملي ويو هوندو ته ڪراچي جو ڪهڙو حال آهي، جڏهن احمد رشيدي ڪراچي لاءِ هڪ گانو (غير فلمي) 'بندر روڊ سي ڪيماڙي چلي ري ميري گهوڙا گاڙي' ڳايو هوندو ته شايد ڪراچي جو اڄڪلهه جهڙو حال نه هوندو، جنهن لاءِ 'مولا جٽ' جو ڏک شاهد آهي حالانڪ مولا جٽ ۾ مولا جٽ چيو هو ته 'جڪون مولا مولي نو نه ماري تي مولا (جٽ) نهين مردا' سو شايد ڪراچي ۾ مولا جي مرضي هئي ته مولا (جٽ) زمين تي ڪِري سو ڪِري پيو، اُميد ته آئينده لاءِ رستن جو بندوبست ڪيو ويندو.

تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو پڙهندو آهي اُهو اڳواٽ بندوبست ڪري پوءِ پڙهندو آهي ڇو ته علم جو وسيع تر ميدان آهي اُن ڪري ڊاڪٽري لاءِ پري ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ لاءِ پري انجنيئرنگ جا سبجيڪٽ مشهور آهن پر ملڪ ۾ جيڪو سڀ کان وڌيڪ علم ۾ ذهين شخص هوندو آهي اُهو سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪرڻ وارو هوندو آهي جنهن به سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪيو اُهو يقينن ذهين، هوشيار ۽ قابليت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو آهي اهڙو قابل عقلمند انسان فضول وقت جي زيان جهڙا فيصلا نه ڪندو آهي ۽ سي ايس ايس پاس ڪندڙ علم جو اڪابر معمولي معمولي ڪم تي ويهي ميٽنگ ڪرڻ لاءِ خوامخواه جو پاڻي نه ولوڙيندو آهي پر چوندا آهن 'جهڙو ديس تهڙو ويس' يا وري مثال آهي ته 'جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا' تازو پنجاب ۾ ٻوڏ دوران هڪ سي ايس ايس پاس مطلب ته ڊي سي صاحب (گجرانوالا) حڪم جاري ڪيو هو ته ٻوڏ متاثرن کي ڪو به خيرات جي ماني ديڳ وغيره نه کارائي جيڪڏهن ڪنهن کي خدا ڪارڻ خيرات کارائڻي آهي ته پهرين ڊي سي (مون کان) کان اجازت نامو حاصل ڪري، ڏيو منهن ڊي سي آفيس مان اجازت نامو آساني سان ۽ سولو ملندو جيستائين اجازت نامو ملي اُن وقت تائين ٻوڏ متاثر پيلي ٻُڪ تي ويٺا هجن هڪ ٻئي سي ايس ايس پاس ڊي سي صاحب تجزيي طور پاڻ پاڻيءَ ۾ غوطا کائي ٻڌايو ته ٻڏڻ وارن کي هن طرح بچائڻو آهي اُن دوران ٿري گهٽ خود ڊي سي (سيالڪوٽ) ٻڏو ٿي بهرحال اهو ته هو ٻوڏ وارن لاءِ ڊي سي صاحبن جو بندوبست اصل ۾ ڊي سي يا ڊي سي صاحب تڏهن مقرر ٿيندو هوندو، جڏهن هو سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪندو هوندو البته اڳ سنڌ ۾ پڙهڻ ۽ پاس ٿيڻ لاءِ هڪ مثال ڏنو ويندو هو ته 'اُن ڌئي پاس ٿيو آهين ڇا' تازو اخبارن ۾ هڪ اهڙي ڊي سي صاحب جو بيان نظرن مان گذريو، جنهن ضلعي ۾ تمباڪو نوشي کي خطرناڪ سمجهندي (سرڪاري لطيفي جهڙو) نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي (ظاهر آهي ته هي ڊي سي صاحب به سي ايس ايس ڪيل هوندو) ڊي سي جهڙو ماڻهو اهڙا بيان عوام جي فائدي وارا چئي ڏئي پر اُنهن مان نڪو به عوام کي فائدو نه ملي ته پوءِ اهڙا وقت جي زيان جهڙا بيان ڏيڻ ڪٿي جي عقلمندي آهي؟ بيان ۾ ضلعي انتظاميا عوام کي اک ڏيکاريندي چتاءُ ڏنو آهي ته ضلعي ۾ سگريٽ نوشي تي سخت پابندي آهي اُن ڪري سرڪاري نه سرڪاري پر خانگي جاين، تفريحي ماڳن ۽ عوامي هنڌن تي سگريٽ پيئڻ منع آهي، سموڪنگ ايريا به ختم ڪيا ويا آهن اشٽري ٽري رکڻ جي به اجازت نه هوندي، شايد اهڙو فيصلو وارو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ واري ڏينهن تي ڊي سي صاحب وٽ ٻيو ڪو ڪم نه هو يا وري ڪو خاص ڪم نه هو ۽ سڀ ڪم ضلعي جا لهي چڪا هئا ۽ صرف تمباڪو نوشي واري فيصلي کي وڏو اهم ڪم سمجهندي اُن تي ميٽنگ ڪري تمباڪو نوشي بند ڪرڻ لاءِ اُن جو 'بندوبست' ڪيو ويو، حالانڪ تمباڪو نوشي لاءِ پاڪستان ريلوي جي هر هڪ گاڏي ۾ سيٽ جي مٿان لکيل هوندو آهي 'تمباڪو نوشي ممنوع هي' پر اُن هيٺان سيٽ تي سگريٽ جو موالي سگريٽ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چار نمبر تي سوٽا ويٺو هڻندو آهي، هاڻ ڊي سي صاحب جو فرمان ته ضلعي ۾ تمباڪو نوشي منع آهي اُن منع نامي ۾ ڳڻايل جاين جي تفصيل ۾ سئنيما، راند جا ميدان، اسپتال وغيره لکي چتي ڪوري واري ديگهه ڪرڻ بدران صاف صاف لکيو وڃي ها ته پوري ضلعي اندر ڪٿي به سگريٽ پيئڻ، تمباڪو نوشي جي بندش آهي اُن لاءِ ڊسٽرڪٽ امپليمينٽيشن ۽ مانيٽرنگ ڪاميٽي تماڪ تي ڪنٽرول ۽ عمل ڪرائيندي، اُن ڪانسواءِ ضلعي ۾ نو سموڪنگ جا بورڊ ٺهرائي لڳرائي هٽايا ويندا، بيان ۾ بورڊن جو تعداد لکيل نه آهي بورڊن جي پيسن مان (جشن پاڻي) تيل پاڻي جا ڏوڪڙ به نڪرندا، جيئن ريلوي پٽڙي تي پٿرن ۽ سرڪاري ٽيڪن مان رقم نڪرندي آهي هن بيان سان موالين جو حقو پاڻي بند ڪرڻ جو بندوبست ڪيترو موثر رهندو سو وقت ٻڌائيندو، ملائيشيا ۽ سنگاپور گهمندڙ ۽ رهندڙ هڪ عزيز ٻڌايو ته اهڙي پابندي اُنهن ملڪن ۾ به نه آهي ڪراچي ايئرپورٽ تي کُلي ميدان ۾ سگريٽ پيو، ملائيشيا ۽ سنگاپور جي هوائي اڏن ۾ شيشي جا ڪمرا ٺهيل آهن پر تازو هي بيان پڙهندي مهدي حسن جو گانو ياد اچي ويو آهي ته 'ڪيسي ڪيسي لوگ هماري جيءَ ڪو جلاني آجاتي هين' بهرحال هن تحرير لکڻ لاءِ پهرين کان ڪو به بندوبست نه ڪيو ويو هو، هي محض هڪ اتفاقي بندوبست سمجهيو وڃي

اڄوڪو ڏينهن ...... 21 آڪٽوبر

عثمان علي انصاري



اڄ مشهور عالم، اديب ۽ تعليمي ماهر عثمان علي انصاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هيءَ نالي وارو انسان 21 آڪٽوبر 1901ع تي شڪارپور ۾ ڄائو، مئٽرڪ جو امتحان شڪارپور مان ۽ انٽر جو امتحان علي ڳڙهه مان پاس ڪيائين. هن بي اي جي سند بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي، هن صحافت ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو، اڳتي هلي ايم اي جي سند به حاصل ڪيائين. هن خلافت تحريڪ ۽ هجرت تحريڪ ۾ به حصو ورتو. هن هاءِ اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ مختلف اسڪولن ۾ هيڊماستر ۽ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1940ع کان 1947ع تائين ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر طور ڪم ڪيائين 1950ع ۾ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جهڙو اهم عهدو ماڻيائين ۽ انهيءَ ئي عهدي تان 1947ع ۾ رٽائر ٿيو. 1940ع ۾ سائين جي ايم سيد سنڌ جي تعليم جو وزير هو جنهن عثمان علي انصاريءَ کي سنڌي ادب جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو. سنڌي لغت جي تياريءَ واري ڪميٽيءَ جو پڻ ميمبر رهيو. گڏوگڏ ٻين به ڪيترين ئي تعليمي ڪميٽين جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري پڻ رهيو. هن حضرت سچل سرمست رح جو ڪلام گڏ ڪري سچل جو رسالو ترتيب ڏنو، جنهن کي سندس وڏي ادبي ڪارنامي طور ياد ڪيو وڃي ٿو ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيائين. هن 2 سيپٽمبر 1962ع تي وفات ڪئي.

عبدالوهاب ناظم طيباٽي

شڪارپور سان واسطو رکندڙ هن نامور شاعر ۽ ادب دوست انسان جو جنم دوست محمد طيباٽيءَ جي گهر 21 آڪٽوبر 1905ع ۾ ٿيو هن شڪارپور جي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪئي، ان بعد بئراج کاتي ۾

عبدالفتاح ميمڻ

هن مشهور قانوندان ۽ سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1920ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو هن بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪئي سياسي طور تي عمر جو گهڻو حصو پاڪستان مسلم ليگ سان لاڳاپيل رهيو، 1952ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو، 1963ع ۾ سعودي عرب ۾ پاڪستان جو سفير مقرر ٿيو، 1967ع ۾ وطن واپس اچي ڪراچيءَ ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل طور ڪم ڪيائين هن ايس ايم لا ڪاليج ۾ پڻ پڙهايو هن انگريزيءَ ۾ چار ڪتاب لکيا. تاريخ 31 جنوري 2002ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو.

رشيده حجاب

اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا رشيده حجاب جي يادگيري ڏياري ٿو ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ پنهنجي ڪتاب 'ماڻڪ موتي لال' ۾ هن جي جنم جي تاريخ 21 آڪٽوبر 1942ع لکي آهي



ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ به پنهنجي ڪالمن ۾ ساڳي تاريخ لکي آهي البت سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 31 آڪٽوبر 1943ع لکيل آهي هن جو اصل نالو رشيده بيگم هو ۽ هوءَ شڪارپور ۾ نورمحمد مغل جي گهر ۾ پيدا ٿي هن ابتدائي تعليم گاڏي کاتي حيدرآباد جي گرلز پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي 1962ع ۾ زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد مان بي ايس سي (باٽني) جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1964ع ۾ ساڳئي مضمون ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي ۽ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن آمريڪا جي نيو جرسي يونيورسٽيءَ مان پوسٽ ڊاڪٽريٽ پڻ ڪئي، هن تعليم کاتي ۾

مختيار اٽڙ

مرزا 'حجاب سراپا حجاب' جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپرايو آهي جنهن ۾ رشيده حجاب جون 29 ڪهاڻيون، 2 مضمون، سفرناما ۽ انٽرويو شامل آهي

عبدالله حسين هارون

اڄ مشهور سياستدان عبدالله حسين هارون جي جنم جو ڏينهن آهي هو 21 آڪٽوبر 1950ع تي ڪراچيءَ جي ڪڇي ميمڻ جي هڪ سرندي واري خاندان ۾ پيدا ٿيو هو مشهور سياستدان ۽ سماج سڌارڪ سيٺ حاجي عبدالله هارون جو پوٽو آهي هن ابتدائي تعليم ڪراچيءَ جي گرامر اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ اعليٰ تعليم ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1970ع ۾ پاڪستان مسلم ليگ جي ڪوآرڊينيٽر طور ڪئي 1979ع کان 1985ع تائين ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ ڪائونسلر طور خدمتون سرانجام ڏنائين 1980ع کان 1982ع تائين ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي رهيو 1985ع کان 1988ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو هو 1985ع کان 1986ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ 1986ع کان 1988ع تائين سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ رهيو پاڻ انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ڪراچي ۽ ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو، انهيءَ کان علاوه ٻين به ڪيترين ئي سياسي ڪاروباري ۽ سماجي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو هن 2018ع واري نگران حڪومت ۾ وفاقي وزير طور به ڪم ڪيو هن 2008ع کان 2013ع تائين پاڪستان

حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪري وڪالت شروع ڪيائين وڪالت سان گڏ هن کي ادب سان به گهري دلچسپي رهي سندس لکيل ڪتابن ۾ 'اسلامي اڪابر' ۽ 'سنڌي انگلش ڊڪشنري' شامل آهن هن 21 آڪٽوبر 1967ع تي وفات ڪئي

نورالدين نفيس ٺهيم

هن نامور شاعر جو جنم پهرين فيبروري 1961ع تي سڄاول ضلعي جي شهر جاتيءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم جاتيءَ مان حاصل ڪيائين ۽ ان کان پوءِ سڄاول ۾ علم جي اڃ اجهايائين هن 1980ع ڌاري ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو سندس لکڻين ۾ مزاحمت جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو هن نه فقط ڊراما، ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکيا پر گڏوگڏ شاعري به ڪيائين هن 21 آڪٽوبر 2015ع تي هن دنيا مان موڪلايو

شهباز دراني

شهباز دراني ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جو مشهور اداڪار هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي هن پلوڙ اداڪار 31 ڊسمبر 1935ع تي نيو سعيدآباد ويجهو ضلعي مٽياريءَ جي ڳوٺ رحيم خان پارنگ ۾ اکيون کوليون هن 1954ع ۾ هالا مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ان بعد سول ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين هن آبپاشي کاتي ۾ سب انجنيئر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر طور رٽائر ٿيو هن 1965-66ع ڌاري فلم رنگ محل ۾ ڊائريل جو ڪردار ادا ڪري پنهنجي فني سفر جي شروعات ڪئي ساڳئي سال پشتو فلم يوسف خان شهربانو ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين فلم رنگ محل کان پوءِ هن غيرت جو سوال، پرو چانڊيو

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب انچارج ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 85 سال 2025

پرڪاش پٽ ڪرشن ذات ڪاريا (لوهر) هندو رهاڪو نيو ڪالوني وارڊ نمبر 07 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص....پلينٽف....خلاف: شريمتي پارس ڌيءَ وشنو ڪاريا (لوهر) هندو رهاڪو وارڊ نمبر 06 پاڙو غريب آباد بدين....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ٽرمينيشن آف ميرج ٻاءِ وي آف جڊيشل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 27-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جي اينڊ جي.ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2025

مسمات لبنيٰ سمون...پلينٽف...خلاف: اياز سمون پٽ محمد حسين مسلم بالغ رهاڪو هائوس نمبر BB-248 محلا قلندري احمد شاهه بخاري روڊ ضلعو سائوٽ ڪراچي...ڊفينڊنٽ.

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 27-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي.اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي پنهور)
ايفدسي نمبر 102 سال 2025

مسمات صائمه زال امير علي ڌيءَ سرور علي پنهور ويٺل ڳوٺ فتح خان گاڏهي تعلقو ڪي.اين شاهه ضلعو دادو...مدعڻ...خلاف: امير علي ولد طالب ٻبر ويٺل بستي نمبر 01 ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو...مدعا عليه

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 21-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي.اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج-I چمبڙ
جي.اي نمبر.... سال 2025

مسمات نظيرا بيواهه مدد علي ذات گوپانگ رهاڪو ڳوٺ سانوڻ خان گوپانگ تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار....ايپليڪينٽ....خلاف: جنرل پبلڪ ايٽ لارج...آپوزيٽس. مائنرز: (i) نشا عمر اٽڪل 14 سال (ii) ضامن علي عمر اٽڪل 12 سال (iii) ياگي اٽڪل 10 سال (iv) اسحاق عمر اٽڪل 08 سال سڀ پٽ ڌيئرون مدد علي ذات گوپانگ.

نالي مٿين آپوزيٽس/ سمورن واسطيدارن ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ ۽ سنڌن پراپرٽي سروي نمبر 449/1 TO 4 واقع ديهه چمبڙ تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار جي فروخت جي اجازت لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 29-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين ڪورٽ-I چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 371 سال 2025

مسمات روزينه ڌيءَ حاجي محمد مگسي رهاڪو مهراڻ ڪالوني SRTC گرائونڊ نيو مڪا سڪرنڊ روڊ نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد....پلينٽف...خلاف: مير احمد پٽ علي شير مگسي رهاڪو پوليس لائين هالا تعلقو هالا ضلعو مٽياري. سيل نمبر: 0308-2931251....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 24-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر 55 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 89 سال 2024

شريمتي ڪويتا ڌيءَ ٻيجل ڀيل هندو بالغ رهاڪو ڳوٺ مير حسن ديناري ويجهو ايئرپورٽ ڪالوني تعلقو نوابشاهه ..پلينٽف..خلاف: گودو پٽ ڪامبو ڀيل هندو بالغ رهاڪو ٽنڊو سعيد خان ويجهو هنڙي ٻاءِ پاس حيدرآباد ضلعو حيدرآباد سيل نمبر 0326-70659448....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن يو/ايس (3) 13 آف فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 22-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي.ايم حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1435 سال 2025

مسمات ثمينه ناز زال ذوالفقار علي...پلينٽف...خلاف: ذوالفقار علي پٽ بخشل خان ذات شيخ رهاڪو فليٽ نمبر 404 محلا چيپال گارڊن ابوالعلي حسن اسفياني روڊ ڪراچي ايسٽ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 27-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 136 سال 2025

مسمات نازيه ڌيءَ محمد جمن رند رهاڪو ڳوٺ الهه بخش رند تعلقو سڪرنڊ ...پلينٽف....خلاف: عابد علي پٽ غلام شبير رند رهاڪو اصغر ڪالوني سڪرنڊ ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 22-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج/ جي.ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب IV فيملي/سول جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2068 سال 2025

مسمات نگينه ڌيءَ علي حيدر بالغ مسلم ذات پنهور رهاڪو سنجر ملاح ڳوٺ ويجهو پٺاڻي آباد اسڪير سوسائٽي گيس ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: زوهيب احمد پٽ پرويز احمد پنهور بالغ مسلم رهاڪو ڳوٺ گهنور پنهور ريڙي تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور.سيل نمبر 0301-9430972....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 03-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 102 سال 2025

مسمات دعا ڌيءَ محمد جمن مسلم بالغ ذات ملاح رهاڪو اشتياق ٽائون ويجهو اٽڙ چوڪ ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: امير بخش پٽ محمد رفيق مسلم بالغ ذات ڪلرو رهاڪو پهاول ڪلرو تعلقو سامارو ضلعو عمرڪوٽ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف ڊاور، ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 03-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-III ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر..... سال ....

مسمات رضيه ڌيءَ لال محمد ذات کهري رهاڪو ڳوٺ کيهري تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: خدا بخش پٽ نوڪر علي ذات کيهري رهاڪو حيات کهيري ويجهو ريلوي ڦاٽڪ سانگهڙ بس اسٽينڊ شهدادپور ضلعو سانگهڙ. سيل نمبر: 0313-8359548، 0308-9775532...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف مينٽيننس آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 23-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم-III ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
ڪرمنل مسڪ ايپليڪيشن نمبر.... سال 2025

جوهر عباس پٽ محمد جمال زرداري بالغ مسلم رهاڪو ڳوٺ حاجي دين محمد زرداري تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد...ايپليڪينٽ...خلاف: دي اسٽيٽ...آپوزيٽس. ڪرمنل نمبر 08 سال 2025. يو/ ايس 380، 457، 34 پي پي سي پي.ايس جمال شاهه.

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايپليڪينٽ يو/ايس 516-A ڪرمنل پي سي آر ڪرائيم نمبر 08/2025 يو/ايس 380، 457، 34 پي پي سي، پي.ايس جمال شاهه فار ريٽرنگ/ هينڊنگ اوور دي ڪسٽڊي آف ون بيٽري 48 وولٽيج ڪلر بليڪ ڪمپني HUAWEI ماڊل ESM-48100A7 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 25-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ڪورٽ دوڙ

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد صادق هنگورو ولد سرهو هنگورو رهاڪو ڳوٺ لال هنگورو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي سرهو ولد محمد صادق تاريخ 22-05-2002 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر05 ايراضي حصي موجب ديهه پيندو رعيتي ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) محمد صادق (پٽ) (2) محمد حيات (پٽ) (3) حاجي (پٽ) (4) گلزار احمد (پٽ) (5) قمر الدين (پٽ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع بنگلو A/4 جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي گل محمد هنگورو ولد محمد رمضان هنگورو ڳوٺ لال هنگورو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي محمد رمضان ولد خدا بخش تاريخ 21-05-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر05 ايراضي حصي موجب ديهه پيندو رعيتي ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) گل محمد (پٽ) (2) شهباز علي (پٽ) (3) ساجد علي (پٽ) (4) شهزاد علي (پٽ) (5) وقار علي (پٽ) (6) مسمات صائمه (ڌيءُ) (7) مسمات ثمينه (8) مسمات غلام فاطمه (بيواهه). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع بنگلو A/4 جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان
(روبروجناب انعام علي ڪلهوڙو)
سول اپيل نمبر 31 سال 2025

(1) ساوڻ (2) اسماعيل (3) قاسم (4) سليمان (5) لڪاڏنو (6) عرس (7) مسمات ڏنياڻي (8) مسمات Sabiyani سڀ پٽ ڌيئرون جمن (9) مسمات Aasori ڌيءَ جمن معرفت قانوني وارث (i) غلام حسين (پٽ) (ii) مسمات Shalan ڌيءَ (iii) علي نواز (پٽ) (10) مسمات پوڙهي زال جمن معرفت قانوني وارث پلينٽف نمبر 1 کان 9 (i) (ii) (iii) ذات چانگ رهاڪو ڳوٺ دريا خان چانگ تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان. پلينٽف بخلاف. (1) احمد ولد رمضان (2) نصير ولد مهر (3) اسحاق ولد مهر (4) نور محمد ولد رمضان (5) دريا خان ولد ڪمال معرفت قانوني وارث (i) مير محمد (پٽ) (ii) عثمان (پٽ) (iii) سومار معرفت قانوني وارث (اي) محمد جمن (پٽ) (بي) امير بخش (پٽ) (سي) قادر بخش (پٽ) (ڊي) نجم الدين (پٽ) (اي) غلام محمد (ايف) عبدالغفور (جي) ذوالفقار علي (ايچ) عبدالمجيد (آئي) مسمات نورخاتون (جي) مسمات زينب بانو (ڪي) مسمات جناح (ايل) مسمات رائي (ايم) مسمات مريم (6) ڪمال خان ولد مهر (7) خان محمد ولد مهر (8) ڏني بخش ولد مهر ذات چانگ رهاڪو ڳوٺ دريا خان چانگ تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان(9) تپيدار ديهه احمد ڏني تعلقو ٽنڊو غلام حيدر (10) مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر (11) اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر (12) ڊي سي ٽنڊو محمد خان... ريسپونڊنٽس

نالي مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري خلاف جيڪي تاريخ 10-07-2025 تي سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊو محمد خان ايف سي سوٽ نمبر 52 سال 2020 ۾ پاس ڪئي (ساوڻ ۽ ٻيا خلاف احمد ۽ ٻيا)، تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته تاريخ 23-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان

گمشدگي ڪاغذ اطلاع

آئون نالي تيرٿ مل ولد منگهومل ويٺل حال مورو جيئن ته منهنجا ڪاغذ پڪي رجسٽري ايراضي 20 ويه ـ برابر 21780 فوٽن جي حيدرآباد کان مورو ايندي گم ٿي وئي آهي جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي هٿ اچي ته هيٺين نمبر تي اطلاع ڏئي ته مهرباني.

تيرٿ مل ولد منگهومل
ويٺل حال مورو موبائل نمبر:
03003040965

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي عبدالڪريم ڪوسو ولد غلام حسين رهاڪو ڳوٺ حاجي پليو ڪوسو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي (1) مسمات خانزادي ولد قادر بخش زال غلام حسين تاريخ 14-03-2011 (2) غلام حسين ولد جعفر خان تاريخ 08-04-2012 تي فوت ٿي ويا آهن جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 219 ديهه بلوري ۽ سروي نمبر 20/ 296/A,B ،AB 304 ۽ ٻيا ديهه گجاڻ ٽپو ٽنڊو فضل تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي انهين فوتين جا وارث ساڳيا آهن (1) عبدالڪريم (پٽ) (2) عبدالشڪور (پٽ) (3) عبدالغني (پٽ) (4) زمان حسين (پٽ) (5) مسمات زيب النساء (ڌيءُ) (6) مسمات ڪريمان (ڌيءُ) (7) مسمات رخسانه (ڌيءُ) (8) مسمات ملوڪ زادي (ڌيءُ) (9) مسمات شريفان (ڌيءُ) (10) مسمات حليمان (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع بنگلو A/4 جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

بقايا 1 | ڇهه ڄڻا مارجي ويا.

عامل مهر ۽ مهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ چار ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ هڪ عورت سميت ست ڄڻا زخمي ٿيا، پوليس موجب، واقعو وڻ ڪٽڻ جي تڪرار سبب پيش آيو. جيڪو ٿوري ئي دير ۾ سنگين هٿيارن جهيڙي ۾ تبديل ٿي ويو، ابتدائي اطلاعن موجب غلام سرور مهر ۽ راهيپ مهر موقعي تي ئي مارجي ويا، جڏهن ته سخت زخمي پيرل مهر علاج دوران فوت ٿي ويو، ان کان پوءِ هڪ عورت به زخمن جي شدت سبب فوت ٿي وئي، جنهن سان فوتين جو انگ چار ٿي ويو. فائرنگ ۾ هڪ عورت سميت ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا، جن کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي کين طبي امداد ڏني پئي وڃي، پوليس موجب، اطلاع ملندي ئي محمود باغ ٿاڻي جي وڏي نفري موقعي تي پهچي وئي، پر اڃا تائين ڪا گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي، علائقي ۾ تڪرار ۽ ڇڪتاڻ برقرار آهي ۽ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو مورچه بند آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۽ وڌيڪ ڪنهن ناخوشگوار واقعي کان بچڻ لاءِ علائقي ۾ اضافي نفري مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته واقعي جي جاچ جاري آهي.

بقايا 2 | اسٽال لڳايا ويا

شاندار طريقي سان منعقد ڪيو ويو، جنهن جو افتتاح ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر ڊاڪٽر فريده شيخ ڪيو ميلو شاگردياڻين، استادن ۽ شهر جي معزز مهمانن جي وڏي شرڪت سان علمي ۽ ادبي ماحول ۾ رنگين بڻجي ويو. ميلي جو بنيادي مقصد شاگردن ۾ مطالعو ڪرڻ جي عادت وڌائڻ، علم دوست فضا کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪتاب سان لاڳاپي کي ٻيهر مضبوط ڪرڻ هو. ميلو دوران مختلف پبلشرن ۽ ڪتاب گهرن طرفان اسٽال لڳايا ويا، جتي نصابي، غير نصابي، علمي، ادبي، سائنسي، تاريخي ۽ ٻارن لاءِ مخصوص ڪتابن جي وڏي ورائٽي موجود هئي. شاگردياڻين جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو جيڪي وڏي دلچسپي سان ڪتابن جو جائزو وٺي خريداري ڪندي نظر آيون. افتتاحي تقريب ۾ پرنسپل ڊاڪٽر فريده شيخ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ۽ تقريب جو افتتاح ڪندي ڪيڪ پڻ ڪٽيو. ميڊيا سان ڳالهائيندي پرنسپل ڊاڪٽر فريده شيخ چيو ته ڪتاب انسان جو بهترين ساٿي آهي. اهڙن ميلن سان شاگردن جي سوچ، فڪر ۽ علم ۾ اضافو ٿئي ٿو. اسان جو ارادو آهي ته اهڙين علمي سرگرمين کي باقاعدگي سان جاري رکون. هن وڌيڪ چيو ته ڪتابي ميلو علم جي روشنيءَ کي عام ڪرڻ جو هڪ مثبت قدم آهي، اسان چاهيون ٿا ته اسان جا شاگرد تعليم سان گڏ علمي تحريڪن جو حصو بڻجن. جيئن سماج ۾ فڪري تبديلي اچي. انهي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مختلف شاگردياڻين چيو ته ڪتابي ميلو اسان لاءِ هڪ تحفو آهي، جو ته هتي ڪتابن جي دنيا اسان جي اڳيان کلي وئي آهي. مون کي ادب ۽ نفسيات جا اهڙا ڪتاب مليا جيڪي مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺا هئا. هڪ چيو ته اڄڪلهه سوشل ميڊيا جي دور ۾ ڪتابن کان پري ٿيڻ عام ڳالهه آهي، پر اهڙن ميلن سان اسان کي ياد اچي ٿو ته ڪتاب ئي اصل دوست آهن. اهڙن ميلن سان نه صرف علم وڌي ٿو پر دل ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق به پيدا ٿئي ٿو. آئون هر مهيني اهڙو ميلو ٿيڻ جي خواهش ڪريان ٿي.

بقايا 3 | مبارڪباد پيش

هندو برادري جي مذهبي تهوار ڏياريءَ جي موقعي تي صوبي جي هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪري ٿو. هن چيو ته ڏياريءَ روشني، پيار، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏئي ٿي. هن چيو ته هندو برادري ملڪ ۽ صوبي جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ هندو برادري سميت سڀني اقليتن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي. اقليتن جي حقن جو تحفظ پاڪستان حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. گورنر سنڌ چيو ته موجوده حڪومت بين المذاهب هم آهنگي ۽ رواداري کي فروغ ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڏياريءَ جي هن مبارڪ موقعي تي ملڪ ۽ قوم جي ترقي، خوشحالي ۽ امن لاءِ خاص دعائون گهرڻ گهرجن.

بقايا 4 | حمايت جو اعلان

لغاري ۽ وڪيل تندڪمار گوڪلاڻي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ تعلقه بار ايسوسيئيشن ڏگهڙي پهتو جتي بارڪائونسل پاران مڪمل طور تي حمايت جو اعلان ڪيو ويو. بار جي اڳواڻن صدر وڪيل فدا حسين آرائين،جنرل سيڪريٽري وڪيل انور خاصخيلي، وڪيل ممتاز ڪوسو وڪيل ايوب قائمخاني،وڪيل مير مراد ٽالپر،وڪيل مير خان بهادر ٽالپر،وڪيل ايوب رمداڻ، وڪيل توصيف حيدر لغاري، وڪيل جنيد آرائين وڪيل ڪنور ۽ ٻين وڪيلن آجيان ڪئي،بار جي صدر وڪيل فداحسين آرائين پرپور حمايت جو اعلان ڪيو.ان موقعي تي سينيٽر وڪيل هاشم لغاري، وڪيل تند ڪمار گوڪلاڻي جو چوڻ هو ته اسان ماضي ۾ به وڪيل برادري جي جائز مسئلن جي حل جي لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهيون اهو سڀ ڪجهه ممڪن تڏهن ٿيو جڏهن وڪيل برادري جو ساٿ اسان سان وڪ به وڪ تي شامل رهيو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر انهي اميد سان نڪتا آهيون ته وڪيل برادري اسانکي ڪامياب بڻائي خدمت جو موقعو ڏيندي هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ وڪ وڪ تي وڪيل برادري اسانجي آجيان ڪري پرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪري رهي آهي اوهانجي ساٿ سان اسان ڪاميابي ماڻينداسين هن چيو ته سنڌ جي وڪيل برادري ته صرف وڪيلن جي اهم مسئلن تي پر انهي سان گڏ سنڌ جي اهم مسئلن جي حل جي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهي آهي اسانجي ڪوشش رهندي ته عوام جا پرچلا ٿي بيهو ان موقعي تي وڪيل عبدالغفار تاريجو،وڪيل شوڪت راهمون،وڪيل محبوب ڪيري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 5 | احتجاج

مبينا طور اغوا ٿي ويل گهرواري ۽ پٽ جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت اظهار علي سومرو پنهنجي ڌيءَ سائنا ۽ پٽ سڄاد علي سومرو سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته باٿر سهري دلبر سومرو پنهنجي ساٿين نثار احمد سومرو، ارشاد علي، ضمير سومرو، نويد ڪڪرائي، ابراهيم بروهي، رجب ڪلهوڙو ۽ ٻين سان گڏجي منهنجي گهر ۾ داخل ٿي ڪري زبردستي گهرواري پارس ۽ ٽن ٻارن کي اغوا ڪرڻ سان گڏ سونا زيور، روڪ رقم، موبائيل فون ۽ ٻيو سامان کڻي فرار ٿي ويا، هن اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي باٿر سهري ۽ سندس ساٿين خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ زال ۽ پٽ کي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 6 | بريفنگ

وزير سيد ناصر حسين شاهه بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ هن صوبي ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏني. ان موقعي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي ته سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي ۽ اداري جو دائرو وڌايو وڃي. ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ شهرين جي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن پاران ڪنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ مشهور شاعر فاضل جميلي بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي، جتي هن کيس پنهنجو شعري مجموعو "گمنام آدمي جو بيان" پيش ڪيو. ان موقعي تي سنڌ ۾ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جي فروغ سميت مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا 7 | ٻارڙو فوت

زخمي. ڳڻتي جوڳي حالت ۾ کيس لمس اسپتال آندو ويو،جتي معصوم ٻار زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي ان حوالي سان فوتي ٽينگر جي مامي سليم رونداڻي جو چوڻ آهي منهنجو ڀاڻجو عبدالصمد پٽ عطا محمد رونداڻي گهر اڳيان سينڊيوز روڊ جي علائقي سيوهاڻي محلي ۾ راند ڪندي رهيو هو ته ڊائسن رستي تان ويندي ان مٿان چڙهي وئي جنهن ته اتي موجود ماڻهن گاڏي واري کي جهلي ورتو هو اسان ايمرجنسي ۾ ٻارڙي کي لمس اسپتال کڻي آياسين پر هو هتي فوت ٿي ويو آهي هوڏانهن جامشورو پوليس ڊائسن ڊرائيور کي گرفتار ڪري گاڏي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 8 | ڏنڊ جي سزا

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 9 سال قيد ۽ 80 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي ٽرڊ ايڊيشنل سيشن ۽ منشيات جي روڪٿام جي خصوصي عدالت جي جج عبدالحق مگريو جي عدالت ۾ سال اڳ رحمت پور ٿاڻي تي داخل منشيات ڪيس جي ٻڌائي ٿي جتي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت جوابدار محمد ياسين پٽ عاشق علي ابڙو کي 9 سال قيد ۽ 80 روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. واضع رهي گذريل سال 18 آڪٽوبر تي رحمت پور ٿاڻي جي پوليس گشت دوران نظر روڊ ابڙا قبرستان وٽان جوابدار محمد ياسين ابڙو کي گرفتار ڪري سندس وٽان 1100 گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي اهڙو ڪيس پڻ داخل ڪيو هو.

بقايا 9 | شاگرد زخمي

آخري سال ڪمپيوٽر سائنس جو شاگرد جواد مصطفيٰ پٽ مسرت ڏامراهه ڪاڏي جاتي هيٺان گولي لڳڻ سبب سخت زخمي، دوست شاگرد زخمي شاگرد کي کڻي لمس اسپتال پهچايو. جتان کيس حيدرآبادسول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ان حوالي سان سنڌس ساٿي شاگردن جو چوڻ آهي ته روم ۾ ساٿي فراز توتيه پسٽل صاف ڪري رهيو هيو اوچتو گولي ڇٽڻ سبب شاگرد زخمي ٿيو آهي

بقايا 10 | ڏاڙهي زخمي

منتقل هڪ هفتي اندر 20 کان وڌيڪ ماڻهن کي چتن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو ويڪسين اڻلڀ خيرپور ۽ آس پاس چتن ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي خيرپور جي فيض آباد ڪالوني ۾ چتي ڪتي حملو ڪري ٻن ڄڻن مير حسن لنجواڻي جانب علي مگنيجو کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته چتي ڪتي جي بچاءَ واري ويڪسين نه هجڻ ڪري علاج نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته هڪ هفتي اندر چتي ڪتن جي حملن سبب 20 کان وڌيڪ شهرين کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو.

بقايا 11 | گهر ۾ ڪهرام

ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت هدايت الله پتو جو 7 سالن جو معصوم ٽينگر ,ارتضا علي پتو گهر ۾ راند ڪرڻ دوران بجلي جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو معصوم ٽينگر جي فوت ٿيڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 12 | حوالي ڪيو

هلنڊ مهيني دوران مختلف علائقن مان لاوارث حالت ۾ ملنڊ 6 گم ٿيل ٻارڙن کي ڳولي سنڌن والدين حوالي ڪيو آهي ايس ايس پي دادو اي سيڪشن پوليس کي معصوم ٻارڙا زوهيب جانديو، ارمان اتڙ شاهزيب ابڙو مومل چارڪ، ڪرن ملاح، ۽ همائل پنهور شهر جي مختلف هنڌن تان لاوارث حالت ۾ مليا هئا پوليس فوري طور ڪاروائي ڪري ٻارڙن جي سڃاڻپ ۽ سنڌن گهر ڀاتين جي ڳولا شروع ڪري مسلسل ڪوشش، جديد ذريعن ۽ علائقي واسين جي سهڪار سان اهي ٻار صحيح سلامت آخرڪار پنهنجن والدين سان ٻيهر ملي ويا ان حوالي سان ايس ايس پي دادو چيو ته پوليس جو ڪم ڏوهن خلاف جنگ سميت انسانيت جي خدمت ڪرڻ به آهي، وڇڙيل ٻارڙن کي پنهنجن سان ملائڻ اسان لاءِ فخر ۽ خوشيءَ جو لمحو هوندو آهي ايس ايس پي دادو ٻارڙن جي گمشدگي وارن معاملن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباشي ڏيندي کين تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو به اعلان ڪيو آهي ايس ايس پي دادو وڌيڪ چيو ته دادو ۾ ٻارن جي حقن لاءِ سرگرم تنظيم سي آر سي جو تعاون به ساراهه جوڳو آهي، جيڪي پوليس سان گڏجي ٻارن جي سڃاڻپ ۽ بحفاظت حوالي ڪرڻ واري عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهندا آهن.

بقايا 13 | سوڳ جي لهر

سرڪار ۽ صحت کاتي کي به سهڪار نه ڪيو علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڳوٺ حبيب الله بروهي واسي پورهيت نوجوان حسن علي بروهي 5 ڏينهن اڳ قطر ۾ روڊ حادثي سبب فوت ٿي ويو هو جنهن جو لاش ڪراچي ايئرپورٽ پهچڻ بعد ايمبولينس وسيلي اباڻي ڳوٺ پهچي ويو آهي جتي جنازي نماز بعد تدفين ٿيندي ان سلسلي ۾ سندس مائٽ ممتاز بروهي ٻڌايو ته حسن بروهي قطر ۾ ٻارهن سالن کان رهندو هو ۽ ڊرائيور طور مزدوري ڪندو هو جتي نامعلوم گاڏي جي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿيو هو پاڪستان گورنمنٽ کي به سهڪار ته ڪيو سرڪاري سطح تي ڪا به ايمبولينس نه ملي سگهي پنهنجي مدد پاڻ تحت پاڻ اڄ پنجن ڏينهن بعد فوتي جو لاش مليو آهي

بقايا 14 | ٻارڙا اسپتال داخل

ڪان وڌيڪ ٻارڙا مليريا ۾ مبتلا ٿيڻ سبب سٽي اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن. وارثن موجب اسپتال ۾ دوائن جي سخت ڪوٽ آهي، جنهن ڪري مريضن جي وارثن کي پرائيويٽ ميڊيڪل اسٽورن تان مهانگيون دوائون خريد ڪرڻيون پئجي رهيون آهن داخل ٿيل ٻارن ۾ سوميا، آيت، سميرا، محمد رضا، رخسانا شيرڊل، جيا فاطمه، ارحم عباس، شمائلا، نور جهان، سميرا احمد علي، زليخا، مبشر صديق ۽ ٻيا شامل آهن. وارثن جو چوڻ آهي ته مليريا جي وڌنڙ ويا کي نظر ۾ رکندي صحت کاتي کي فوري طور دوائن جي فراهمي ۽ اسپتالن ۾ ايمرجنسي بنيادن تي سهولتون مهيا ڪرڻ گهرجن خيرپور جي شهرين جو چوڻ آهي ته مليريا جي ويا هڪ سنگين صورتحال اختيار ڪري وئي آهي، خاص ڪري ٻارن ۾ بيماري جي تيزي سان پکڙجڻ وارن حالتن سبب پريشاني وڌي وئي آهي هنن چيو ته جيڪڏهن صحت کاتو سنجيدگي سان قدم نه کنيا ته صورتحال وڌيڪ گنڀير ٿي سگهي ٿي. سٽي اسپتال انتظاميه جي بي ڌياني سبب عام ماڻهو پرائيويٽ خانگي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور ٿي ويا آهن.

بقايا 15 | احتجاجي مظاهرو

,قاسم ڏاهري , خير محمد ڏاهري ,شاهنواز ڏاهري ,شمس الدين,حاجي اختر بروهي,ظفر علي ڏاهري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب شاهپورچاڪر اڳيان سخت نعريبازي ڪري احتجاج ڪيو آهي,احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌن نوجوان اٿين ڪلاس جو شاگرد محمد نواز ڏاهري ۽ عبدالله ڏاهري موٽر سائيڪل تي ڳوٺان پڪري ڪٺي مراد علي اٿڙ جي ڳوٺ پئي ويا ته پريتم آباد ويجهو سمر تالپر وٽ پرائيويٽ ايلٽو ڪار ۾ سوار پوليس اهلڪارن سنڌن پيڇو ڪري کين بيهڻ جو چيو شاگرد ڊڄي خوف کان موٽر سائيڪل ڀڄائي پريتم آباد شهر پهتا جتي ڪار سوارن موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي ڪيرائي کين سخت تشدد جو نشانو بڻائي پريتم آباد پوليس چيڪ پوسٽ تي کڻي آيا جتي محمد نواز ڏاهري ۽ عبدالله ڏاهري تي ساده ڪپڙا پهريل اي ايس آئي طالب لاشاري ,منشي اعجاز شر ۽ اسد شر سپاهي سخت تشدد ڪري چيو ته علائقي مان پڪري ڪڇي وئي آهي اقرار ڪيو ته اوهان ڪٽي آهي,شاگردن انڪار ڪندي چيو ته هو چورن ناهن ڳوٺ پڪري چڻڻ پئي ويا,جنهن بعد اي ايس آئي طالب لاشاري ,منشي اعجاز شر ۽ اسد شر سپاهي چوڪرن کي ڌمڪائيندي چيو ته جيڪڏهن ٻاهر وڃي ڪنهن سان ڳالهه ڪندئو ته اوهان کي هاف ڦرائي ڪري ڇڏينداسين,هنن چيو ته پوليس بغير وردي جي معصوم شاگردن کي تشدد جو نشانو بڻائي کين زبردستي چوري باسرائڻ لاءِ دٻاءُ وجهي ناانصافي ۽ ظلم ڪيو آهي واقعي ۾ملوث اهلڪارن کي معطل ڪري سنڌن خلاف ڪاروائي نه ڪئي وئي ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 16 | داخل

لاشاري جي فرياد تي داد لغاري پوليس ٿاڻي تي ڄڻن جوابدارن وقار گرگيج , عبدالڪريم گرگيج , محب گرگيج ۽ عاشق گرگيج مٿان داخل ڪيو ويو آهي,جڏهن ته داد لغاري پوليس قتل ڪيس ۾ گهربل سڀني جوابدارن کي گرفتار پڻ ڪري ورتو آهي,واضع رهي ته مقتولا آمنا لاشاري کي هڪ هفتو اڳ جوابدارن ڪنن مان سونيون واليون لاهي سخت تشدد ڪرڻ بعد قتل ڪري ان جو لاش ڪمند جي فصل ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا هئا جن کي داد لغاري پوليس گرفتار ڪرڻ بعد مٿن ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 17 | نه ملي سگهيا

عورتون پريشان ڪٽوتي جاري اسلام آباد کا آيل ڊائريڪٽر ملڪ اظهر ۽ ڊي ڊي حميد راشدي پاران صحافين جو ڪوريج دوران موبائيلون ڦريون ويون ڌمڪيون جنهن بعد صحافين جو احتجاج ڪرڻ تي صحافين کي موبائيل واپس ڪيون ويون صحافين پاران حڪومت کان ڪاروائي جو مطالبو هئي ٻي طرف پري کان آيل عورتن جو سينٽر انتظاميان خلاف احتجاج ڪيو سينٽر اندر ڪا سهولت نه هجڻ ڪري عورتون پريشان آهن ڊوائيز مٺيا جا ايجنٽ سرگرم ٿي ويا 22 ڊوائيزن مان صرسينٽر اندر 9 ڊوائيزن هلڻ لڳيو باقي ڊوائيزن غائب ڳوٺن ۾ ڊوائيزن هلڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ٿي گارو تي عورتن کان 1500 روپيا ڪٽيا پيا وڃن جڏهن ته ٻارن جا پيسا به اڃا ويا آهن اهي عورتن نه ٿو ٻڌايو وڃي صرف هڪ قسط به ڪٽي ڏني وڃي ٿي عورتن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪرپٽ آفيسرن کي فوري طور معطل ڪيو وڃي

بقايا 18 | عورت زخمي

جهيڙي فائرنگ سبب 70 ورهين جي مسمات سڄڻ زال واحد بخش چاچڙ کي جنگ ۾ گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پئي، اطلاع تي سنڌوجا پوليس پهچي زخمي عورت کي تعلقه اسپتال طبي امداد لاءِ پهچايو تعلقه اسپتال اندر غلام حسين چاچڙ ۽ محمد علي چاچڙ ڏانهيندي چيو ته اسانجي ڪاٺي واري زمين تي اڱوان چاچڙ قبضو ڪري رهيو آهي، اڄ سڌيون گوليون هلائي منهنجي چاچي کي زخمي ڪيو آهي ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 19 | ڪيئي ڇڏيو

تشدد ڪرڻ کان تنگ اچي صحافين آڏو روئي ويٺو . ان موقعي تي هن ٻڌايو ته سنڌس وڏو پٽ اڪرم فوجي جيڪو هن سان گڏ رهندو هو نافرمان ٿي ويو آهي ۽ هن کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي ڌڪا ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي . هن چيو هي رستن تي پيرسٽي ۽ معذوري واري حالت ۾ دربدري واري زندگي گذاري رهيو آهي ڪير سنڌس جي ڏانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي . هن وڌيڪ ٻڌايو هي دل جو مريض آهي جڏهن ته فالج جو اٽيڪ پڻ ٿيل اٿس پر ان باوجود هن جي پٽ اڪرم فوجي گذريل ڪيترن مهينن کان گهر اندر هن کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي بڪ ۽ اڃ تي ڪمري ۾ بند ڪري رکندو هو . هن چيو ته جنهن گهر تي هن جي نافرمان پٽ قبضو ڪري هن کي ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو آهي اهو گهر هن جي ملڪيت آهي هن پٽ کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي آهي . هن ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز ڊي ايس پي پريا ۽ ايس ايچ او پريارو کان اپيل ڪئي آهي ته ظالم نافرمان پٽ کان گهر خالي ڪرائي سخت ڪاروائي ڪئي وڃي جئين هي باقي زندگي گهر ۾ رهي گذاري سگهي

بقايا 20 | ورتو ويو

ڪميٽي بابت قائم ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ نيشنل ايڪشن پلان تحت گذريل مهيني ڪيل ڪاروائين جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته ضلع ۾ ايڊز جي ڪيسن کي نظر ۾ رکندي غير قانوني هلندڙ ليبارٽرين ڪيٽولا سينٽرن، عطائي ڊاڪٽرن، ميڊيڪل اسٽورن ۽ ميڊيڪل سينٽرن خلاف جاري ڪاروائين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ته جيئن ايڊز کي وڌيڪ ڦهلجڻ کان روڪي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر ٽريفڪ پوليس جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته شهر ۾ ٽريفڪ جي آمدرفت کي يقيني بڻائڻ لاءِ بهتر پلان ترتيب ڏنو وڃي جڏهن ته ايل اي ڊي لائٽس، پريشر هارون، ڪارن شيشن وارين گاڏين خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلع ۾ مڇر مار اسپري ۽ ڪتا مار مهم واري ڪم کي تيز ڪيو وڃي جنهن جي رپورٽ تصويرن سميت ڪميٽي کي موڪلي وڃي ڊپٽي ڪمشنر قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي عملدارن تي زور ڏنو ته هو ضلع ۾ غير قانوني هلندڙ پيٽرول پمپن، يونٽن ۽ ايل پي جي گيس ڪن جاري ڪاروائين کي وڌيڪ تيز ڪن ڊپٽي ڪمشنر فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو روزاني جي بنياد تي هوٽلن ڍڍري شاپس ۽ کاڌي پيتي جي شين جو جائزو وٺن ملاوٽ ڪندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪن اجلاس ۾ آگاهي ڏيندي صحت کاتي جي عملدارن ٻڌايو ته ضلع ۾ غير قانوني ليبارٽرين ڪيٽولا سينٽرن، عطائي ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل سينٽرن خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون جاري آهي صحت کاتي جي عملدارن وڌيڪ ٻڌايو ته نواب شاهه ۾ تي سرڪاري بلڊ سينٽر ۽ 17 پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن جن کي پنهنجون سروسز وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن اجلاس ۾ ميئر قاضي محمد رشيد ڀٽي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر علي، ايم ايس يار علي جمالي سميت پاڪ فوج، موٽر وي پوليس، صحت، پوليس، لائيو اسٽاڪ، پاپوليشن، ليبر، سوشل ويلفيئر، اسسٽنٽ ڪمشنر، ٽائون آفيسرن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 21 | دعويٰ

نيو فوجداري ٿاڻي جي گشتي پوليس جي بروقت ڪاروائي دوران جاڳڻ لنڪ روڊ تي هٿيارٻند ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو پوليس موجب ٻه موٽر سائيڪلن تي سوار چار ڌاڙيل مارڻ ۽ ڦرلٽ ڪرڻ جي نيت سان بيٺل هئا. جن پوليس پارٽي کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني، پوليس جي جوابي فائرنگ دوران ساٿين جي گولي لڳڻ سبب هڪ ڏوهاري مارجي ويو جڏهن ته ٻه زخمي ٿي ويا. مارجي ويل ڏوهاري جي سڃاڻپ خان محمد عرف خانو سندراڻي طور ٿي آهي، جڏهن ته سنڌس ساٿي زخمي ڌاڙيل کي ساڻ کڻي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي واري هنڌ تان هٿيار، گوليون ۽ موٽر سائيڪل هٿ آيا آهن. ابتدائي جاچ موجب مارجي ويل ڏوهاري پوليس مقابلا، قتل ۽ ڦرلٽ سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو. مارجي ويل ڏوهاري جي لاش کي قانوني ڪاروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پوليس ضلعي ۾ ٻين ضلعن سان رڪاوٽ چيڪ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي ته جيئن ڀڄي ويل جوابدارن کي به گرفتار ڪري سگهجي.ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ QPM، PSP بروقت ڪاروائي تي ايس ايڇ او ۽ ٿاڻو ٽئين فوجداري اختر علي ابڙو ۽ مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پوليس ٽيم لاءِ تعريفي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن.

بقايا 22 | واعدا وفا نه ٿيا

جي باهه برقرار آهي تازو جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي صدر عرفان برفت جي پاٽني ڪان سينڊبوز روڊ اي سيڪشن ٿاڻي اڳيان موٽرسائيڪل ڦر ٿيڻ واري واقعي خلاف ۽ شهر اندر ٿيندڙ ڦرن ڌاڙن خلاف جامشورو جي سڄاڻ ڌرين سڄاهم وتدن صحافين طرفان هلنڊڙ احتجاجي تحريڪ جي حوالي سان ٽي ڏينهن اڳ لڳل سيوهڻ روڊ تي ڌرڻي ۾ ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو ۽ ايس ايڇ او اي سيڪشن ۽ ايس ايڇ او ٻي سيڪشن پهچي 48 ڪلاڪن ۾ ڦرجوابدار گرفتار ڪري رڪوري ڪرائڻ جي واعدي کي 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس واعدا وفا نه ٿيا پوليس ڪڪ پڇي بيٺو ناهي ڪيو جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ بدامني تي بنجو نه اچي سگهيو آهي ۽ تازو سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي مان شاگردن ڪان ڦر ٿيڻ واري واقعي خلاف سينڊبوز روڊتي شهرين طرفان ڪٽ ڪيو ويو جنهن ۾ شهري ڪاروباري ماڻهن وڏي تعداد شرڪت ڪئي وئي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي جامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي صدر عرفان برفت جي يوآءِ اڳواڻ مولانا انور بليدي دوڪاندار اڳواڻ رحيم جمالي قومي فنڪار دانش منظور ايس ٽي پي جي اڳواڻ ساگر عالماڻي راجا جکراڻي مدثر عباسي صحافي شهري ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ ريڏنو ابڙو ۽ ٻين خطاب ڪندي فيصلو ڪيو ويو شهر اندر وڌنڙ بدامني خلاف تحريڪ کي تيز ڪندي روزانو جي بنياد تي احتجاجي مظاهرو ڪرڻ ۽ عوامي رابطا مهم ڪرڻ بعد شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪرڻ بعد ايس ايس پي آفيس جو گهيراءُ ڪندي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 23 | اسپتال داخل

ولد غلام عباس ۽ ڳوٺ ملاڪڻ ۾ 30 سالا نوجوان پويت گهرو مسئلن سبب ڌار ڌار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سنڌن حياتيون بچائي ورتيون

بقايا 24 | ريلي

طرفان ريجنل آفيس کان آگاهي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي، جڏهن ته ريلي ۾ ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو شوڪت علي ابڙو ڊي اي او پرائمري انيس الرحمان جلباڻي، اي ايم ايس ايم اي سي ڊاڪٽر عبدالرشيد جوڻيجو، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري عبدالرشيد چانڊيو، آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر سهيل احمد شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر چانڊڪا پروفيشنل لاڙڪاڻو ڊويزن گدا حسين عباسي سميت پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي آفيسر ذيشان علي ميمڻ، فضل الله ميمڻ، وقار احمد سومرو، محمد انيس ڀٽو مسعود اختر سومرو، شمشاد ميراڻي، عبدالفتاح ڏهر توڙي مختلف اسڪولن جي ٻارڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي وئي اسڪ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مٿين عملدارن ريلي جي خطاب ڪندي چيو ته جڏهن ادارا صحيح شماريات جي بنياد تي ڪم ٿا ڪن ته پاليسيون انهن ماڻهن جي حقيقي ضرورتن جي عڪاسي ڪن ٿيون، اڄ جي ريلي اسان جي گڏيل ذميواري کي اجاگر ڪري ٿي ته ديٽا جي سڃاڻپ ۽ حقيقت تي ٻڌل منصوبابندي جي هٿي ڏئي سگهجي، هنن چيو ته ديٽا جي بنياد تي ملڪ جي اهم انگ اکر بابت ڄاڻ ملي ٿي ته جيئن آبادي جي واڌ شرح خواندگي صحت ۽ ٻين شعبن جا انگ اکر گڏ ڪري سگهجن ته جيئن شماريات جي پائيدار ترقي لاءِ استعمال ڪري سگهجي، هنن وڌيڪ چيو ته هر سال 20 آڪٽوبر تي عالمي شماريات جي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي ته جيئن معتبر ديٽا جي اهميت کي تسليم ڪري ان جي ذريعي خوشحال ۽ منصفانو سماج جوڙي سگهجي.

بقايا 25 | گشت تي

علائقي ۾ گشت تي موجود پوليس ۽ واردات جي نيت سان بيٺل ڏوهارين آمهون سامهون ٿيا جتي ٻنهي طرفن کان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پوليس تعلقي باغرائي جي اندر دهشت جي علامت سمجهيو ويندڙ ڏوهاري طالب عرف ٽيپو چانڊيو جيڪو مٿاهو جو رهواسي آهي، جو ته زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتو آهي. زخمي حالت ۾ گرفتار ڏوهاري آهي، جيڪو اڳ به جيل وڃي چڪو آهي، شروعاتي معلومات موجب گرفتار ڏوهاري سال 2013 ع کان وٺي هن وقت تائين قتل، ڀاترڪندي، پوليس مقابلي ۽ ناجائز هٿيار رکڻ جهڙن 10 کان وڌيڪ سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ تازي ٿيل وارداتن ۾ ملوث آهي، زخمي ڏوهاري کي طبي امداد لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڪيس داخل ڪري جاچ جاري آهي

بقايا 26 | اڳواڻن جو احتجاج

۽ ٻين بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هنن چيو ته بدين ضلع ۾ لڪين ايڪڙن تي سارين جو فصل پوکيو ويو آهي اهم ضلع جو هڪ ڪمايل آهي جيڪو مهانگي ٻج پاڻ زرعي دوائن ۽ گريڪ ڪيئي جي خرچ ڪان پوءِ تيار ڪري ٿو ته جنهن جو بنياد تي ٻيو سرمائيدار ڪارخانيدار واپاري ملي پڇڪ ڪري 22 سئو روپيا في مڻ اگهه ڏيڻ رهيا آهن جنهن ڪري ظلم آهي مهينو اگهه اڳ سارين جو اگهه 33 سئو روپيا مڻ ڏنو ويو هن وقت اگهه 22 سئو روپيا مڻ ڏنو ويو آهي جيڪو زيادتي ۽ زرعي معيشت کي تباهه ڪرڻ آهي ان کانسواءِ واپاري ابو دين مڻ تي ٽي ڪان جار ڪلو منهڻون ڪيو ٽنهون وٺي ڪٽوتي ڪري آبادگارن ۽ هارين کي پنهنجي هڪن سان لٽيو پيو وڃي ٿي جو هو ان سان ڪمي ڪري جنهن ڪري ته آبادگارن جو ٿو وڃي ٿو ٿيو ٿو ڪيون ويون جنهن جي نتيجي ۾ شوگر اسٽيٽ سنجيدگي بدين ۾ ڪمند جو فصل هاڻي ناٽي مانڊ پوکجي ٿو سارين جو آبادگارن سان زيادتيون ڪيون وڃن ٿيون ته آبادگار خرچ ۾ ته ٻي نڪري جا ٻين جو جين ٿو نه سبب ساريون سي پاڻ ان کي ناري ڪرن سبب ڪري آبادگار خرچ جو ٻيو هي مجبور ٿيندا . شوگر ملن جي بندش ڪانپوءِ رائس ملن پڻ آبادگارن جو شڪار ڪري رهيون آهن هنن چيو ته ڪارخانيدارن ۽ واپارين جي ظلم ٿيڻ هارين ۽ آبادگارن جي مسئلن تي سائين پکيچهڻ کي صوبائي حڪومت کان اپيل هاريون ۽ آبادگارن ٿي جي ٻيو ٻيو ٿيو ٿيون . جي بدران مونسچر جي ٽڪي تي آبادگارن ۽ ڪيڪ وڌيڪ ظلم ڪيو ٿو وڃي آهي اڳ جي اهر تي جي جي جي هن اندر ٿي 6 جانور بازار ۾ 5500 روپيا مڻ خريد ٿيڻ پيا ٿو ساريون 22 سئو روپيا مڻ خريد ڪرڻ وڏو ظلم آهي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ وزيراعلي سنڌ سيڪريٽري سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته سارين جو اگهه جيڪو مهينو اڳ 33 سئو روپيا من مقرر هو ان اگهه تي خريد ڪرڻ ۽ هارين ۽ آبادگارن کي معاشي تباهي کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ 23 آڪٽوبر تي ڊي سي آفيس بدين جي اڳيان هزارين هاري ۽ آبادگارن جو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 27 | خدشو

نياز علي سرائي گهر اندر پراسرار طور فوت ٿي ويو سنڌس لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ آندو ويو جتي اسپتال ۾ موجود فوتيءَ جي گهر واري مسمات راڻي ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجو مڙس اعجاز 3 ٽي ڏينهن اڳ سڪرنڊ شهر اندر ٽالي جي صفائيءَ دوران ساهڻ پوساتجي سبب سنڌس طبيعت خراب ٿي وئي هئي جيڪو ڪم تان موٽي گهر آيو ته اوچتو بخار ٿي پيو جنهن جي مون کيس دوا پڻ ڏني جنهن جي کاڻ بعد طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ويس ڪيس سڪرنڊ اسپتال کڻي آياسين جتي هو فوت ٿي ويو آهي. سڪرنڊ پوليس مطابق معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي هوڏانهن همدرد ٿري ايمبوليس سروس ذريعي سنڌس لاش کي تعلقه اسپتال کان گهر پهچايو ويو

بقايا 28 | اسپتال داخل

پيا زخمين کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته موٽر سائيڪل سوار تيز رفتار سان ڄڻ ڄاڻايا موڙ کان شهر طرف وڃي رهيا هئا ته اوچتو ڪين ڪار جو ٽڪر لڳو جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 29 | واڻهڙو قتل.

ڏٺي حاڪم جتوئي سميت ٻن واڻهڙو منظور ڪورائي ۽ ضمير ٽونيو کي گوليون هڻي بيدردي سان ٿاڻي تي قتل ڪري ڇڏيو ويو، گولي لڳڻ سبب هڪ ڄڻو سعيد جتوئي سخت زخمي ٿي پيو، اطلاع تي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي جتي پوليس واقعي بابت تفصيل ورتي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پئي طرف لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ ميروخان اسپتال منتقل ڪيا ويا جڏهن ته زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو جتي کيس طبي امداد ڏني وئي، هوڏانهن واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو ۽ علائقي ۾ پوليس پڪٽ قائم ڪيو ويو آهي، اهڙي واقعي کان پوءِ ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي هوڏانهن پوسٽ مارٽم بعد مقتولن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جتي لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 30 | الزام هڻيو پاڻ

سنجر پٽي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ڌاڙيل گل جان عرف منٺو جتوئي کي مقابلو ڪري قتل ڪيو هو پر وارثن ان جي قتل جو الزام اسان تي هنيو هو اڄ گل جان عرف منٺو جتوئي جي ڀاءُ پاڻيجن برقعو پائي حملو ڪري منهنجي ڀاءُ ۽ ٻن واڻهڙن کي بيگناهه قتل ڪيو آهي.

بقايا 31 | ريورٽ طلب

ناصر آفتاب نوٽيس وٺندي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ ساجد امير سدوزئي سان رابطو ڪري واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو چيو ته علائقي جي ڊي ايس پي کي پوليس نفري سان ڪري جوابدارن جي گرفتاري تائين موجود رهڻ جو حڪم ڏيڻ سان گڏ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کي حڪم ڪيو آهي ته جلد ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 32 | احتجاج

ٽي قل منگريو ,امير بخش منگريو ,ديدار علي منگريو پاران پوليس جي ٻنا جواز جٽي خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته سنڌ جي آهي شهيد بينظيرآباد ۾ ايس ايس پي سانگهڙ کان واقعي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي ڪيو ويو آهي ڪيس سان انصاف ڪيو وڃي ته هن جي صورت ۾ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويندو رابطي ڪرڻ تي ايس ايس ايچ او نثوباڻا ٻڌايو ته منگريا منشيات فروش آهن جڻين پوليس چڙهائي ڪئي ته منشيات فروشن پوليس مٿان فائرنگ ڪري سورنن سان پڪڙو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو انهن جو احتجاج بلاوجهه آهي منشيات فروشن کي ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏبو.

بقايا 33 | فائرنگ ۾ قتل

حاجي خان جو قتل ڪيس مقتول جي ڀاءُ حاجي خان ڪلوڙ جي فرياد تي پوليس ٿاڻي تي مهراڻ ولد نورحسن سيال مٿان داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ فريادي جاٽايو آهي ته شادي جي موقعي تي جوابدار پسٽل جا فائر ڪيا اسان جي روڪڻ باوجود هو فائرنگ بند نه ڪئي ۽ پستل جو ڪنٽرول مان نڪري ويو گولي منهنجي نوجوان پٽ شفيع محمد ڪلوڙ کي لڳي ۽ هو فوت ٿي ويو جوابدار رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويو

بقايا 34 | شڪار ٿي ويا

شڪار ٿي ويا ۽ هڪ عورت سميت ست ڄڻا زخمي ٿيا، پوليس موجب، واقعو وڻ ڪٽڻ جي تڪرار سبب پيش آيو. جيڪو ٿوري ئي دير ۾ سنگين هٿيارن جهيڙي ۾ تبديل ٿي ويو، ابتدائي اطلاعن موجب غلام سرور مهر ۽ راهيپ مهر موقعي تي ئي مارجي ويا، جڏهن ته سخت زخمي پيرل مهر علاج دوران فوت ٿي ويو، ان کان پوءِ هڪ عورت به زخمن جي شدت سبب فوت ٿي وئي، جنهن سان فوتين جو انگ چار ٿي ويو. فائرنگ ۾ هڪ عورت سميت ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا، جن کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي کين طبي امداد ڏني پئي وڃي، پوليس موجب، اطلاع ملندي ئي محمود باغ ٿاڻي جي وڏي نفري موقعي تي پهچي وئي، پر اڃا تائين ڪا گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي، علائقي ۾ تڪرار ۽ ڇڪتاڻ برقرار آهي ۽ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو مورچه بند آهن.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي ڊويزن شڪارپور

NO.XEN/HWAY:/TC/G_55/5042/2025 Dated:20_10_2025

واڌارو

هن آفيس جي تسلسل ۾ NIT نمبر TC/G-55/5036/2025 تاريخ: 17-10-2025 هيٺ ڏنل ڪم کي NIT ۾ شامل ڪيو ويندو

سيريل نمبر	ڪم جو تالو	ڪٽيل لاڳت	5% سوٽي رقم	ٽينڊر في	رڪوائرمينٽ	تڪميل جو مدو
	SAP پروگرام 26-2025					
01	تعلقي شڪارپور ۽ خانپور جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر لائيٽن جي انسٽاليشن.	30.000	1.500	5000	ڪٽيگري C-5 (CE-01، CE-10، PEC CFY	12 مهينا
02	تعلقي شڪارپور ۽ خانپور جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر لائيٽن جي انسٽاليشن.	20.000	1.000	5000	ڪٽيگري C-5 (CE-01، CE-10، PEC CFY	12 مهينا
03	ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت صبح جو 09:30 وڳي تائين هوندي. اخبار / ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت / ميزباني ڪانپوءِ صبح جو 10:30 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا ٽينڊر (ٽيڪنيڪل تجويزون) ساڳئي ڏينهن تي صبح 10:30 وڳي کوليا ويندا	10-11-2025				25-11-2025

سڀئي شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ ويز ڊويزن شڪارپور

INF-KRY.NO.3435/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

شڪارپور لڳ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي

ڳوٺ عامل مهر ۾ وڻ وڍڻ تان تڪرار سبب ڌرين هڪٻئي تي شديد فائرنگ ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب غلام سرور ۽ راهيب مهر موقعي تي ئي مارجي ويا، علاج دوران ٻيرل مهر عورت به فوت ٿي وئي

فائرنگ ۾ هڪ عورت سميت ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا ڪين فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو

صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۽ وڌيڪ ڪنهن ناخوشگوار واقعي کان بچڻ لاءِ اضافي نفري مقرر ڪئي وئي آهي: پوليس

لکي غلام شاھ /شڪارپور (نمائندن وٽان) مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي فائرنگ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. شڪارپور جي علائقي محمود باغ ٿاڻي جي حدن ۾ واقع ڳوٺ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاھ: مهر برادري جي تڪرار ۾ مارجيل ويلن جا لاش ايمبولينسن ۾ پيل آهن

لاڙڪاڻي ۾ زال ۽ ٻارن جي اغوا خلاف پورهيت جو احتجاج

سهرو سائين سان گڏجي زال ۽ ٻارن کي کڻي ويو آهي: اظهار سومرو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ميرو خان چوڪ واري علائقي جي رهواسي پورهيت پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏجي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پ پ چيئرمين سان مختلف اڳواڻن جون ملاقاتون، ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ

صوبائي وزير ناصر شاهه ۽ ڊپٽي ميئر ڪراچي شهرين جي مسئلن ۽ حل بابت آگاهي ڏني

پريس ڪلب جي صدر ۽ شاعر فاضل جميلي پ پ چيئرمين کي پنهنجو شاعري جو مجموعو ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ جي مکاني ادارن جي معاملن واري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ ڊانسن هيٺ اچي اڍائي سالن جو ٻارڙو فوت

عبدالصمد گهر اڳيان راند کيڏي رهيو هو ته ڊانسن مٿان چڙهي وئي

پوليس ڊانسن ڊرائيور کي گرفتار ڪري گاڏي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ڄامشورو(ڊ-ر) بسم الله ڪالوني ۾ سوئي گئس ڪمپني ڪنيڪشن هلندڙ ڊانسن هيٺان اچي اڍائي سالا معصوم ٽينگر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 9 سال قيد ۽ 80 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا

پوليس محمد ياسين ابڙو کي گرفتار ڪري 1100 گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي هئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي ٿرڊ ايڊيشنل سيشن ۽ منشيات جي روڪٿام جي خصوصي عدالت منشيات ڪيس ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلز نوابشاهه ۾ ڪتابي ميلو، مختلف پبلشرن ۽ ڪتاب گهرن پاران اسٽال لڳايا ويا

نوابشاهه(س ر) بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلز نوابشاهه ۾ "فئير ڪتابي ميلو"

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي گورنر پاران ڏياريءَ جي موقعي تي هندو برادري کي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڏياريءَ جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته هو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سنڌ بارڪائونسل جي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار ڊگهڙي ڀهتا، بار ڪائونسل پاران حمايت جو اعلان

ڊگهڙي(ن ع)سنڌ بارڪائونسل جي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوار سينئر وڪيل هاشم

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: ڊانسن هيٺيان اچي فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

خيرپور ۽ پرياسي ۾ مليريا جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي، 24 ڪلاڪن ۾ 50 ٻارڙا اسپتال داخل

مختلف علائقن مان سوميا، آيت، سميرا، محمد رضا، رخسانا شيرڊل، جيا فاطمه، ارحم عباس ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

اسپتال ۾ دوائن جي سخت ڪوٽ سبب پرائيويٽ ميڊيڪل اسٽورن تان مهانگيون دوائون خريد ڪرڻيون پئجي رهيون آهن: وارث

صحت کاتي کي فوري طور دوائن جي فراهمي ۽ اسپتالن ۾ ايمرجنسي بنيادن تي سهولتون مهيا ڪرڻ گهرجن

خيرپور(ڊر) خيرپور ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ مليريا جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي آهي صرف 24 ڪلاڪن دوران 50

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شاهپورچاڪر ۾ ڳوٺاڻن جو ڪڌڙو پوليس جي ڌاڙين خلاف احتجاجي مظاهرو

پيچوهو فارم واسي محمد عيسي، قاسم ڏاهري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس بغير وردي جي معصوم شاگردن کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي، انصاف ڪيو وڃي

شاهپورچاڪر(ن ع) پيچوهو فارم جي ديهه ٻهرين جي رهواسين ڪڌڙو پوليس جي مبينه ڌاڙين خلاف حاجي محمد عيسي ڏاهري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: صوبائي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

نوابشاهه ۾ ايپڪس ڪميٽي جو اجلاس، ڪاروائين جو جائزو ورتو ويو

ضلعي ۾ هلندڙ غيرقانوني ليبارٽريز ۽ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪئي

شهر ۾ ٽريفڪ جي آمدرفت کي يقيني بڻائڻ لاءِ بهتر پلان ترتيب ڏنو وڃي

نوابشاهه(رپورٽ مشرف پٽي) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ نيشنل ايڪشن پلان/ايپڪس

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس پاران مقابلي بعد هڪ ڌوهاري مارڻ ۽ ٻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڄاڳڻ لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 4 ڌاڙيل پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ دوران هڪ ڌوهاري خان محمد عرف خانو سنڌراڻي مارجي ويو ۽ ٻن زخمين کي ساٿي ڪڍي فرار ٿي ويا

ايس ايس پي پاران مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پوليس ٽيم لاءِ تعريفي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا

شڪارپور (ڊ ر) پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو ٻه زخمي هٿيار ۽ موٽر سائيڪل هٿ، تفصيل موجب شڪارپور جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ بدامني وڌي وئي، پوليس جا واعدا وفا نه ٿيا

شهري ايڪشن ڪميٽي پاران عوامي رابطا مهم ۽ هڙتال جو چتاءُ

ڄامشورو (ڊ-ر) ڄامشورو شهر اندر بدامني

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ٽائون ملازمن پراسرار طور فوت، زال پاران گٽر ۾ ساهه ٻوساٽجڻ جو خدشو

ڪچو ملازم 18 ورهين جو اعجاز علي ولد نياز علي سرائي گهر اندر فوت ٿي ويو

مڙس جي 3 ڏينهن اڳ گٽر جي صفائي دوران طبيعت خراب ٿي هئي اڄ فوت ٿي ويو آهي: زال

سڪرنڊ (ن ع) ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جو ڪچو ملازم 18 ورهين جو اعجاز علي ولد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، ٻه ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

خيرپور(ڊر)خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چانديا موڙ واري علائقي ۾ تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار معشوق ميرل بجار مري زخمي ٿي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ساؤٿ سٽي اسپتال ۾ سردار علي گوهر مهر ۽ سردار علي نواز مهر جي والده جي طبيعت پڇي رهيو آهي چيف سردار محمد بخش خان مهر ۽ علي انور خان مهر پڻ موجود آهن

سنڌ يونيورسٽي جي هاسٽل اندر گولي لڳڻ سبب ٻيو شاگرد زخمي

جواد مصطفيٰ ڏامراهه کي سنڌس سائي فراز ٿنيو جي پسٽل مان گولي لڳي

فراز ٿنيو پسٽل صاف ڪري رهيو هيو اوچتو گولي ڇٽڻ سبب شاگرد زخمي ٿيو آهي: دوست

ڄامشورو(ڊ-ر) سنڌ يونيورسٽي هاسٽل اندر گولي لڳڻ سبب شاگرد زخمي. بلاڪ هاسٽل روم نمبر 24 ۾ گولي لڳڻ سبب

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڇتن ڪتن حملو ڪري ٻن ڄڻن کي ڏاڍا زخمي ڪري ڇڏيو

فيض آباد ڪالوني واسي مير حسن لنجواڻي ۽ جانب علي مگنهجو کي ڪتن چڪيو

زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ويڪسين نه ملڻ ڪري وارث پريشان

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۽ اس پاس ڇتن ڪتن جو آزار ڇتي ڪتي حملو ڪري ٻن ڄڻن کي ڏاڍي سخت زخمي ڪري ڇڏيو اسپتال

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سڳيون پرسان معصوم ٽينگر بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ الهورايو ڀٽو ۾ 7 ورهين جو ارتضا علي ڀٽو رانڌ ڪندي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

سڳيون (ن ع) سڳيون پرسان ڳوٺ الهورايو ڀٽو ۾ معصوم ٽينگر بجلي جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

دادو پوليس پاران گم ٿيل 6 ٻارڙن کي هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو

دادو(ڊ ر) دادو پوليس انسانيت ۽ خدمت خلق جو بهترين مظاهرو ڪندي ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي جي هدايتن تي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي واسي نوجوان قطر ۾ روڊ حادثي سبب فوت، لاش اباڻي ڳوٺ پهچڻ تي سوڳ جي لهر

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي قطر ۾ روڊ حادثي سبب فوت ٿي ويل نوجوان حسن علي بروهي جو مڙهه اباڻي ڳوٺ پهتو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو لڳ هفتو اڳ قتل آمر لاشاري جو ڪيس 4 جوابدارن خلاف داخل

مقتولا جي ڀيڻ شيمان جي فرياد تي وقار گرگيج ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

داد لغاري پوليس قتل ڪيس ۾ گهربل سڀني جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ميرپورماٿيلو (ن ع) هڪ هفتو اڳ ٻي دردي قتل ٿي ويل آمر ڏال نديم لاشاري جو قتل ڪيس مقتولا جي ڀيڻ شيمان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد بينظير انڪم اسپورٽ پروگرام جا پيسا نه ملي سگهيا

22 يونيٽن مان صرف سينٽر اندر 9 هلڻ سبب مستحق عورتن جو احتجاج

ڪرپٽ آفيسرن کي فوري طور معطل ڪري رقم ٻنا ڪٽوتي جي ڏياري وڃي: متاثرين

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد بينظير انڪم اسپورٽ پروگرام جا پيسا نه ملي سگهيا هر طرف ماحول خراب

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ عورت زخمي

دادلوءِ ۾ زمين جي مالڪي تان فائرنگ ۾ 70 ورهين جي مسمات سچڻ زخمي

زخمي کي پوليس ڪٺائي تعلقي اسپتال داخل ڪرايو متاثرن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل سنڌوجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ طاهر چاچڙ لڳ دادلوءِ ۾ زمين جي مالڪي تان چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي واسي پيرسن کي نافرمان پٽ تشدد بعد گهران ڪڍي ڇڏيو

وارڊ نمبر هڪ واسي راڻو اڪبر علي صحافين آڏو نافرمان پٽ جي زيادتين خلاف روئي ڏنو

پٽ اڪرم فوجي سخت تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پريس ڪلب ۾ معزور پيرسن راڻو اڪبر علي نافرمان پٽ جي ڏانهن ڪٽي پهچي ويو . پرياروڊ جي وارڊ نمبر هڪ جي ٿلو محلي واسي معزور پيرسن راڻو اڪبر علي پٽ جي ظلمن ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ پرياسي عورت سميت 3 ڄڻن پاران آپگهات جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت سومري زال پريم . نوجوان حاڪم

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

شماريات جي عالمي ڏهاڙي تي لاڙڪاڻي ۾ آگاهي ريلي

ڊي ايم او لاڙڪاڻو شوڪت علي ابڙو ڊي اي او پرائمري انيس الرحمان جلباڻي ۽ ٻيا شريڪ

صحيح انگ اکر گڏ ڪرڻ سان ملڪ لاءِ بهتر پاليسيون جوڙي ٿيون: مقرر

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ شماريات جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪستان بيورو آف سٽيسٽڪس

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ 10 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ ملوث جوابدار گرفتار

پوليس طالب عرف ٽوپو چانڊيو کي مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري هدايتن تي ٿاڻي سول لائين جي حد ميونسپل اسٽيڊيم واري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ سارين جا اڳهه نه ملڻ ۽ ناجائز ڪٽوتي خلاف هاري آبادگار تحريڪ اڳواڻن جو احتجاج

مظاهرين خليفه طارق عزيز ميمڻ عزيز ڏيرو شاهنواز سيال پير پهو شاهه عبدالله چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪارخانيدارن ۽ واپاري 22 سئو روپيا مڻ خريد ۽ چار ڪلو موئسچر ڄاڻائي ڪٽوتي ڪري رهيا آهن: مظاهرين

چونڊيل نمائندا ۽ ڊپٽي ڪمشنر سارين جو مناسب اڳهه نه ڏيارين ته 23 آڪٽوبر تي ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين

بدين (ڊ ر) بدين جا چونڊيل ايم اين اي ايم پي اي ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين سارين جو مناسب اڳهه ڏياري هارين ۽ آبادگارن کي معاشي تباهي کان بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن اهڙو اظهار هاري آبادگار تحريڪ جي اڳواڻن خليفه طارق عزيز ميمڻ عزيز ڏيرو شاهنواز سيال پير پهو شاهه عبدالله چانڊيو علي حيدر پنهور عطا چانڊيو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سڄاول جوڻيجو پرسان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گهر ڌڻي ۽ ٻه واهيڙو قتل، هڪ زخمي

ڳوٺ محمد ابراهيم جتوئي ۾ برقعو پهريل هٿياربندن گولين هڻي حاڪم جتوئي، منظور ڪورائي ۽ ضمير ٿيبو کي قتل ڪيو

گولي لڳڻ سبب هڪ ڄڻو سعيد جتوئي سخت زخمي ٿي پيو پوليس لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ ميروخان اسپتال منتقل ڪيا

پوسٽ مارٽم بعد مقتولن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

لاڙڪاڻو(رپورٽ: منير سومرو) ميروخان پرسان سڄاول جوڻيجو ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد ابراهيم جتوئي تي پراڻي تڪرار تان برقعو پهريل هٿياربندن حملو ڪري ڏنو جتي هٿياربندن انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري گهر

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي واقعو جو نوٽيس ورتو، ايس ايس پي کان رپورٽ طلب

لاڙڪاڻو: واقعي جو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڌاڙيل گل جان جتوئي کي پوليس ماريو ۽ وارثن اسان تي الزام هنيو: ڀاءُ

گل جان جتوئي جي ڀاءُ ۽ ڀاڻيجن برقعو پائي حملو ڪري منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو

لاڙڪاڻو: ان حوالي سان مقتول حاڪم جتوئي جي ڀاءُ غلام ياسين جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هڪ مهينو اڳ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو لڳ جسقم اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ جو پٽ فائرنگ ۾ قتل، ڪيس داخل

ڳوٺ صديق ڪلوڙ ۾ شادي تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ تهذيب عرف جبل خان ڪلوڙ مارجي ويو

مقتول جي پيءُ حاجي خان ڪلوڙ جي فرياد تي تي مهراڻ ولد نورحسن سيال خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار اسان جي روڪڻ باوجود هن فائرنگ بند نه ڪئي ۽ گولي لڳڻ سبب پٽ مارجي ويو انصاف ڪيو وڃي: مدعي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ صديق ڪلوڙ ۾ گذريل رات دير سان جسقم ضلعي گهوٽڪي جي صدر فقير رمضان ڪلوڙ جي پٽ تهذيب عرف جبل خان ڪلوڙ جي شادي تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويل پائلٽي شفيع محمد پٽ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڄام نواز علي ۾ منگريا برادري جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

پوليس بناجواز گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪيو آهي: مظاهرين

منگريا منشيات فروش آهن چڙهائي ڪئي ته پوليس مٿان لنهين سرون سان حملو ڪيو: پوليس

ڄام نوازعلي (ن ع) ٽنڊو آباد شهر ۾ منگريا برادري جي گهر ته بنا جواز پوليس جي چڙهائي چادر ۽ چوديواري جي تقدس پائمال گهر ۾ عورتن ته سخت تشدد ڳوٺاڻن جو پوليس تي ليلن ۽ پٿرن سان حملو پوليس جي فائرنگ پوليس جي تشددت ۾ هڪ عورت زخمي ان موقعي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5



ڏياري جو خوشيون، امن، محبت ۽ هم آهنگي جو پيغام

حڪومت سنڌ طرفان

هندو برادري کي ڏياري جي شڀ موقعي تي

دلي مبارڪباد

روشنين جو ڏهاڙو اسان جي معاشرتي هم آهنگي

پائي چاري ۽ امن محبت جي فروغ جو مظهر

اقليتي معام ملن وارو کاتو، حڪومت سنڌ

INF/KRY/3443/25

Sui Southern Gas Company Limited SSGC

سوئی ناردرن گیس
Sui Northern Gas
Media Affairs Department | میڈیا افیئرز ڈیپارٹمنٹ
/SNGPLofficial

وزیرِاعظم پاکستان
محمد شہباز شریف کی جانب سے

عوام کیلئے خوشخبری

گھریلو صارفین کے لئے گیس کنکشنز پر عائد پابندی کا خاتمہ

حکومت کے مؤثر اقدامات کی بدولت

درآمدی RLNG ایل پی جی کے مقابلے میں 30 فیصد تک سستی
جس سے عام عوام کو توانائی کے اخراجات میں نمایاں کمی ملے گی

آج ہی گھر بیٹھے اپنا نیا RLNG گھریلو کنکشن حاصل کرنے کے لیے سوئی کمپنیز کی ڈیجیٹل ایپ
SSGC Customer Connect اور SNGPL ConnectOn
کے ذریعے درخواست جمع کروائیں

نئے گیس کنکشنز کے حصول میں آسانی
سستی، محفوظ اور ماحول دوست
گیس سپلائی کی فراہمی

یاوزٹ کریں ویب سائٹس

www.sngpl.com.pk | www.ssgc.com.pk

مزید تفصیلات کیلئے
سوئی کمپنیز کے ریجنل دفاتر
یا ہیلپ لائن نمبرز پر رابطہ کریں

0800-01199
سوئی ناردرن ہیلپ لائن

0800-11990
سوئی سدرن ہیلپ لائن

ایپ ڈاؤن لوڈ کرنے کیلئے QR کوڈ سکین کریں

وزارتِ توانائی (پٹرولیم ڈویژن)
حکومتِ پاکستان

PID(K)1120-D/25

هي، اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.